تون ڪير؟

(ڪهاڻي سنگره)



ليکڪا :

ڪويتا ٺهلياڻي

تون کیر

تون ڪير؟

(ڪهاڻي سنگره)

ليکڪا :

ڪويتا ٽهلياڻي

ٻه اکر

هر ڀاشا وانگر، سنڌيءَ ۾ ٻه ڪهاڻيءَ جي صنف ڪافي پُراڻي آهي. ائين چوڻ ۾ ٻه وڌاءُ نه ٿيندو ته سنڌي ڪهاڻي ٻين ٻولين جي ڪهاڻيءَ کان پُٺتي نه آهي. جيڪڏهن ٻين ٻولين جون سٺيون ڪهاڻيون سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيون آهن ته سنڌيءَ جون سٺيون ڪهاڻيون ٻه هندي، مرهٽي، اُردو، گجراتي، تمل، تيلگو، مليالم، بينگالي، پنجابي ۽ انگريزيءَ ۾ انواد ٿيون آهن ۽ ادبي حلقن ۾ ساراهيون ويون آهن.

وقت کي وڏي طاقت آهي. ڳالهه فئشن جي هُجي يا پهراوَ جي، فلمن جي هجي يا گيت - سنگيت جي، بدلاءُ قدرت جو قانون آهي، دنيا جو دستور آهي. اَڇون ڳالهه جي ڳاڻي تي، ڪهاڻين جي هن مجموعي تي. ڪهاڻيءَ جو اوائلي روپ آکاڻي رهيو آهي. اڳتي هلي آکاڻي ڪهاڻي بڻي، مِني ڪهاڻي، نئين ڪهاڻي ۽ اَڪهاڻي ٻه پاڻکن اڳيان پيش ٿي، اَدبي ادارن ۽ رسالن ۾ جاءِ ورتي، نقادن جي نظرن مان گذري.

ڪڏهن ڪڏهن ائين لڳندو اٿم ته مقبول ڪهاڻيڪارن ۾ مانائي، نَون ڪهاڻيڪارن کي گهربل سونهپ جي اَڻاٽ يا ائين چوان ته نون ڪهاڻيڪارن طرفان سُٺين ۽ سَڦل ڪهاڻين طرف ڌيان نه ڏيڻ، اپياس ۽ اورچائيءَ جي کي قدر ڪميءَ سبب، اڄ ڪهاڻي آکاڻيءَ طرف مُڙي رهي آهي. ويجهڙائيءَ ۾ ڪيترائي ڪهاڻي - سنگره نڪتا آهن، سڀ ته نه پر اڌ کان مٿي آکاڻين جا مجموعا ئي لڳن ٿا.

پروفيسر ڪويتا ڻهلياڻي ڪافي وقت کان سنڌيءَ ۽ هنديءَ ۾ قلم آزمائي رهي آهي. ليک لکيا اٿس، ڪوتائون لکيون اٿس، ڪهاڻيون ٻه قلمبند ڪيون اٿس. ’تون ڪير؟‘ عنوان

◆ تون ڪير ؟ : (ڪهاڻيون)

◆ ليکڪا : شريمتي ڪويتا ٽهلياڻي
٥-بي، پي.سي.ايم.سي. ڪالوني، اجميرا ڪامپليڪس، پمپري، پُٽي - ٤١١٠١٨
(مهاراشٽر). فون : ٢٧٤٥٥٩٨٣

◆ پهريون ڇاپو : اَپريل ٢٠٠٦ع

◆ قيمت : ١٠٠ روپيه ◆ ڪاپيون : ٥٠٠

◆ ڪور ڊزائين : شري نريندر ۽ پرمانند چنچلاڻي

◆ حق واسطا : رچناڪار وٽ محفوظ

◆ ڇپائيندڙ : بيسٽ سنڌي سڀا - ممبئي،
C/o هولارامَ هنس، 4/56 نرمل جيون،
ٺاڻو - E، 400603

◆ پرنٽر : سورڻ ڪلا (پرنٽرس ائنڊ ائڊورٽائيزرس)،
پُٽي. فون : ٢٦١٢٩١٢٧ - (٠٢٠)

◆ ٽائيپسيٽنگ : هرڪشن سامتاڻي، پُٽي فون : ٢٦١٢٣٧٥٦

◆ **Toon Ker ?** (Stories)

◆ **Written by** : Mrs. Kavita Tahiliani
5-B P.C.M.C. Colony, Ajmera Complex, Pimpri, Pune - 411 018,
(Maharashtra) Phone: 27455983

◆ **First Edition** : April 2006

◆ **Price** : 100 Rupees ◆ **Copies** : 500

◆ **Cover Design** : Mr. Narendra & Parmanand Chanchlani

◆ **Published by** : Best Sindhi Sabha Mumbai
C/o Holaram Hans ,4/56 Nirmal Jeevan, Thane (E) - 400603

◆ **Printer** : M/s SWARNAKALA (Printers & Advertisers), Pune.
Phone (020) 26129127

◆ **Typesetting** : Mr. Harkishin Samtani, Pune Ph.: 26123756

هن مجموعي جي خوبري اِها به آهي ته ڪردارن بابت سوچڻو ويچارڻو نٿو پوي، سڀ جا سڀ ڏٺل وائٺل، آس پاس ۾ رهندڙ، جاتل سڃاتل پيا لڳن. ’تون ڪير؟‘ ۽ ’ڳُلو‘ سٺيون رچنائون آهن. دلِي مبارڪون ۽ نئين نرالي، بهترين رچنا - سنگره لاءِ اڳواٽ شُڀ ڪامنائون.

پُٽي،
19-11-2005

گوورڌن شرما ’گهايل‘
پريزيڊنٽ،
سِنڌي اَدبِي سڀا، پُٽي

وارو هي مجموعو پاڪن جي هٿن تائين پهچايو اٿس. پورو وشواس اٿم ته نه رڳو هن پيڙهه ليکڪا جا وديارٿي ۽ سهيوگي هن ڪتاب جو لطف ماڻيندا پر اَدبي برادريءَ جا ڪيترائي قربدار قلمڪار پڻ هن ڪتاب جو قدر ڪندا.

هن مجموعي ۾ ڪي ننڍيون آکاڻيون آهن ۽ ڪي ٿوريون وڏيون. هن مجموعي مان هڪ ڳالهه ظاهر آهي ته ليکڪا جو نارِي - من هر ڪهاڻيءَ ۾ مؤجود آهي، نارِي جا ظلم سهي ٿي، اُف نٿي ڪري. عنوان الڳ - الڳ آهن پر موضوعن ۾ علحدگي گهٽ نظر اچي ٿِي. ٻولِي سولِي، سڌي ۽ پاٺڪ جي من تي سڌو اثر ڇڏيندڙ آهي. اِها هن ليکڪا جي ڪاميابِي آهي.

ڪويتا جا ڪردار ڪالپنڪ نٿا لڳن. ليکڪا جيڪي ڪجهه ماڻيو آهي، ڀوڳيو آهي، سوچيو آهي، سمجهيو آهي، هن مجموعي ۾ مؤجود آهي. ائين محسوسي سگهجي ٿو ته هنن ڪهاڻين جو مرڪزِي ڪردار هڪڙو ئِي آهي، جنهنجي اِرد گرد ڀوڳنائون ڀوڳيندڙ، تڪليفن سان منهن مقابل ٿيندڙ، حالتن سان نهڪندڙ، تقدير تي ڀاڙيندڙ، الڳ - الڳ نالا هوندي به هڪجهڙائِي رکندڙ ڪردار، اُهو مرڪزِي ڪردار ئِي آهي.

ممتا مئي ماءُ، آدرش پتنِي، چرتروان ۽ سوابيماني نارِيءَ جو چاهي ڪنور دل، سوارٿِي، نردئِي ۽ پيڙا پهچائيندڙ پرش جو پاڇو هنن ڪهاڻين ۾ پکڙيل آهي.

مجموعي جون سترهن ئِي ڪهاڻيون پڙهي پاٺڪ ڪي پنهنجِي راءِ جوڙڻ گهرجي. ’مهان ناري‘ جي نرملا هجي يا ’اڪيلِي‘ جِي مان، ’ڪاري ڇايا‘ جِي ڪومل يا ’صبر جي ديوي‘ جِي ميران، ’شرڌا جِي ديوي‘ جِي شانتِي، ’لکيو جو للاٽ تي‘ جِي نشا يا ’اهم‘ جِي چندرا، ’واڳ ڏٺِي تنهنجِي وس‘ جِي نيلم يا ’تو مونکي ڪونه سڃاتو‘ جِي ماءُ، جڻ ته سڀ جا سڀ ڪردار الڳ الڳ جسمن وارا، پوشاڪن وارا آهن پر منجهن روح هڪڙو ئِي آهي.

مهرباني

اِها چوڻِي آهي تہ هر ڪامياب پُرش جي پنيان هڪ اِستريءَ جو هٿ آهي پر منهنجي حالت ۾ يا ائين چوان تہ 99% ڪامياب اِسترين جي پنيان پُرش جو سهڪار آهي تہ اِهو وڌاءُ نہ ٿيندو. مان پنهنجي پتي شري اشوڪ ٿهلياڻيءَ جي احسانمند آهيان جنهن جِي همٿ افزائيءَ سبب هيءُ ڪتاب توهانجي هٿن ۾ آهي.

مان شڪرگذار آهيان پڻي جي اَدبِي سڀا جي پريزيڊنٽ شري گووردن شرما 'گهايل' جِي جنهن پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي ڪهاڻين تي نظرثاني ڪري ٻہ اَکر لکِي ڏنا آهن.

مان بيسٽ سنڌي سڀا، مُمبئي جي پريزيڊنٽ مانيور شري هولارام هنسُ جِي تهدل شڪرگذار آهيان جيڪو وقت بہ وقت پنهنجِي ڪتابن جي سوکڙين سان پريرڻا ڏيندو آهي ۽ تاثرات لکڻ جِي عنايت ڪئي اَٿس.

مان ڀاءُ هرڪشن سامتاڻيءَ کي وساري ڪين سگهنديس جيڪو فون ذريعي پنهنجون ڪهاڻيون ٻُڌائيندو آهي ۽ اَدبِي کيتر جي سرگرمين کان واقف ڪندو آهي. 'تون ڪير؟' ڪتاب جي ٽائيپسيٽنگ بہ سهڻِي ڪئِي اٿائين.

مان ڀاءُ نريندر چنچلاڻِي جِي بہ شڪرگذار آهيان، جنهن سُهڻي نموني ۾ ڪور ڊزائين ۽ پرنٽنگ ڪري ڏنِي آٿم.

ڌنيواد،

ڪويتا ٿهلياڻِي

تاثرات

قلمڪار ڪلاڪار آهي. فنڪار کي ٽين اک ٿيندي آهي، جنهن سان هو انسانيِ عالمگير جذبن کي پنهنجي ڏانوَ ۽ ذات سان پنهنجي ساهت ۾ پيش ڪندو آهي. اُهي عالمگير جذبا آهن دک ۽ سک، آس ۽ نراس، مان ۽ ايمان، همٿ ۽ وشواس، وغيره. هن ڪهاڻين جي ڪتاب ۾ پيڻ ڪويتا ٿهلياڻيءَ ناريءَ جي ڪردار کي ڪٽِي پنهنجون ڪهاڻيون اُڻيون آهن. سُٺي ڪوشش آهي؛ 'تون ڪير؟' ۾.

جيئن مونکي مالهيءَ ۽ ڪيرت، پوپٽيءَ ۽ پريو وفا همٿايو هو ڪهاڻيون لکڻ لاءِ، تيئن آءٌ بہ پيڻ ڪويتا کي همٿائڻ سپاويڪ پيو سمجهان.

منهنجي خيال موجب 'ڪهاڻِي ڪلا' آهي، پنهنجي اندر جي آواز کي اوناڻڻ. هر انسان هڪ ڪهاڻِي آهي. انسانيِ جيوت مان هن پيڻ کي ڪهاڻيون چورايون آهن ۽ پيش ڪيون آهن. اسانجوُ فرض آهي اُهي پڙهڻ، ڪيس رايو ڏيڻ ۽ ڪيس همٿائڻ ۽ بس!

08/01/06

هولارام هنس

بيست سنڌي سڀا، ممبئِي

4/56، نرمل جيون، ٿاڻہ - E. 400603

مهاڳ

تون ڪير؟

من جي موم!

ڀڳوان توکي هردي جي بدلي ڪو موم جو ٽڪر ڏنو آهي جو جهٽ ڀڳڙجي پاڻي ٿي وڃين. ڪنهن جي چند مٺن ٻولن تي ڦسلجي وڃين ۽ پنهنجي زندگيءَ جي حسين خوابن، تمنائن، ارادن کي سمرپڻ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃين.

وشواس جي ديوي!

تنهنجي هردي ۾ وشواس جو مندر آهي. جتي تون هردم پنهنجي دل جي سچائي سان وشواس جي جوت جڳائيندي ٿي رهين. اي ديوي! تون وشواس جو ديپ ٻارين ٿي انڪري نه صرف تون خود ٻين تي وشواس رکين ٿي بلڪ تون خود وشواس آهين.

پريم پنڌيان پاڳل!

تنهنجي زندگيءَ جو مقصد صرف پريم آهي. تو پريم بنا ڪو ٻيو مقصد سامهون رکيو ڪينهي. تون پريم کي پائي زندگي کي پريپورڻ سمجهي مسڪرائين ٿي. پريم کي نه پائي تون ٻنهه پاڳلن جيان هلت هلين ٿي. پريم جي اڳيان تون پنهنجو سڀ ڪجهه بليدان ڪرڻ لاءِ تيار رهين ٿي.

سوُرن جي ساٿڻ!

سور جڻ توکي ورثي ۾ مليا آهن. ويدنا سان وواهه رچائي، تون سڀ ڪجهه خاموش سهندي آهين. ڪنهن جي سهاري

فهرست

مهاڳ - تون ڪير؟ 1

١. گُلو 4

٢. اَهم 12

٣. اڪيلي 18

٤. واڳ ڏٽي تنهنجي وس 24

٥. مهان ناري 31

٦. ميڻ بتي 35

٧. تو مونکي ڪونہ سڃاتو 41

٨. لکيو جو للاٽ ۾ 51

٩. ننڊ جي گوري 57

١٠. شرڌا 61

١١. آزاديءَ جو ساهہ 65

١٢. صبر جي ديوي 69

١٣. سوال 72

١٤. ڪاري ڇايا 75

١٥. احساس 93

١٦. چنڊ ۽ پريشانيون 102

١٧. مستقبل جو موت 107

عجيب و غريب جادو سمايل آهي. سوچڻ لاءِ جڏهن تون ڳنڍي تي هٿ رکين ٿي تہ ائين ٿو لڳي جڻ تون معصوم دلڪش ادائن جي مالڪ آهين.

سؤمان پسند ناري !

تون سڀ ظلم خاموش ٿي سهندي رهندي آهين. پر جڏهن تنهنجي من جي خودداري بيدار ٿئي تڏهن تون وڻ گهوڙو بڌڻ کين ڏين. پنهنجي نازڪ ۽ ڪومل زندگيءَ جو سؤدو تون خودداريءَ سان ٿي ڪرين. سؤمان اڳيان تون پنهنجي زندگيءُ جا خواب، اڌورين حسرتن جو بہ گلو گهوٽڻ ۾ کين ٿي هچڪين.

ممتا مئي ماءُ !

ممتا بنا تون اڌوري آهين. نو مهنا ٻار کي پيٽ ۾ سمائي، سور سختيون سهين ٿي. ٻار کي پالي نپائي لائقيءَ تي پهچائين ٿي. تنهنجو پيار سوارٿ کان خالي آهي. تون هميشه پنهنجي اؤلاد کي آسيس ڪرين ٿي. تون هميشه ممتا جا موتي لٽائيندي ٿي رهين.

اِستري قادر جو ڪرشمو آهي. ’تون ڪير؟‘ ڪهاڻين جو مجموعو اِستري مرڪز جي اِردگرد گهمندو رهي ٿو. اِستري صدين کان دٻايل، ستايل ۽ مجبور رهي ٿي. پرش سماج ناري پاتر کي سمجهڻ جي گهٽ ڪوشش ڪئي آهي. ننڍيون ننڍيون ڳالهيون بہ اِستريءَ کي پيڙا پهچائين ٿيون. اِستري دل سان باريڪيءَ کي جاتو، سمجهيو ۽ پرکيو اَٿم. هي مجموعو اِستري ذات جي مسئلن ۽ پيڙا کي سمجهڻ ۾ هٿي ڏيندو تہ منهنجي هيءَ ادبي ڪوشش برثواب ٿيندي.

ڪويتا ٺهلياڻي

جي اڏين ٿي تون جائز ناجائز حڪم برداشت ڪندي آهين. تنهنجو اندريون من سسڪندو آهي ۽ ٻاهران تون مرڪ جا خزانا لٽائيندي آهين. سُور شاريرڪ ٿِي نہ بلڪ تون مانسڪ بہ ڀوڳيندي آهين.

سڪي سندرتا جي!

قادر جي ٺاهيل قدرت ۾ تون ٿِي بيحد حيرت انگيز آهين. تنهنجِي سندرتا جو جادوئِي نشو ڪير پيئي تہ هو هوش گنوائِي وهي. تنهنجي سندرتا ۾ ماڪ ڦڙن جِي نرملتا آهي. چنڊ جهڙي سيتلتا آهي. تنهنجي سندرتا لاءِ انيڪ سهڻين شين جِي تشبيهہ ڏنِي ويندِي آهي.

نازڪ نار!

تون نازڪ نار آهين. تو ۾ نزاڪت ۽ نفيسائِي گُلاب جي گُل جي پتين وانگر آهي. گُلاب جي گُل کي نرمائيءَ سان ٿِي ڇُهِي سگهبو آهي. اگر بيدرديءَ سان ڪو ظالم گُلاب کي ڇهي ٿو تہ گُلاب جي گُل جون پتيون پکڙجِي وينديون.

مستاني چال!

تنهنجِي مستانِي چال کي ڏسِي ماڻهو سڌ ٻڌ کوهي ٿا وهن. جڏهن هڪ لنبِي چوٽِي تنهنجي مستانِي ۽ ٻهڪِي ٻهڪِي چال سان لُڏي ٿِي تڏهن نہ معلوم ڪيترن روڊ سائيڊ رومين جون دليون پنهنجي ور وڪڙ زلفن ۾ قيد ٿِي ڪري ڇڏين ۽ اٽڪاڻ بڻجِي پنهنجِي مستانِي چال سان تڙڦائيندي ٿِي رهين.

دلڪش ادائن جِي مالڪڻ!

تون ڳالهائين جڻ لڳي تہ ڦول پيا ورسن. تنهنجي آواز ٻڌڻ سان جڻ سنگيت جو احساس ٿئي. تنهنجي نهار ۾ جڻ

تنهنجي پوٽر،معصوم مکڙي جي سامهون مون ڪندا نظرانداز
ڪري ڇڏيا. تون مون لاءِ هڪڙو رانديڪو بڻجي پئين ءَ. تنهنجي
ادا، تنهنجو مسڪرائڻ، تنهنجي نهار، من ۾ جاڳائي پيئي
صرف پيار..... صرف پيار! منهنجي ڏينهن تي توڙي راتين
تي تنهنجو قبضو هو. تون من ٺار بڻجي هوا جو مٺڙ جهونڪو
بڻجي، مون وٽ هلي آئين ءَ.

اُف! خوشيءَ جا پل گهڻو وقت قائم نٿا رهي سگهن. اُڏامي
ويا..... توکي بخار ۽ کنگهه پئي ستايو. تنهنجي پاپا لاءِ اُهي
رواجي ڳالهيون هيون ته سيني ٻارن کي تڪليف ٿيندي آهي.
پر منهنجو من قبولڻ لاءِ تيار ئي نه هو. آخر ماءُ جي دل
آهي جيڪا ٻارن سان مانسڪ نموني ۾ جڙيل ٿئي ٿي. مان
تنهنجي تڪليف جو احساس ڪري سگهان پيئي. تون سڄي
رات کنگهه جي ڪري سمهي نه سگهين ءَ، مان ڀلا ڪيئن سُمهي
پوان؟ ڊاڪٽر کان دوا ورتي، پر ڪو فائدو نه ٿيو. ڊاڪٽر
بدلائجي ته تنهنجو پاپا راضي نه ٿئي. منهنجو من سُسندو
وڃي. لکي ڊاڪٽر بدلائي ڏٺم، پر ڪو فائدو نظر نه آيو.
تنهنجي تور گهٽجندي ويئي ۽ تون اَڇي ۽ پيلي نظر پئي
آئين ءَ. هڪڙي ڏينهن همت رکي، پيڻ کي وٺي، ٻارن جي
مشهور ڊاڪٽر وٽ ويس. ڊاڪٽر توکي جاچي چيو ته خون
گهٽ آهي، يڪدم خون چڙهائڻو پوندو. منهنجون ته وايون
بتال ٿي ويئون. منهنجي اکين مان نير نيسارا ڪري وهڻ
لڳو. مون اِن لاءِ پاڻ کي ڏوهي سمجهيو ته توکي اڳ ڊاڪٽر
وٽ وٺي وڃڻ کپندو هوم. تنهنجي ماسيءَ خون جو بندوبست
ڪيو. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ وري خون گهٽجي ويو. ڊاڪٽر آئرن
انجيڪشنس جو ڪورس نسُن ۾ هڻائڻ لاءِ چيو. تون اينري
ننڍڙي، گُل وانگر ڪومل، توکي جيڪا سئي لڳي، اُن جو درد
مون محسوس ڪيو. جڏهن انجيڪشن به اثر نه ڏيکاريو ته
ڊاڪٽر کي ڪنهن وڏي بيماريءَ جو انديشو ٿيو. ڊاڪٽر يڪدم
خون جي تپاس لاءِ موڪليو. پوءِ جاڻ پيئي ته اِها ٿئلسيميا

گُلو

ماءُ پيءُ جي ڪلپنائن کي سچ ثابت ڪري تون ننڍڙي گهر ۾ خوشبو بڻجي آئين ءَ. اُن خوشبو منهنجي رڳ رڳ ۽ دماغ کي معطر بڻائي ڇڏيو. تون پيار آهين، تون ايشور آهين، تون ننڍڙي پيار جي سنسار جو چراغ آهين.

پياري گُڏيءَ جي آمد، سڀني جي من ۾ خوشيءَ جي لهر ڦهلائي ڇڏي. سڀني مبارڪون ڏنيون ۽ گُڏيءَ لاءِ سوکڙيون. تنهنجي پاپا جي خوشيءَ جي حد نہ رهي. هو سڀني کي مٺايون کارائيندو رهيو. هڪ مٺائيءَ جي پيتي ختم ٿي تہ ٻي مٺائيءَ جي پيتي حاضر. غريبن کي دان ڏنو ويو ۽ تنهنجي پاپا تنهنجي جنم تي مونکي بہ دلي مبارڪون ڏنيون.

تنهنجي نالي رکڻ لاءِ گهر وارن ۾ بيحد اُتساهہ جاڳيو. سڀني پنهنجو پنهنجو نالو ٻُڌايو. براهمڻ پڻ روايت موجب نالو ٻُڌايو. اسانکي گروُ گرنٿ صاحب ۾ بيحد صدق هو. گروءَ مان وچن ڪڍايوسين ۽ نالو 'آرتي' رکيو ويو پر ماءُ پيءُ جو ڏنل نالو هو 'گُلو'، جنهنجي معنيٰ آهي ننڍڙو گُل.

"تون منهنجي زندگيءَ ۾ پيار جي روشني بڻجي آئين ءَ، جيءُ آئين ءَ، نچ آئين ءَ. تون آئين ءَ تڏهن تہ مان ماءُ ۽ ممتا، ٻن لفظن جي گهرائيءَ سان معنيٰ سمجهي سگهيس. تو منهنجي زندگيءَ کي مُڪمل بڻايو. منهنجي لاءِ سڄي دنيا سُک جو ساگر بڻجي ويئي. تون خوش تہ مان خوش. هيءَ ڌرتي خوش، آسمان خوش، سج ۽ چنڊ ۾ اڳ کان وڌيڪ چمڪ نظر آئي، زندگي منهنجي لاءِ حسين بڻجي ويئي.

ٻار جي پالنا جو ڪم هو. نئون احساس، اڻڄاڻائيءَ جو رستو. ڪنهن ڪجهہ ٻُڌايو تہ ڪنهن پاڻهي مدد جي آڇ ڪئي. ڪمزور شرير ۾ ڪمزور دل. سنڀال جي نئين نئين جوابداري. سڀني جا احسان مڃيم. ڪن گُل ڏنا تہ ڪن ڪنڊا بہ ڏنا.

هئس. توکي سمجهه اينٽري جو گهوراڙو جي گهنٽيِ ٻُڌي هٿ
جي اِشاري سان ٻُڌائيندي هئينءَ تہ آئيسڪريم وارو اچيِ ويو
آهي. بزار جيِ آئيسڪريم سُٺيِ نہ ٿيندي آهي، مان توکي
اُها کارائڻ نہ چاهيندي هئس، تنهنڪري توکي ڪوڙ ڳالهائي
چوندي هئس، ”گُل، آئيسڪريم وارو ڪونهي.“ ۽ تون ضد
ڪرڻ جي حد کان ڪافيِ ننڍي هئينءَ.

هڪڙي ننڍي خاليِ پيتيِ، جنهن ۾ رهڙ ۽ پنون رکندي
هئس، اُن پيتيءَ جي ٻاهران چاڪليٽن جي تصوير هئيِ. تون
اُن طرف اِشارو ڪري چوندي هئينءَ، ”هيِ چاڪليٽ کپن.“
اهڙا چاڪليٽ اسان گهر ۾ آندا ئيِ ڪونہ هئا. توکي اندرين
سمجهہ جي وسيلي ڪيئن خبر پيئيِ تہ اُهي چاڪليٽ آهن.
توکي پرچائيندي چيم، ”تنهنجو پاپا ايندو، توکي اهڙا چاڪليٽ
وٺِي ڏيندو.“ پاپا کي بہ چاڪليٽن جيِ تصوير ڏيکاريئہ. تنهنجي
پاپا جو تو ۾ بيحد موهہ هو. سڄيِ بزار گهمِي آرڊر ڪري،
اهڙا چاڪليٽ گهرائي، گلوءَ جيِ تمنا پوري ڪيائين. هڪڙي
ڏينهن تہ تنهنجيِ يادگيريءَ کي داد ڏيڻو پوندو. تصويرن جو
ڪتاب ڏيکاري، آڱر رکِي چيئہ، ”ڪيڪ کپي.“ مون توکي
چيو، ”تنهنجو پاپا ڊيوٽيءَ تان موٽِي توکي ڪيڪ وٺِي ڏيندو.“
تون چڪر کائڻ لاءِ اِسڪوٽر جي اڳيان بيٺينءَ. مون تنهنجي
پاپا کي چيو، ”هن کي بسڪيٽ ۽ ڪيڪ وٺِي ڏجو.“ تون
دڪان تي ويئينءَ. تنهنجي پاپا کان ڪيڪ وٺڻ وسري ويو.
تون ڳالهائيندي تہ ڪونہ هئينءَ. ڪئين سمجهائي سگهين تہ
توکي ڪيڪ کپي. تون دڪان تان هيٺ ئيِ نہ لهين. تنهنجو
پاپا منجهيِ پيو. ڦوڪڻا، بئٽ بال، بريڊ چاڪليٽ جا نالا
چوڻ لڳو پر توکي تہ ڪيڪ کپندو هو. آخر ڏهن منٽن کانپوءِ
ڪيڪ چيائون. تڏهن ڪنڌ سان ’ها‘ ڪيئہ ۽ ڪيڪ وٺِي خوش
ٿينءَ. توکي سهڻيون تصويرون ڏسڻ وڻنديون هيون. هاٿِي، چيتا
سڃاڻندي هئينءَ. ڪنگارو ۽ اُن جو ننڍو ٻچو توکي ڏاڍو وڻندو
هو. تنهنجو پاپا توکي وقت بہ وقت، جانورن جي باغ ۾

بيماري آهي، جنهنجو هن دنيا ۾ علاج ڪونهي. منهنجي دل مڃڻ لاءِ تيار نہ پئي ٿي تہ اُها بيماري، مؤتمار ڪيئن هوندي؟ نہ، ڪڏهن بہ نہ! منهنجي ڌيءَ ڪيئن ڏک سهندي. دکي دل اُميد جي تروري تي جيئري هئي ۽ ايشور کي ٻاڏائي رهي هئي. مان ڪيئن سهي سگهنديس تہ جنهن پنهنجي زندگيءَ جو سفر هينئر شروع ڪيو آهي، اُن جي موت جا ڏينهن ڳڻيا پوندا.

جيڪو علاج ڪرائڻو هو، اُهو دُکي دل سان ڪرائيندي هئس. پهرين هٿ جي آڱر مان هيموگلوبن جي جاچ ڪرائبي هئي پوءِ ڪراس مئچنگ (Cross matching) لاءِ سئي وٺان نسن مان خون ڪڍندا هئا. پوءِ ڊاڪٽر نس ڳولهي خون چڙهائيندو هو. ڪيترا دفعا نسون پنڪچر بہ ٿينديون هيون. ڪڏهن نس نہ بہ ملندي هئي. اِهو هر مهني خون چڙهائڻو پوندو هو. هر دفعي خون چڙهائڻ وقت منهنجي من کي مانسڪ پيڙا سهڻي پوندي هئي. مون دُکي ٿي اَمر آتما کي ٻاڏايو، ”پرم آتما، اچ، اچي منهنجي مدد ڪر. مون رُنو. مان هن حقيقت کي مڃڻ لاءِ تيار نہ هئس تہ تون اوچتو مون وٽان ماڪ جي قطرن وانگر غائب ٿي ويندينءَ ۽ سڀ ڪان وڏيڪ..... مان تنهنجي پيڙا سهي نہ پئي سگهان.

خون چڙهائڻ کانپوءِ تون ٺيڪ ٿي ويندي هئينءَ، رانديون ڪندي هئينءَ. توکي هر ڳالهہ جو شونق هو. رنگبرنگي ڦوڪڻا ڏسي بيحد خوش ٿيندي هئينءَ. روز توکي ڪير نہ ڪير ڦوڪڻو وٺي ڏيندو هو. مان نہ سنيران تہ ڪڏهن مان پنهنجي من سان توکي ڦوڪڻو خريد ڪري ڏنو هوندو. ڦوڪڻن جي تنهنجي زندگيءَ سان مشابهت هئي. رنگين ۽ حسين، جيڪي ڪنهن بہ پل ڦاٽي پوندا، گُم ٿي ويندا.

تون هئينءَ پنڪڙي، پر توکي آئيسڪريم ۽ جيلي ڏاڍي وڻندي هئي. تنهنجي چاچي تو لاءِ آئيسڪريم ٺاهيندي هئي. منهنجو من ٽُٽل هو، جنهن ڪري مان ورلي آئيسڪريم ٺاهيندي

هٿن ۾ چانھ جو وڏو مگ کڻي پنھنجي بدن مٿان پاڻي ڪيرائي چوندي هئين ته، 'اوم' پوءِ گھر ۾ سڀني ديوتائن جي تصويرن اڳيان اگربتي ٻيرائيندي هئين ته. تنھنجي خوشيءَ ۾ منھنجي خوشي به سمايل آهي.

ايشور جا رنگ به عجيب آهن. تون خوشيءَ جو باعث هئين ته ڏک جو به. تنھنجي خون جا ٻاڙها جزا گھٽجندا ويندا هئا، تنھنجو هر ڪم مان شونق نڪرندو ويندو هو. تون ڪجھ کائي نه سگھندي هئين ته. هر ٻن ڪلاڪن کانپوءِ توکي کير گرم ڪري ڏيندي هئس ته تون ٻن چمچن کان وڌيڪ پي نه سگھندي هئين ته. اِهو ڏسي منھنجو هرديه چاڪ ٿيندو هو. مونکي سهڻ جي سيما کان به وڌيڪ ڀوڳڻو پوندو هو. ايشور کي خبر آهي ته اهڙي حالت ۾ ڪيتري نه تڪليف سهڻي پوندي هئي، تنھن هوندي به تنھنجي مکڙي تي مشڪ آڻڻ لاءِ مونکي ڪلڻو پوندو هو. تنھنجي پيڙا مونکان وڌيڪ هئي، پر تنھنجي پيڙا کي ڏسڻ مون لاءِ ڏکيو هو. مائٽ مونکي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا پر موت کي سامهون ڏسڻ مون لاءِ ڏکيو هو. تون ڪجھ کائين کانه ۽ مان ماني کيئن کان؟ اهڙي حالت ۾ تون ٻني کڻي مونکي کارائيندي هئين ته. توکي خوش ڪرڻ لاءِ چوندي هئس، 'منڙي کاراءِ، هاٿي پاپا کي کاراءِ، هاٿي تون کاءُ.'' تون اِنڪار ڪندي هئين ته. ڳاڙو منھنجي ڳلي ۾ اٽڪي پوندو هو.

ڊاڪٽر ڪلئي نموني ۾ قبول ڪيو ته هن بيماريءَ جو دنيا ۾ ڪو علاج ڪونهي. اسان پڻ بيماريءَ بابت ڪتاب پڙهي سموري ڄاڻ حاصل ڪئي پر مئو من به جڏهن سمجهي؟! نيڪ آهي، ڊاڪٽرن وٽ علاج ڪونهي. اسانجو پارٽ جڙين ٻوٽين ۾ ماهر آهي. ائلوپيٿڪ ۾ نه ته آيورويد ۾ نه ته هوميوپيٿڪ ۾ آزمائي ڏسجي. تنھنجي مما ۽ پپا کي پنڪاءُ مليو. من کي پرچائڻ لاءِ يا همت حاصل ڪرڻ لاءِ جوتشين وٽ به ويندا هئاسين ته تون ضرور نيڪ ٿيندين ته.

وٺي ويندو هو.

تون گهر جي ٽائيلس طرف اِشارو ڪري چوندي هئينءَ، جتي سمنڊ، گهر ۽ ماڻهن جي تصوير آهي، اُن جي ڪهاڻي ٻڌاءِ. تون ڪهاڻيون ٻڌندي ڪڏهن به ڪين ٿڪبي هئينءَ. توکي جادوگر جي ڪهاڻي وڻندي هئي. تصويرن واري ڪتاب مان آکاڻي ٻڌندي هئينءَ. تنهنجو پاپا سانتيڪي سپاهُ جو آهي، پر توسان ڳالهائيندي ڪڏهن به ڪين ٿڪبو هو. هُن کي تنهنجا فوٽا ڪڍڻ به ڏاڍا وڻندا هئا. هو تنهنجي زندگيءَ جا سونهري پل ڪئميرا ۾ قيد ڪرڻ چاهيندو هو.

تنهنجي پاپا تنهنجي لاءِ سائيڪل خريد ڪئي پر جڏهن هن محسوس ڪيو ته ٿڪاوٽ تنهنجي لاءِ نقصانڪار ثابت ٿيندي ته هن توکي سائيڪل تي وهارڻ بند ڪيو. پر مان تنهنجي پاپا جي غيرحاضريءَ ۾ توکي سائيڪل تي وهاريندي هئس. مان تنهنجي خوشي کسي نه ٿي سگهيس، جيڪا توکي حاصل پئي ٿي.

تون ڳالهائڻ سکينءَ. تنهنجا اکر ڪيترا نه مِٺا هئا. مما ۽ پپا چوندي هئينءَ. اُهي اکر ٻُڌڻ سان بيحد خوشي ٿيندي هئي. اهڙي خوشي ڇا ٻي ڪنهن شيءِ مان حاصل ٿي سگهندي؟

توکي هڪ کان ڏهه انگ ڳڻڻ پئي سيکاريا. توکي 'ٻه' اکر ڏاڍو وڻندو هو. گهڻيون شيون کپني پنج کپني يا ڏهه؟ تنهنجو جواب هوندو هو 'ٻه.' تون لالچ کان مٿي هئينءَ. ٻار معصوم آهن، ايشور جو روپ آهن ۽ مائٽ ٻارن ۾ ڀڳوان جو درشن ڪن ٿا.

مونکي ڀڳوان ۾ صدق هو پر مونکي پوڄا جون ريتيون رسمون ڪين وڻنديون هيون. مونکي پرم آتما ۾ وشواس هو. تون ايتري ننڍي هئينءَ پر توکي مندر ۾ شو لنگ تي پاڻي چاڙهڻ، گُل رکڻ ۽ اگربتيون ٻارڻ ڏاڍيون وڻنديون هيون. آرتيءَ جا گهنڊ توکي سڏيندا هئا.

توکي پنهنجن هٿن سان سنان ڪرڻ وڻندو هو. تون ننڍڙن

ڳري ڦي ڏيئي، ھُن وٽ وياسين. ھن ڪوڙو آئت ڏنو تہ تون ٺيڪ ٿيندين ءَ. توکي آتمڪ شڪتي ڏني ويئي، پر سڀ اَجايو. تنھنجي حالت وڌيڪ بدتر ٿيندي ويئي. توکي دست ٿيا. خون چاڙھڻ جو عرصو بہ گھٽ ٿيندو ويو. تون بستري تي ليٽي بہ نہ سگھندي ھئين ءَ. توکي سڄو وقت منھنجي گود يا ڪلھو کپندو ھو. منھنجي حالت بہ خراب ٿيندي ويئي. منھنجو وشواس ٽُٽندو ويو. ڪڏھن تنھنجو پاپا بہ بي صبر ٿي ويندو ھو.

بيوس اِنسان جو سھارو پرارٿنا آھي. مون روئندي ڀڳوان کي چيو، ”ڀڳوان! تون سرڳ ڇڏي ڌرتيءَ تي اچ. ماءُ ٻڌڻجي ڏس تہ ٻار جي پيڙا ڏسي ماءُ ڇا ٿي محسوس ڪري.“ پرارٿنا ڪانپوءِ مون توکي ڇاتيءَ لاتو. مونکي محسوس ٿيو. توکي مون ڪان ڪير جدا ٿو ڪري. تون ھنج مان ڪري پيئن ءَ. مون طاقت گڏ ڪري توکي گود مان ڪنيو. مونکي خبر ٿي ڪانہ ھئي تہ اُھو موٽ جو چنبو ھو، جيڪو توکي وٺڻ لاءِ آيو ھو پر ٻار کي ماءُ کان الڳ نہ پيو ڪري سگھي. توکي ھنج ۾ کڻي گھر کان ٻاھر دڪان تان ڪنڌ وٺڻ نڪتيس تہ ڦڙ ڦڙ برسات پئي. توکي تنھنجي پڦيءَ جي حوالي ڪري ويس. واپس موٽيس تہ تون ھميشہ لاءِ شاريرڪ پيڙا کان مُڪت ٿي پريوءَ جي امر گود ۾ ھلي وئين ءَ.

ھينئر تنھنجي ڪميءَ جو احساس آھي. منھنجي اکين مان نير نيسارا ڪري وھي ٿو. منھنجي گود، منھنجو ڪلھو خالي آھي. سڄي دنيا منھنجي لاءِ معنيٰ ڪوھي چُڪي آھي.

تون اَمر آتما وٽ آھين. تون اسانجي دلين ۾ آھين. تون تہ پيار آھين ۽ پيار ڪڏھن بہ نہ ٿو مري سگھي. تون اُھو گُل آھين جنھنجي سُرھاڻ ھميشہ جيءَ سان جڙيل رھندي.

اسان لاءِ هيءَ بيماري نئين هئي. جتي به خبر پوندي هئي ته اهڙي بيماريءَ جو ٻار آهي ته اُتي اُن ماڻهوءَ سان گڏجندا هئاسين. دک جي ٻيڙيءَ ۾ گڏ سوار هئاسين. ٻڏندڙ ماڻهوءَ کي سهارو ڪپندو هو. قدرتي علاج واري جڳهه تي وياسين پر ڊاڪٽر اِنڪار ڪيو ته ننڍي ٻار جو قدرتي علاج ذريعي علاج ڪرڻ ممڪن ڪونهي. ’ريسرچ سينٽر‘ ۾ به ڊلاسن ڪانسواءِ ڪجهه ڪين وريو. نااُميدي، شاريرڪ ٿڪاوٽ، من جي پريشاني ۾ تن ۽ من ڍهندو ويو. خبر ئي نه پوندي هئي ته گهر ۾ آهيون يا اسپتال ۾ آهيون. تنهنجون ٻاراڻيون ٻوليون به مڪمل خوشي نه ڏيئي سگهنديون هيون.

منهنجي منڙي گُلو، مان پنهنجن ويچارن کي ممان ڪونه سڏي سگهنديس. ڪيترائي ڀيرا منهنجي من ۾ پاپي ويچار آيو، مان ٿڪجي پيئي هئس. Mercy killing جا ويچار من کي ستائيندا هئا. تنهنجي زندگيءَ جو ڪو مستقبل ڪونهي. سڄي عمر توکي عذاب سهڻا پوندا، تنهن کان پهوان توکي ياڻ وٽ گهرائي وٺي پر زندگي ۽ موت اِنسان جي هٿ ۾ ڪونه آهن ۽ اِنسان کي ڪرمن جو حساب چڪائڻو ئي آهي. مونکي صرف خون چڙهائڻ بند ڪرڻو پوندو ۽ پوءِ..... پڇاڙي اَچي ويندي. هينئر ٻيبيءَ کي خون ڏهن ڏينهن ڪانپوءِ چڙهائڻو ٿي پيو. پر، مون اَنت نه ٿي چاهيو. پنهنجن هٿن سان پنهنجي پياري ڌيءَ جو موت ڏسڻ نٿي چاهيو.

هر هنڌان هارائجي وياسين. تنهنجي پاپا جي حالت ڏاڍي خراب ٿي ويئي. ڪنهن مت ۾ وڃي جاڳي ڀوت وٺڻ تي ويو ته مون روڪيومانس. تعليم يافته ٿي اَنڌ وشواس ۾ غلط ماڻهن جي چنبي ۾ ڦاسڻ ته سياڻپ ڪونهي.

ايتري ۾ خبر پيئي ته هڪڙو ڊاڪٽر آتمڪ شڪتين سان بيماريءَ جو علاج ڪندو آهي. ماڻهن ايتري ساراهه ڪئي ته هو مريض کي ڏسي بيماري ٻڌائيندو آهي ۽ جي علاج ممڪن نه ٿيندو اَٿس ته سڌو اِنڪار ڪندو آهي. وڏي وشواس سان،

کين محسوس ٿيو. هڪ ڏينهن چندرا هن کي چيو، ”سرڪاري اسپتال ۾ وڏا ڊاڪٽر اچن ٿا، هوءَ هڪ دفعو تپاس ڪرائي اچي. مينا کي لاڳار پئي ڪئي. هن کي خانگي ڊاڪٽرن ۾ ئي وشواس هو. پئسا مالڪياڻي پرينديءَ ته هوءَ سرڪاري اِسپتال ۾ ڏکا چو کائي؟ هن سرڪاري اسپتال ۾ نه وڃڻ جو بهانو پيش ڪيو. مان اٽپڙهيل آهيان، نمبر ڪٿان ڪڍائيندو؟ دوا ڪٿان وٺبي؟ مونکي ڪهڙي خبر؟ چندرا کيس صلاح ڏني ته هوءَ پنهنجي ساهيڙي گيتا کي وٺي وڃي ته سٺو. نوڪريءَ مان موڪل وٺي هوءَ کيس اسپتال ڪيئن وٺي ويندي؟

هڪ ڏينهن مينا کي بيحد تڪليف ٿي. هوءَ پنهنجي ساهيڙيءَ کي وٺي سرڪاري اسپتال ۾ ويئي. ڊاڪٽر هن کي تپاسيو ۽ کيس چيو، ”آپريشن ڪرائڻو پوندو. مينا پنهنجي ساهيڙيءَ گيتا کي چندرا وٽ موڪلي پاڻ اُتي ويهي رهي. گيتا چندرا کي مينا جو نياپو بئنڪ ۾ ڏنو - ”آپريشن جا پئسا ڪٺي اچ.“ چندرا جي مالڪپڻي جي احساس کي چوٽ لڳي. هُن اُن وقت گيتا تي واڪا شروع ڪيا - ”هوءَ ڪيئن ٿي رعب سان هن کي بئنڪ مان ڪوٺي، جڏهن هوءَ اُن جي نوڪرياڻي آهي. هن کي ايتري ايمرجنسي Emergency ته ڪونه هئي جو يڪدم آپريشن جو فيصلو ڪيائين. هن سان گڏ اِسپتال ۾ پلا ڪير رهندو؟ مان گهر جو ڪم ڪنديس يا هن جي تيمارداري ڪنديس. هن جو دماغي تناو پنجن منٽن لاءِ وڌي ويو پوءِ هن کي مسئلي جو حل سمجهه ۾ آيو ته ٿورو سانت ٿي. هن وٽ اتفاق سان هنجي ڏيءَ جي پاسي واري جو فون نمبر هو. يڪدم هن فون ڊائل ڪري هن جي پاڙيسريءَ کي نياپو موڪلڻ لاءِ وينتي ڪئي. پنجن منٽن جي اندر هن جي ڏيءَ پدمڻيءَ جو فون آيو. مينا جو پاءُ به اتفاق سان اُتي موجود هو. چندرا آئت ڏيندي هن جي ڏيءَ پدمڻيءَ کي ٻڌايو ته ٻڌڻ جي کا ڳالهه ڪونهي. توهين مانِي کائي جيجا

اَهم

چندرا اُتساهي نينگري هئي. زندگي جيئڻ جو هن جو علحدو انداز هو. هن جي اکين ۾ نوان نوان سپنا ترندا هئا. ٻالڪپڻ هن جو غريبيءَ جي گود ۾ گذريو پر هن کي اُن لاءِ ڪا شڪايت ڪين هئي. هُن اُن وقت ئي محنت جو قدر سڃاتو.

چندرا جو پتا ننڍي هوندي گذاري ويو. هن جي اٽپڙهيل ماتا پاپڙ، ڪيچا، ڪچريون ڪري گهر جو گاڏو هلائيندي هئي. اِسڪول ۾ هن جي فِي معاف هئي. هوءَ پڙهڻ ۾ هوشيار ۽ محنتي هئي، اِن ڪري هن کي ڪاليج ۾ اسڪالرشپ ملي. پڙهائي پوري ڪري هن بئنڪ ۾ نوڪري ڪئي، پوءِ هن سرڪاري ملازم سان شادي ڪئي. هر شيءِ جو قدر ڪرڻ واري چندرا گهر جي گرهستي ڪفايت سان هلائيندي هئي. هن کي ڄاڻ هئي ته گهر جو ضروري راشن، ڪپڙ جو خرچ ٻن هزارن کان مٿي وڃڻ وارو ڪونهي. هوءَ آهستي آهستي پئسو فڪسڊ ڊپازٽ ۾ رکندي ويئي. هن جي پتيءَ نوڪري سان گڏ بزنيس شروع ڪيو. هاڻي ٻنهي جي ڪمائيءَ ۾ واڌارو ٿيو.

چندرا H.D.F.C. مان قرض وٺي بنگلو ورتو، ڪار ورتي. سڄي ڏينهن جي ڪم ڪار لاءِ مينا نوڪرياڻي رکي. سڀ خوشيون هن جي جهوليءَ ۾ هيون. چندرا نوڪري ڪري گهر ۾ آرام ڪرڻ لڳي. گهر جو ڪم ڪڪر پيڇي هيٺو به ڪونه ڪندي هئي. وقت گذرندي ڪيس بلڊ پريشر جي شڪايت شروع ٿي. ڇهه سال گذري ويا. هن کان ڪم ڪرڻ جي عادت ڇڏائجي ويئي.

مينا کي موڪن (Piles) جي تڪليف شروع ٿي. گوريون دوائون هن وقت به وقت ورتيون، ڊاڪٽر به بدلايا پر هن کي فرق

لاچاريءَ کي محسوس ڪيو.

صبح جو اسپتال مان مينا جي لاءِ کير بہ چانھ وٺڻ ڪين آيو هو. اسپتال ۾ چانھ پهچائڻ ڪيئن وڃي؟ گھر جو سڄو ڪم ڪرڻو هو. منجهند جو وڏيڪ ماني ناهيائين. رسوئي کڻي هوءَ اسپتال پهتي. هوءَ پنهنجي پٽيءَ سان گڏجي واپس آئي. ڪلاڪ ڪانپوءِ گيتا، مينا جي ساهيڙيءَ، دروازي جي گھنٽي وڄائي. هوءَ سڄي رسوئي واپس کڻي آئي. چيائين، ”مان بہ هن لاءِ ڏهو کڻي ويئي هئس.“ چندرا آگببولا ٿي ويئي. هڪڙو تہ هن تڪليف جي باوجود رسوئي تيار ڪئي هئي. هوءَ رات جي لاءِ تہ اِهو ٽفن رکي پيئي سگھي. پاڻُ کي ڏيڻُ کي ڪارائي پئي سگھي. هن رسوئي واپس ڪري هن جي بي عزتي ڪئي هئي. هن جي گھر جي ڀاتين رات جو بہ ساڳي ڀاڄي کاڌي.

ٽئين ڏينهن هوءَ منجهند جو مينا سان خالي هٿين ملڻ ويئي. مينا کيس ٻڌايو، ”صبح جو مون پنهنجي پاڻُ کي گيتا وٽ موڪليو هو، پر هُن چانھ ۽ ٽفن ڪونہ موڪليو.“ چندرا کي ڄاڻ هئي تہ کير روز ٻئي جي ايتري شيوا ڪندو؟ مينا بہ اِها سچائي محسوس ڪئي. چندرا مينا کي چيو، ”تو مون وٽ ڪنهن کي ڪين موڪليو. ڪلهہ رسوئي بہ واپس ڪيئہ. مان ڇا ٿي ڪري سگھان؟“ مينا هن کي شڪايت ڪئي، ”انتظار ڪري صبح جو نوين بجي چانھ ڪئنٽين مان وٺي پيتي. بسڪوٽ جو پڙو خريد ڪيو. رات جو وڙا بريڊ، دال فراءِ ماني وٺي سيني مؤج ڪئي. چندرا دل ۾ سوچيو، ’مون کيس پنج سؤ روپيا ڏنا آهن. مينا سان گڏ هن جي سڄي گھر جي جوابداري بہ جڻ منهنجي مٿان آهي.‘

گيتا چندرا کي چيو، ”ڊاڪٽر سايون ڀاڄيون کائڻ لاءِ چيو آهي ۽ ناريل جي پاڻي پيئڻ جي هدايت ڪئي آهي.“ چندرا دل ئي دل ۾ ڀچرندي رهي. هوءَ پنهنجي ڏيڻُ ۽ نائيءَ

ماتا اسپتال ۾ اچو.

چندرا رڪشا ڪري اسپتال پهتي. آپريشن جا پئسا ڀري اِسپتال ۾ داخلا ڏياري ۽ ’پاس‘ وٺي گهر موٽي. گهر ۾ ماني تيار ڪري، گهر جي ياتين کي ڏيئي، بستري تي مس ليٽي ته مينا جي ڏيءَ - پدمڻي، ناني ۽ ياڻس گهر ۾ وارد ٿيا. کين اسپتال جي پاس ڏيئي روم نمبر سمجهائي روانو ڪيائين.

پدمڻي چندرا کي فون تي ٻڌايو ته ”پنجين بجي آپريشن ٿيڻو آهي.“ چندرا سوچيو، ’آپريشن ٿي وڃڻ کانپوءِ مينا جو احوال پُڇي ته وڌيڪ سٺو.‘ هوءَ ستين بجي هن سان ملڻ ويئي ته اَجا تائين آپريشن ڪونه ٿيو هو. مينا چندرا کي چيو، ”منهنجا ڪپڙا موڪل. مونکي تون پنهنجو گائون ۽ پيٽيڪوٽ موڪلجانءِ.“ هُن جي چوڻ جو انداز اهڙو رعبدار هو ڄڻ هوءَ هُن جي قرضدار هجي.

چندرا مونجهاري ۾ پريشان هئي. ٻيهر هن جي اهم کي چوٽ پهتي. مينا پنهنجو پاڻ کي ڇا ٿي سمجهي؟ آپريشن جا پئسا به ڏيڻا آهن، هن جي شيوا به ڪرڻي آهي. هن جي حالت ايتري خراب ڪونه هئي. تڏهن ڪرائڻ لاءِ ويئي پنهنجا ڪپڙا به ڪونه کڻي ويئي. پنهنجي ڏيءَ کي خبر ڪونه ڏنائين. سڀ ڪم هن کي ڪرڻو آهي. گهر جي ٻهاري، باسڻ، ڪپڙا ڌوئڻ ۽ ماني لاهڻ تائين بوجهو هن جي مٿان وجهي آرام سان ويهي رهي. هيءَ ڪهڙي قسم جي چاڪري آهي؟ هن جي مالڪپڻي جي احساس کي ضرب رسي. هوءَ نوڪرياڻيءَ جي نوڪر هئي. مونکي هن جو حڪم بجا آڻڻو هو. هن کي دل ۾ بيحد خار لڳا.

چندرا کي مانسڪ پريشاني به هئي. ايترو جلد ٻي نوڪرياڻي ڪٿان به ڪين ملندي، هن کي شاريرڪ پورهيو به ڪرڻو پوندو. هن کي ڪم ڪرڻ جي عادت به ڪونه هئي. هن پنهنجي

اڻ وٽندڙ حالتن سان ناهہ ڪرڻو پوندو آهي.
ٿورو سانت ٿي، چندرا پنھنجي اهم ڪي پاڻ ڪچليندي سوچيو، ’مان تعليم يافتہ آهيان. شيوا ڪرڻ اِنساني ڌرم آهي. مون مينا جي شيوا من سان نہ پر مجبوريءَ ڪان ڪئي. اهڙِي شيوا مان ڪو فائدو ڪونھي. هُن بہ تہ تڪليف ۽ بيماريءَ ۾ منھنجي شيوا ڪئي هئي. پر مون شيوا جي موٽ من سان ڪونہ ڏني. منھنجو اَهم رڪاوٽ بڻيو. ڪير ننڍو آ يا ڪير وڏو آهي؟ سڀ ايشور جا روپ آهن.‘

اءِ نازنين!

گلن جي تازگي،
شبنم جي شفافي،
چنڊ جي چانڊني،
سج جي روشني،
قدرت جي رنگيني،
بهار جي بهاري،
تو ۾ سمايل آهي.

دل جي ڪوملتا،
من جي سرلتا،
حسن جي سندرتا،
واڻيءَ جي مڌرتا،
ويچارن جي محڪمتا،
ادائن جي انيڪتا،
تو ۾ سمايل آهي.

کي ڪجهه نٿي چوي ۽ هن جي مٿان اَڻسڌي نموني حڪم تي هلائي.

چندرا مينا جي ڏيءُ پدمڻيءَ کي وٺي گهر پهتي. رستي تان سائي ڀاڄي ۽ ناريل خريد ڪيائين. هن جي ڏيءُ ڀاڄي ناهي سمهي پيئي. شام جو چانهه ناهي هن کي ڏنائين. ڀاڄي ۽ چانهه جو ٿرماس هنکي ڏنائين.

چوٿين ڏينهن مينا کي ڊسچارج ملڻي هئي. چندرا ڪاڏو وڏيڪ تيار ڪيو. هڪ ٿيو، ٻه ٿيا، شام جا چار ٿيا. مينا جو ڪو پتو ڪونه پيو. هن کي ڇا ٿيو؟ ڏيءَ سان گڏ هن جي گهر ته ڪونه هلي ويئي؟ انيڪ خيال هن جي دماغ ۾ ڦرڻ لڳا. ڇا هوءَ ناراض ٿي ويئي؟ ايترو خيال رکندي به هوءَ آڪڙخور بي واجب هلت هلندي ڇا؟

چندرا کي چنتا ستائي رهي هئي. رات جو نوين بجي اسپتال ۾ چڪر هڻڻ ويئي هوءَ اسپتال ۾ موجود هئي. ٽن ڄڻن جي هوندي به هن مالڪڻ کي خبر ڏيڻ جي ضرورت محسوس نه ڪئي. چندرا جو منجهند جو ڪاڏو ضايع ٿيو. هن مريض تي غصو ڪرڻ واجب ڪين سمجهيو. هوءَ چندرا ڏانهن ناراضگي يا لاپرواهي ڏيکاري رهي هئي. ٽيون دفعو هن جي اهم کي چوٽ رسي.

پنجين بجي مينا پنهنجي ڏيءَ سان گڏ گهر آئي. چندرا پدمڻيءَ جي مدد سان ماني تيار ڪئي. مينا دوائن جو حساب گهريو. هن وٽ بل ڪين هو، تنهن هوندي به چندرا دوائن جا پئسا ڏنا. پنج سؤ رپيا ڪاڏي پيتي ۽ اڄ وڄ ۾ خرچ ٿي ويا.

چندرا سوچ ۾ غرق ٿي ويئي. مينا هن جو اجوڳ فائدو ورتو. نوڪرياڻي ڪانسواءَ گهر جو گاڏو هلائڻ ممڪن ڪونهي. هن مينا سان ٻاهران سٺو وهنوار ڪيو پر هن جو من ٻريو پئي. هن جو اهم ڪچليو ويو. زندگيءَ ۾ نه چاهيندي به

ڳھرايو. ممي سامت ۾ آئي. هُن جي دل کي زبردست ڌڪو لڳو هو پر اَسان ٻارن جي صدقي هُن دل تي پٿر رکي ڇڏيو. هُن جا ڳوڙها اکين ۾ ئي سُڪي ويا.

پيءُ جو بيمار مونکان موڪلائجي ويو پر منهنجي ماءُ ظاهري طور ڪجهه نہ چوندي هئي، پر منهنجي پسند جو سڀ شيون تيار ڪندي هئي.

وقت گذرندو ويو.

اِسڪول جي تعليم پوري ڪري ڪاليج ۾ داخلا ورتم. اُتي سڀ ڇوڪرا مونکي پيار ۽ عزت ڏيندا هئا. ڪي تہ گهر ۾ پڻ ايندا هئا. منهنجي ماءُ کي اِها ڳالھہ ناپسند هئي. منهنجي من ۾ ڪو پاپ ڪونہ هو. مان کين ڪيئن منع ڪريان تہ منهنجي گهر نہ اَچو.

هڪ ڏينهن ساهيڙيءَ جي ڀاءُ جي شادي هئي. اُتي اسانجو گروپ آيل هئو. منوج چيو، ”مان تنهنجي لاءِ ڪاڏو ڪٽي اَچان؟“

مون کِلي چيو، ”نيڪي اَوُر پوڇ پوڇ.“

”ڀلا تون ڇا کائيندينءَ؟“

”سڀ ڪجهہ.“

سيني ڇوڪرن منهنجو نالو ’سڀ ڪجهہ‘ رکي ڇڏيو. پڪنڪ پارٽين جي مان شائق هئس. هر وقت کِل کِل ۽ مذاق منهنجي زندگي هئي.

مان آزاد خيالن جي هئس. سڀ ڇوڪرا مونکي پيڇ ڪري ميڙيندا هئا پر سماج جا ماڻهو منهنجي خوشي ڪٿان ٿا سهي سگهن. منهنجي مميءَ منهنجي لاءِ ور جي ڳولها شروع ڪئي. ممي مونکي هر وقت منع ڪندي هئي، ’ڇوڪرن سان ڳالهائڻ واجب ڪونهي.‘ منهنجي ديديءَ هڪ گهر ٻُڌايو. ڇوڪري جي ماءُ گذاري ويئي هئي. هو هڪ ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪندو هو پر منهنجي مميءَ کي خاندان ڪپندو هو. منهنجي چاچي هڪ گهر ڏسيو. ڇوڪري جي پيءُ کي ويهين لکين جو بنگلو هو. ڇوڪرو دڪان تي ويندو هو. منهنجي ماءُ ججھہ وکٽي

اڪيلي

زندگِي ڪيتري نہ حسين ۽ رنگين آهي. منهنجو دادا مونکي ڪيترو نہ پيار ڪندو آهي. هڪ شيءِ گهُران تہ بہ شيون ملنديون آهن، صرف اِشاري جِي دير هوندي آهي.

سڀاڻي منهنجو جنم ڏن آهي. دادا منهنجي لاءِ بہ سهڻا فراڪ آندا آهن. ٽن ڀائرن ۾ هڪ لاڏلِي ڀيڻ آهيان. منهنجو رعب ننڍڙن ڀائرن مٿان هلندو آهي. سڀاڻي دادا منهنجي لاءِ بہ وڏا ڪيڪ وٺِي ايندو. منهنجِي ديدِي مونکي پاڙهيندي آهي. مان ڪيس هڪ ڪيڪ سوکڙي ڪري ڏينديس.

ٻيو ڏينهن ٿيو. دادا اَڄ جلد ٽرين ۾ ايندو. هڪ منٽ منهنجي لاءِ وڏي ٻيو آهي. منهنجِي ماءُ هر گهڙيءَ مونکي چوي پيئِي، ”مدّو، منجهند جِي مانِي کاءُ.“ پر مونکي تہ دادا جو اِنتظار آهي. منهنجو پيٽ تہ خوشيءَ ۾ ئِي ڀرجِي ويو آهي.

ٽي وڳا. گهر ۾ فون جِي گهنٽِي وڳِي... ”ٽرن ٽرن...“

مون فون کنيو.

چاچِي جو آواز منهنجي ڪنن تي پيو، ”مدّو، مامي کي گهراءِ.“

مان ٻڪندي پاڙِي ۾ ماما کي سڏڻ ويس، ”ماما، چاچِي جو فون آيو آهي، توهان کي سڏ پيو ڪري.“

مامو گهر ۾ گهڙيو ۽ فون کنيائين. فون تي چاچوءَ ماما کي الائي ڇا چيو جو مامو رسيور رکِي، مٿو پڪڙي ويهِي رهيو.

”ماما، توهانکي ڇا ٿيو آهي؟“ مون زور سان سوال ڪيو.

منهنجو آواز ٻُڌي ممِي باٿروم مان ٻاهر نڪرِي آئِي.

ماما چيو، ”مدّو، تنهنجي پاپا جو خون ٿِي ويو آهي.“

ممِي اِهو ٻُڌي بيهوش ٿِي ڪري پيئِي. ماما ڊاڪٽر کي

ورهاست ڪريو، پوءِ اسين گهر مان هليِ ويندا سين.''
منهنجيِ ماءُ مونکي گهر ۾ ٽڪائڻ لاءِ تيار نہ هوندي هئيِ. صبح جو ايندي هئس، شام جو واپس ساهري گهر ويندي هئس. مون نوڪريءَ جي ڳولها ڪئيِ پر ڪوبہ ڪورس ڪونہ ڪيو هوم، جو نوڪري ملِي سگهي. پيڪي گهر سبق شروع ڪيم. معني ۾ ٢٠٠٠ روپيا نڪري ايندا هئا. ممي گهر جو راشن پهچائيندي هئيِ. محبش کي ڪاڻ جو ڏاڍو شونق هو، پئسو هُجي نہ هُجي، هن کي بازاري طعام کپندا هئا. مان ۽ منهنجيِ وڏوا ماءُ، ڪٿان پورت ڪنداسين؟
زندگي ٺاه جو بيو نالو آهي. اِهو سوچي مان دل کي تسليِ ڏيندي هئس. بين جا گهوٽ شراب ۽ سگريٽ پيئن ٿا، منهنجو گهوٽ اِنهن علتن کان تہ آجو آهي. شُڪر سان وقت گذرندو پئي ويو.
هاٽي گهر ۾ گڏ ڪاڏو تيار ڪونہ ٿيندو هو. هرهڪ ڏيراڻيِ پنهنجي ڪمري ۾ ڪاڏو ٺاهيندي هئيِ. وقت بہ وقت گهر ۾ جهڳڙو ٿيندو هو. منهنجو ڏير تڪي سياوَ جو ۽ ظالم هو ۽ منهنجو سهرو گونگيِ ڳانءِ. ڏياريءَ جي ڏينهن، منهنجي ڏير مونکي مارڻ جِي ڌمڪيِ ڏنيِ. مان ڏڪيِ ويس. مون پنهنجي اَمير چاچي کي فون ڪيو. چاچو ڏڪيِ ويو تہ مٿان هن جي مٿان بار بڻجان، تنهنڪري هن مونکي دپ ڪيندي چيو، ''مڌو، ننڍين ننڍين ڳالهين تي طوفان مچائڻ واجب ڪونهي. ساهري گهر ۾ توريون گهٽيون تڪليفون تہ سهٽيون پونديون ئي آهن. شادي گڏي گُڏيءَ جيِ راند ڪونهي. مان توکي پنهنجي گهر ۾ هميشه لاءِ رهائڻ لاءِ تيار ڪونہ آهيان.''
مونکي بيبي جائيِ. ڏيراڻيءَ پنهنجن ٻارن جا پُراڻا ڪپڙا ڏنا. بيبيِ لئا، هڪ سال جيِ اَچيِ ٿيِ. ٻار کي کير کپي، پئسو ڪٿان اچي؟ مون وريِ سلائيِ شروع ڪئيِ. ڏينهن ماءُ وٽ رهندي هئس، رات جو واپس ايندي هئس. اڃ-وڃ ۾، ڪم ڪار ۾، منهنجو من ٽُٽندو ويو. دماغ ۾ سوين چنتائون

مونکي تن لکن جي ڏيتي ليتي ڏني پر منهنجي پڙهائي اڌوري رهجي ويئي. مان شادي ڪري ساهري گهر ۾ آيس. آهستي آهستي ساهري گهر جي ماڻهن جو نقاب هٽجي ويو ۽ اصليت سامهون آئي. ٽن مهنن ڪانپوءِ منهنجي داداگير ڏير منهنجي گهوٽ کي چيو، ”دڪان ۾ پير نه رکجانءِ.“ منهنجو گهوٽ سڌو سادو هو. هو پنهنجي پاءُ جي سامهون ڪجهه ڪُجهِ ڪين سگهندو هو.

گهر ۾ نيرن، منجهند ۽ رات جي مانيءَ جي ورهاست ٿي. مونکي رات جي مانيِ ڪرڻي پوندي هئي. وڏي ڪٽنب ۾ مان لاڏلي پليل هئس پر گهر جو سڄو ڪم ڪرڻو پوندو هوم. سيني ٻارن کي کير ڏيئي، تلهو به مونکي صاف ڪرڻو پوندو هو.

گهر ۾ روز کِٽ-پِٽ چالو هوندي هئي ته منهنجو گهوٽ هميش ڪم نٺو ڪري اِن ڪري منهنجو ڏير مونکي گار ڪانسواءِ سڏيندو ڪين هو. جڏهن گهر ۾ جهڳڙو ٿيندو هو ته مان ڪمرو بند ڪري، ريڊيو فُل واليوم تي ڪري ڇڏيندي هئس. منهنجي ڏير، منهنجي گهوٽ کي دڪان ۾ پير پائڻ کان منع ڪئي. هو چوندو هو ته هميش گهٽ سمجهه جو آهي. گراهڪي وڃائي ٿو ڇڏي. اسانکي پنهنجي خرچ جي لاءِ پئسا ڪين هوندا هئا. منهنجي ماءُ ڏڻ وار تي ڇڱو موڪليندي هئي، پر اُن مان ڪيترو وقت هلندو؟

مون هميش کي ٻئي ڪنهن جي دڪان تي نوڪري ڪرڻ لاءِ چيو. گهڻي ڳولها ڪانپوءِ هڪ مٺائيءَ جي دڪان تي هڪ مهنو نوڪري ڪيائين. هن زندگيءَ ۾ ڪڏهن به نوڪري ڪونه ڪئي هئي. هڪ مهني ڪانپوءِ مالڪ سان جهڳڙو ڪري واپس آيو.

منهنجو ڏير هر وقت مونکي دٻائيندو هو، ’دڪان جي پنن تي صحيح ڪري ڏي،‘ پر مان هروقت اِنڪار ڪندي هئس. پنهنجي سهري کي وينتي ڪندي هئس، ”دادا، ملڪيت جي

لاءِ هوندي هئي. ممي مونکان پڇيو، ”مدو، تو ڇا ڪيو؟“

منهنجي مٿان نيت جو ڏک هو. سچو وقت منهنجي اکين مان آنسو وهندا هئا. پنهنجي لاڏلي ڏيءَ جي پڇاڙي مون هن نموني ڪڏهن سپني ۾ به ڪونه سوچي هئي. مان صرف ايترو چوندي هئس، ”مان ڏاڍي اڪيلي ٿي پيئي آهيان.“

ساريرڪ سُور مونکي سهڻو هو. ڊاڪٽرن شرير جي وڍ ڪُٽ ڪئي. پيڙا وڌي ويندي هئي ته منهنجي ماءُ چوندي هئي، ”چئه هري اوم!“ منهنجي ڏير پئسا ڪارائي، پوليس جو وات بند ڪري ڇڏيو. مهيش به بيان ڏنو، ”مدوءَ کي گئس مان باهه لڳي. مان ٻاهر هوس. ٻيبي منهنجي ڪڇ ۾ هئي.“ پوليس ڪجهه ڪين ڪيو.

منهنجي بيمار ماءُ ٻيبي ڪيئن پاليندي؟ منهنجي چاچي منهنجي ماءُ کي سڌو چيو، ”اسانجو وٽ ڪونه رهندو ته ٿاري کي سنڀالي ڇا ڪنداسين؟“ مهيش به چاچي کي چيو، ”جيڪڏهن نيک به ٿي ته مان ڪيس گهر ڪونه وٺي ويندس.“

منهنجي ماءُ مونکي آٿت ڏيندي چيو، ”مان توکي پنهنجي گهر وٺي هلنديس.“ ڪوڙي دلاسي تي پلا ڪهڙو وشواس؟ ١٥ ڏينهن اسپتال ۾ گذريا. منهنجي ماءُ رات ڏينهن منهنجي شيوا ڪندي هلاڪ ٿي ويئي. مان ڪَيا ڪريان؟ منهنجو ساهه به نٿو نڪري. وچ وچ ۾ منهنجو گلو سُڪندو تو وڃي. ملاقاتين کي ته منهنجو چهرو ڏيکارڻ جي منع هئي. صرف منهنجو آواز ٻُڌندا هئا. منهنجي ماءُ به مونکي ويڙهه ڏنا، ”مدو، تو مونکي ڏاڍو ستايو آهي. ڀڳوان توکي وٺي وڃي يا مونکي وٺي وڃي.“ منهنجي ماءُ پڻ مون مان بر ٿي پئي آهي.

ڀڳوان! منهنجو هن دنيا ۾ ڪير ڪونهي. مان بيحد اڪيلي ٿي پيئي آهيان. هينئر ته مون کي پنهنجي شرڻ ۾ رک.

ها...... ها...... موٽ جو پيغام اَچي ويو.

هڪ هڏڪي اچي ويئي ۽ منهنجون اکيون بند ٿي ويون.

هونديون هيون. مهيش پنهنجي جوابداري محسوس ڪين ڪئي.

مهيش کي پنج سؤ رپيا دڪاندار کان وٺي اَچڻا هئا. هن ٺن سون جي فرسٽ ڪلاس جي پاس ڪڍائي ۽ مونکي ٻه سؤ رپيا هٿ ۾ ڏنائين. اڄڪلهه جي مهانگائيءَ جي زماني ۾ گهر جو خرچ ڪيئن هلايان؟ ساهري گهر ۾ ڪير منهنجي مدد ڪندو؟ اَمير چاچو ٻه منهنجن مصيبتن کي ڪيئن منهن ڏيندو؟ شاهوڪار مائٽ صرف نالي ۾ نهال آهن. مان ٺڳي رهي آهيان ۽ مهيش کي اَچ وڃ لاءِ عيش جي لاءِ فرسٽ ڪلاس جي پاس کپي. مون غصي ۾ اَچي گئس هاري ۽ پاس ساڙي ڇڏي.

مهيش غصي ۾ پرجي چيو، ”تو منهنجي پاس ساڙي آهي، مان توکي جلائي ڇڏيندس. هن ڪمرو بند ڪيو. هن منهنجي گائون کي باهه ڏني. گائون سوٽي هو. مون باهه وسائي. هن جو دماغ ڦٽائي آيو. هو بازار مان برنال خريد ڪرڻ لاءِ ويو.

مهيش گهر ۾ اِها ڳالهه پنهنجي پتا کي ٻڌائي. پنيان منهنجي ڏير کي سونهري موقعو مليو. هُن ۽ منهنجي ڏيراڻيءَ گڏجي، مونکي پڪڙي، باهه ڏني. مان ٻڪندي ٻڪندي هال طرف ويس. منهنجي سهري گادي وجهي باهه وسائي. مان ظالمن جي وچ ۾ هئس.

مهيش جيئن گهر ۾ برنال وٺي گهڙيو، تيئن منهنجي ڏير ڌمڪايس، ”تون وڏيڪ ڪُڇندين ته اَسين چونداسين ته توئي مڏوءَ کي باهه ڏني آهي.“

مهيش ڏڪي ويو.

مونکي ڌمڪائي چيو ويو، ”پوليس ۾ جيڪڏهن اسانجي خلاف بيان ڏيندينءَ ته تنهنجي پاءُ ۽ ڌيءُ جو خير ڪونهي. تون منهن بند رکندينءَ ته تنهنجو علاج به ڪرائينداسين.“ %50 زخم هئا. وڏا ڦوڪيندا ٿي پيا. ازحد پيڙا هئي. موت به ڪين ٿو اَچي.

منهنجي ممي سڄو وقت مون سان گڏ اسپتال ۾ سيوا

جو پرنسيپال بڻيو. هن جو رُتبو وڏيڪ هو. نون ماسترن کي تہ ليکيندو ڪين هو. هو ماسترن کي عزت ڏيڻ ڪين سکيو هو. اِسڪول پرائيويٽ هو. ماسترن کي مرضيءَ موجب پگهار ڏيندو هو.

مائٽن کي اِهو جنون هوندو آهي تہ ٻار بورڊ جي اِمتحان ۾ سٺو ڪن. ٻار جي لياقت کي نظرانداز ڪري چندناٿي بہ پنهنجي ڌيءَ کي مشهور ڪلاس ۾ موڪليندو هو ۽ خانگي نموني ۾ پڙهائڻ لاءِ ماستر بہ جڻ هن جا زر خريد غلام هئا. هو نون ماسترن جي ٻاري ۾ سٺو رايو ڪين رکندو هو، تنهن هوندي بہ پنهنجي ڌيءَ کي اُتي موڪليندو هو. وڏائيءَ سان سيني ماسترن کي چوندو هو تہ منهنجي ڌيءُ پياري آهي، معصوم آهي. سڀ کيس پيار ڪندا آهن. سڀ اُستاد هُن کي ڌيءُ جو درجو ڏيندا آهن. پر حقيقت ۾ هو خود سيني کان وقت وٺندو هو. ڪنهن کي بہ اِنڪار ڪرڻ جي همت ڪين هوندي هئي.

هنديءَ جي ماسترياڻي انيتا نئين مقرر ٿي. سيني کيس نيلم جي ٻاري ۾ ٻڌائي ڇڏيو هو. هوءَ خاص طور ڪلاس ۾ نيلم جو ڌيان رکندي هئي. نيلم ڪلاس ۾ سيني کان دير سان ايندي هئي. هوءَ مهاراڻي جڏهن ڪلاس جي اندر ايندي هئي تڏهن انيتا پڙهائڻ شروع ڪندي هئي.

شاگردن بہ اِن ڳالهہ کي محسوس ڪيو هو. هن ڏٺو تہ نيلم کي ليڪچر سمجهہ ۾ نٿو اچي. هن جي لکڻ جي رفتار بہ ڍرِي آهي. انيتا سوچيو، ’هاڻ ڇا ڪريان؟‘ نيلم کي مارڪون گهٽ ملنديون تہ پرنسيپال هن تي اِلزام هڻندو تہ هن کي پڙهائڻ نٿو اچي. ٻولي سکڻ لاءِ اِهو ضروري هوندو آهي تہ لکڻ جي پريڪٽس هجي. اِن ڪري هوءَ نيلم کان پڇندي هئي، ”تو جواب لکيا آهن؟ ڪاپي پوري ڪئي آهي؟“ هن جي پڇڻ جو اِهو مقصد هو تہ جئن مان هن کي ڪاپي جاچي ڏيان، چوڪون سمجهايان.

واڳ ڌڻيءِ تنهنجي وس

نيلم چنڊناڻيءِ ماستر جي سڪيلڌي ڌيءَ هئي. گهر ۾ لاڏلي پلي هئي. هن چاهيو ٿي ته ماءُ نيلم کي پنهنجي اکين جي سامهون رکان، اِن ڪري هن کيس پنهنجي اِسڪول ۾ داخلا وٺي ڏني. ننڍڙي نيلم کي فخر ٿيندو هو ته منهنجو دادا ٽيچر آهي. هوءَ ننڍيون ننڍيون شڪايتون هن وٽ کڻي ويندي هئي. هوءَ ان ڳالهه ۾ فخر محسوس ڪندي هئي ته ماءُ سيني ٻارن کان الڳ آهيان، ماءُ سائينءَ جي ڌيءُ آهيان. سياويڪ طرح چنڊناڻيءِ پنهنجي ڌيءَ تي وڌيڪ وشواس ڪندو هو. هو پنهنجي شخصيت ۽ آزمودي جو اثر ڪلاس ٽيچرس جي مٿان وجهندو هو. سڀ ماسترياڻيون دل ئي دل ۾ خار کائينديون هيون، جڏهن نيلم ڪرڙي آهي، جنهن کي ڏسي ٻچان ٿي اچي.

ماسترن جي من ۾ سيني ٻارن لاءِ هڪجهڙائي ۽ پيار جي ڀاونا هوندي آهي. غير ضروري ڌيان ڏيڻ سان يا اهميت ڏيڻ سان پيار جي ڀاونا مرندي ويندي آهي. سيني ماسترن کي معلوم هو ته نيلم ماسترن جي چغلي هڻڻ ۾ ماهر آهي، تنهنڪري هو سڀ ڏکي يا لڦڙي کان پڇڻ لاءِ هن سان سٺو ورتاءُ ڪندا هئا. هن کي ڪلاس جو مانيٽر بڻايو ويندو هو. ساليانِي جلسي ۾ هن کي مکيه پارٽ ڏنو ويندو هو. سڀ شاگرد ڀيائيءَ جو ورتاءُ ڏسي به چُپ رهندا هئا. ڪلاس جي ماسترياڻيءِ ٽيوشن ڏيندڙ هجي ۽ نيلم کي وساري، اِهو ٿيڻ ممڪن ڪين هو. جيڪڏهن ڪو اُستاد ٽيوشن ڏيندڙ نه هو ته به هن کي مهني ۾ به ٽي دفعا شخصي وقت ڪڍڻو پوندو هو. نيلم سيني ماسترن جي نوُر نظر بڻجي ويئي هئي. وقت گذرندو ويو. هوءَ هڪ هڪ قدم ٽپي ڏهين درجي تائين پهتي. هاڻي چنڊناڻيءِ ماستر کي به اِضافو مليو هو. هو اِسڪول

پڇيو، ”تون ڪلاس ۾ نہ هئينءَ؟“
”مون اَڌ ڏينهن موڪل ورتي.“
”ڪنهن کان پُڇِي ويئنءَ؟“
”پاپا کان موڪل ورتم.“
”ڪاپِي پوري ڪيئہ؟“
”نہ، ٽائيم ڪونہ ٿو ملي. مونکي سائنس ۾ ٽيسٽ ڏيڻِي آهي.“
اَنيتا کيس سمجهائيندي چيو، ”سائنس ۾ بہ سو مارڪون آهن، هنديءَ ۾ بہ سو مارڪون آهن. هرڪو وشيہ پنهنجِي جڳہ تي مُکيہ آهي.“
”مان گائيڊ پڙهنديس.“
”نہ، گائيڊ ڪونہ پڙهڻِي آهي. سوالن جا جواب ڳولهي لکُ.“
”مونکي سائنس جي ڪيٽر ۾ داخلا وٺڻِي آهي. هندي پڙهِي وقت اجايو ڪونہ وڃائڻو آهي.“
”تون ڏاڍو منجهيل آهين. تون ڪرسيءَ تي ويهہ.“
اَنيتا نيلم کي ’ريڪِي‘ ڏيڻ شروع ڪئِي. ”توهين ڇا ٿا ڪريو؟“
”ناڪاري ويچارن کي ٻاهر ڪيڻ جِي ڪوشش ٿِي ڪريان.“
اَنيتا سوچيو، مان پرنسيپال کي حقيقت کان واقف ڪريان پر هو ٻنهيِ پاسن کان مونکي ئِي پڪڙيندو. توهان نيلم جي پڙهائيءَ جي پروگريس جي باري ۾ مونکي ڇو ڪين ٻڌايو. هوءَ بورڊ ۾ مارڪون گهٽ ڪڍندي تہ سڀنِي جي سامهون بدنامِي ڪندو. هن جِي ڏيءَ کي سٺيون مارڪون ملنديون تڏهن ئِي ماسٽر ماهر آهي نہ تہ ماسٽر کي پاڙهڻ نٿو اچي ۽ هن کي مان مفت ۾ پگهار ٿو ڏيان.
ٽئين ڏينهن بہ نيلم ڪلاس ۾ غيرحاضر رهِي. هن سوچيو، ’آخرين دفعو هن کي گهرايان ٿِي. ماسٽر ۽ شاگرد جو انوٽ رشتو آهي. ٻنهي جي وچ جِي ڳالهہ آهي. اِها ڳالهہ پرنسيپال تائين ڇو وڃي؟ نيلم کي مانسڪ پريشانِي آهي جنهن کان

نيلم هڪ دفعو سپروائيزر کان موڪل وٺي گهر ويئي. ميٽنگ ۾ پرنسيپال صاحب پنهنجي ڌيءَ جي ساراهه ڪندي چيو، ”منهنجي ڌيءُ ڪيتري نہ چئيوان آهي. قاعدن کي مڃيندڙ آهي. هن کي هڪ ڏينهن، اڌ ڏينهن موڪل تي وڃڻو هو تہ موڪل وٺي ويئي. چاهي ها تہ بنا پُڇڻ جي بہ وڃي سگهي ها. اهڙا ٻار اسڪول لاءِ نعمت آهن.

اَنيتا جو آخرين پيريڊ هو. هن کي نيلم جي پڙهائيءَ جو اونو هو تہ اُهو سبق ڪيئن ڪير پڙهائيندو؟ اَڌ ڏينهن نيلم موڪل وٺي ويئي. هن صبح جو Value Education جي پيريڊ ۾ کيس گهرايو. ”تون ڪلهہ غير حاضر هئينءَ.“

”ها.“

”سبق ڪيئن سمجهندينءَ.“

”مان ٻئي شاگرد کان پڇنديس.“

”ڪاپي پوري ڪيئہ؟“

”نہ.“

”نہ، مونکي وقت ڪونهي. سائنس ۽ مئٿس جي ڪلاس ۾ وڃڻو ٿو پوي.“

”تون نہ لکندينءَ تہ سبق ڪيئن سمجهي سگهندينءَ. تنهنجي لکڻ جي رفتار گهٽ آهي. لکڻ ضروري آهي.“

نيلم کي محسوس ٿيو تہ اَنيتا تمام سخت آهي. هوءَ هن کان ڪاپي لکائي وٺندي، شايد هوءَ ڏکي ويئي. پنهنجي پاپا کي ٽيچر جي شڪايت ڪيائين تہ ٽيچر مونکي ستائي ٿي. توهين هن کي چئجو.

ٻئي ڏينهن پرنسيپال چندناٽي ڪم ۾ مشغول هو. هن کان ڳالهہ وسري ويئي.

اَنيتا ڪلاس ۾ ڏٺو تہ اِسڪول جي ’نور نظر‘ ڪلاس ۾ عدم پئدا آهي. هوءَ ڪنهن بہ ماستر کان موڪل وٺي ڪونہ ويئي.

ٽئين ڏينهن اَنيتا وري کيس پرارٿنا جي وقت گهرائي

گهرائڻ کين سونهندو. پلي سپروائيزر هن کان الڳ پُڇي.''
''مونکي سپروائيزر تي بہ وشواس ڪونهي. هو ڳالهہ ڪي ناهي ويندو.''
پرنسيپال چندناڻيِ آڳ ببولا ٿي وڏيڪ چيو، ''منهنجيِ ڏيءَ کوڙ کين ڳالهائيندي آهي.''
اَنيتا چيو، ''ڇا ماسٽر کوڙ ڳالهائيندو؟''
پرنسيپال چندناڻيءَ پٽيوالي کي چيو، ''نيلم کي وٺيِ اَچ.''
اَنيتا تي غصو چندبيندي چيائين، ''نيلم کي توهين ٽارچر نہ ڪريو. سڄو وقت هن جي دماغ ۾ هندي ٿيِ گهمي.''
ايتري ۾ نيلم اَچيِ ويئي.
''توکي ٽيچر نالائق چيو؟''
''مونکي هين ٻڌايو.''
''جنهن توکي چيو، اُن کي مون وٽ موڪل.''
سپروائيزر نيلم کان پڇيو، ''ٽيچر کي ڏسيِ توکي پڙهڻ تي دل ڪونہ ٿيندي آهي ڇا؟ تنهنجو ڊويزن بدلايون؟''
''نہ.''
''چڱو تون وڃ.''
چندناڻيءَ وهلور ٿيِ چيو، ''توهين جي اهڙيِ هلت هلندا تہ مان نيلم جو ڪلاس ڊويزن بدلي ڇڏيندس.''
اَنيتا دل ۾ سوچيو، 'ڪاش نيلم جو ڊويزن بدلجيِ وڃي.'
پرنسيپال سپروائيزر طرف مخاطب ٿيِ چيو، ''هوءَ ڪلاس ۾ وهي يا نہ وهي، هُن کي ڪير ڪجهہ ڪونہ چوندو.''
''جيِ ها.''
اَنيتا دل ۾ سوچيو، 'اڄڪلهہ جي زماني ۾ وڏي پڳ وارن جيِ اؤلاد کي صحيح راه ڏيکارڻ لاءِ سؤ دفعا سوچڻو پوندو.'
اَنيتا ذلت جو زهر پي بہ چُپ رهيِ.
اَنيتا جي من ۾ آنڌ مانڌ هئيِ - مجبوريِ آهي، روزيِ روٽيءَ جو سوال آهي. گيتا جو شلوڪ بار بار هن جي ڪنن ۾ گونجڻ لڳو.

ڪڍڻ هڪ ماستر جو فرض هو. هوءَ ڏکي ڪلاس ۾ پيريڊ Bunk ٿي ڪري.

اَنيتا نيلم کي گهرايو.

”ڪلهه تون رسيس کانپوءِ ڪلاس ۾ نه هئينءَ. ڪنهن کان موڪل وٺي وئينءَ؟“

”نه.“

”هتي ڪنهن به ٽيچر کان موڪل وٺڻ ضروري آهي. رستي تي ڪجهه ٿي وڃي ته ماستر کي ڄاڻ هئڻ ضروري آهي.“

”Sorry ساري.“

”تو جيڪي جواب لکيا آهن، اُهي تو سمجهيا آهن؟“

”مون صرف لکيو آهي، پڙهيو ڪونهي.“

اَنيتا دل ئي دل ۾ پنهنجن ڪرمن کي ڏک هنيو. ايترن ڏينهن جي محنت پاڻيءَ ۾ وئي. هُن کي چيائين، ”سُٺي شاگرد جا نوٽس زيراڪس ڪري پڙهه. difficulty هجيئي ته مونکان پُڇ.“

نيلم خوش ٿي وئي. هوءَ لکڻ جي مصيبت کان بچي وئي.

پرنسيپال چندناڻيءَ کي پنهنجي ڌيءُ جي ڳالهه ياد آئي ته اَنيتا ٽيچر هن کي ستايو آهي. هن سپروائيزر سان گڏ اَنيتا کي گهرايو. واڪا ڪري اَنيتا کي چوڻ لڳو، ”توهين پاڻ کي سمجهو ڇا ٿا؟ مونکي خبر آهي ته توهانجي پڙهائڻ جو سطح ڪيترو آهي. سڀ ٻار گائيڊ پڙهي پاس ٿيندا آهن. (جديد زماني ۾ 99% ٻار گائيڊ ئي پڙهندا آهن ۽ لکڻ جي تڪليف کان بچڻ چاهيندا آهن.) منهنجي ڌيءَ معصوم آهي، توهان هن کي نالائق چيو.“

اَنيتا پنهنجي صفائي پيش ڪندي چيو، ”مون نيلم کي نالائق ڪين چيو آهي.“

”مان نيلم کي سامهون گهرايان؟“ هن واڪو ڪيو.

”ماستر ۽ شاگرد جو رشتو ٿيندو آهي. شاگرد کي سامهون

مهان نارِي

مهيش جي ماءُ نرملا مهان نارِي هئِي. هن پنهنجِي زندگيءَ ۾ گهر ۽ نوڪريءَ جي وچ ۾ توازن رکيو. هن پنهنجِي پتيءَ ۽ ٻارن کي ڪنهن به ڪميءَ جو احساس ٿيڻ نه ڏنو. نوڪريءَ ۾ پرنسيپال جو عهدو سنڀاليائين. هوءَ هرڪو ڪم خوبصورتيءَ سان ڪندي هئِي. رات جي وقت تئي تي گرم گرم ڦلڪو پچائي پتيءَ ۽ ٻارن کي ڏيندي هئِي. هن جو پُٽ مهيش، پنهنجِي ماءُ جِي شخصيت کان بيحد متاثر هو. هو هروقت پنهنجي ماءُ جي ساراهه جا ڍڪ پريندو هو. سچ پچ نرملا جي اُٿڻ وهڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ انوکي ادا هئِي.

نرملا کي ٻه پُٽ ۽ هڪ ڌيءَ هئِي، پر هوءَ ننڍڙي مهيش کي بيحد چاهيندي هئِي. هن مهيش جِي شادي ڌوم ڌام سان ڪرائِي. روشنِي سندر ۽ گهريلو ڇوڪرِي هئِي. هوءَ پنهنجِي سمجهه ۽ لياقت انوسار گهر کي صاف سٿرو رکندي هئِي، کاڌو تيار ڪندي هئِي. سرڪارِي سنسٿائن ۾ جڳهه خالِي ڪونه هئِي، اِنڪري هن کي برابر نوڪري ڪونه ملِي هئِي. هن کي پارٽ ٽائيم نوڪري هئِي. اڻ آزمودگار ۽ اُڀري هئِي، اِن ڪري هن کان هر بار غلطيون ٿينديون هيون. مهيش جي مٿي تي ماءُ جو جادو ڇانيل هو ان ڪري هو هن جي هر ڪم مان نقص ڳولهيندو هو. هو هر ڪم جِي ڀيٽ پنهنجِي ماءُ جي ڪم سان ڪندو هو. روشنِي پيار ۽ پنهنجائپ سان ڪم ۾ سڌارو آڻي سگهي ها پر هر ڪم تي ٽوڪبازِي ٻُڌي هن جو ارواح گهر مان ڪڇندو ويو. هوءَ نئين گهر کي پنهنجو نه پئي سمجهي سگهي.

نرملا محسوس ڪيو ته هن جِي شخصيت روشنيءَ جي مٿان ايتري قدر ڇانئجِي ويئِي آهي جو روشنيءَ جو وجود گُم ٿيندو ٿي ويو. اِنڪري عهدي تان رٽائرڊ ٿِي هن ڳوٺ ۾ رهڻ

مان اَپمان، ڏُک سُک کي سمجھي سمان،
سوئِي پڳت منھنجو پيارو.
اَنينا چندناٽيءَ کي ڪجھ چئي نہ سگھِي پر ھن کي وشواس ھو 'تون وڏو آھي تہ توکان وڏو ڏٽِي آھي. ھن جي دربار ۾ سيني کي حساب ڪتاب ڏيڻو پوندو. جتي اِنسان ستاڌاريءَ جي سامھون پُڄِي نٿو سگھي، اُتي ايشور ئِي اِنسان جو سھارو بڻجي ٿو.'

"واڳ ڏٽِي تنھنجي وس،
آنءُ ڪا پاڻ وھيڻِي

نئڙت سندي نارِي

نيڻن جو نُور،
حليمائيءَ جي حور،
نزاڪت جِي نازنين،
دل جِي دلربا،
حسن جِي ھبڪار،
سونھن جِي سھٽِي،
پيار جِي پرتيما،
نئڙت سندي نارِي.

۾ ڏک هو پر ٻاهران ٻنهي کي ٻڙک نه ٻولٽي هئي. نرملا سان سياويڪ وهنوار ڪرٽو هون. هر تڪليف ۾ ڪين دلداري ڏيٽي هئن.

مهيش نوڪريءَ مان موڪل ورتي. بمبئيءَ جي ٽاٽا اسپتال مان تپاس ڪرائي ڪيس مڪاني نرسنگ هوم ۾ ڀرتي ڪرايو. مهيش گهر ۾ اچي بيحد روئندو هو. روشني ڪيس دلداري ڏيندي هئي - موت تي ڪنهنجو وس ڪونهي. راجا هجي يا فقير، ٻلوان هجي چاهي نٻل، امير هجي چاهي غريب، سڀني وٽ هڪ نه هڪ ڏينهن موت جو پيغام اچڻو آهي.

مهيش چهري تي نقاب چاڙهي پنهنجي ماءُ کي دلداري ڏيندو هو. جڏهن جڏهن هن نرملا جي تڪليف کي وڌندو محسوس ڪيو، هن پنهنجي ڀاءُ ۽ ڀيڻ ۽ مامن کي تار ذريعي اطلاع ڏنو. سڀ نرملا کي بيحد چاهيندا هئا. سڀ ڪم ڪاريون ڇڏي اچي اسپتال ۾ سهڙيا.

نرملا سمجهو هئي. اها ڳالهه پروڙي ويئي ته هن جو آخرين وقت اچي پهتو آهي، پر هن ٻاهران ڏيکاري ڪونه ڏني. ڏيئو وسامڻ کان اڳ جڏهن وڌيڪ روشني ڏيندو آهي، ساڳئي نموني سڀني عزيزن کي ڏسي نرملا جي چهري تي رونق نظر آئي. مهيش جي ڀيڻ مونا، ماءُ کي ڏسي خوش ٿي. هن کي ائين لڳو ته هن جي ماءُ جلدي نوبني ٿي ويندي.

سومر ڏينهن مهيش ۽ روشني نرملا کي ڏسڻ ويا. روشنيءَ کي گهر ۾ مائٽن جي نگهباني ڪرڻي هئي. نرملا مهيش کي گهر وڃڻ کان روڪيو. ٻن ڪلاڪن ڪانپوءِ نرملا کي محسوس ٿيو ته هن جي آخرين گهڙي ويجهو اچي رهي آهي. موت وقت به هن پنهنجي پٽيءَ جي صحت جو خيال ڪيو. هن کي اسپتال ۾ اچڻ جي تڪليف نه ٿي ڏيڻ چاهيائين. مهيش کي هوءَ بيحد پيار ڪندي هئي. هن جو مهيش جي مٿان حق هو. پُٽ ماءُ جي قريب وينو هو. مهيش کي معلوم هو ته هن جي ماءُ هينئر ڪونه بچندي. انسان ڪيترو نه بيوس

جي اِڇا ظاهر ڪئي. هن پڇاڙيءَ جو وقت ايڪانت ۾ پگهونت پڄڻ ۾ صرف ڪرڻ چاهيو. هن جي پٽي رامچند پڻ نرملا جي اِڇا کي منظور ڪيو پر مهيش پنهنجي ماءُ کان الڳ ٿيڻ نہ پيو چاهي. پر ماءُ جي حڪم ۽ اِڇا کي هو ريئي نہ سگهيو. هن کي آخر سِر جهڪائڻو پيو.

ڏيري ڏيري مهيش جو ناتو روشنيءَ سان گهرو ٿيندو ويو. هن کي جاڻ پيئي تہ کي خاميون روشنيءَ ۾ آهن تہ کي اوڻايون هن ۾ پڻ موجود آهن ۽ هوُ انهيءَ حقيقت کي سمجهي سگهيو تہ هر اِنسان ۾ کي خوبيون آهن تہ کي خاميون پڻ. هر ڪنهن گُل جي خوشبوءِ الڳ آهي. ڪنهن اِنسان جي ٻئي اِنسان سان پيٽ نٿي ڪري سگهجي. هو روشنيءَ کي چاهڻ لڳو. روشنيءَ جي ويران زندگيءَ ۾ بهار جو جهونڪو آيو. روشني قدردان هئي. هن کي انهيءَ ڳالهہ جو چڱي نموني احساس هو تہ هن جي سسُ نرملا بيحد سياڻي هئي. هن پنهنجي سس جا تهدل شڪرانا مڃيا. مهيش جي گرهستي مؤج مزي ۾ گذرڻ لڳي.

وقت گذرندو ويو. ٻن سالن کانپوءِ نرملا کي پيٽ ۾ سوُر پوڻ لڳو. هوءَ انهيءَ ڳالهہ کي ننڍڙي ڳالهہ سمجهي نظرانداز ڪرڻ لڳي. هوءَ ٿورو ڪم ڪري اُچي بستري تي ليٽندي هئي. هن مڪاني ڊاڪٽر کان علاج ڪرايو، پر ڪوبہ فائدو نہ ٿيو. هن جي پٽي رامچند مهيش کي تار ڪئي. هوُ اُنهيءَ وقت ئي ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو. پنهنجي ماءُ پيءُ کي وٺي شهر ۾ آيو. روشني پنهنجي سسُ سان سٺو سلوڪ ڪرڻ لڳي. هُن کي ڊاڪٽر وٽ وٺي ويئي. ڊاڪٽر ڪيس ٽيسٽ ڪرائڻ لاءِ چيو. جڏهن مهيش ۽ روشنيءَ کي ڊاڪٽري رپورٽ جي خبر پيئي تہ نرملا جي پيٽ ۾ ڪئنسر آهي ۽ اُها آخرين درجي تائين پهچي چُڪي آهي. ٻنهي کي گهرو ڏڪو پهتو. ٻنهي جي اِمتحان جي گهڙي هئي. مهيش ۽ روشني ڊاڪٽري رپورٽ نرملا کان لڪائي رکي. ٻنهي جو اندر ڪاڏل هو. اندر

مبڻ بڻي

ارپيم
اُن درد جي لمحن کي
جن
مونکي بيحد ڏکويو
جو درد
تو مونکي ڏنو
سوئي اَڄ
مان موٽايان ٿي.

رچنا جو عنوان سوچيم - انيڪ نالا منهنجي دماغ جي سطح تي اُڀرندا رهيا. درد جو دائرو، درد ئي درد، دردِ - دل، ڏکي دِل، ڏک زندگيءَ جو سينگار، ڏک منهنجا ساٿي، غمن جو گهيرو، غمگين دل، ڏکڻي دل، نازڪ جذبات، جذبئہ دل، سوکيم اُڌما، احساس، اندر جو آواز، تاريڪ زندگي، ٽُٽل دِل، تڙيل پکڙيل جذبا، تڙپ، چوُر چوُر احساس، ٽٽل نغما، درد جي راڳڻي وغيره.

اُهو درد جو تون نٿو ٻُڌڻ چاهين، اُهو دردِ جو مان وسارڻ چاهيان ٿي. اُن درد جو ڪو نالو ڪونهي ڇڻ تہ ڪنهن مونکي بار بار چيريو آهي. چيرڻ ڪانپوءِ خون جا ڦڙا نہ نڪتا آهن. اُهي آهن الفاظ جي سڄي ماحول ۾ ڦهلجي چُڪا آهن.

منهنجو من حد کان وڌيڪ ڏکڻو آهي. اڳلي کي جي نيس لڳندي آهي تہ درد مونکي ٿيندو آهي ۽ مان پنهنجي درد کي دل ۾ سمائي نٿي سگهان.

هڪ واقعو هجي تہ ٻڌائي بہ سگهان. توسان گڏ رهندي ننڍن ننڍن واقعن منهنجي دل جي شيشي کي پرزا پرزا ڪيو آهي. هر واقعي ۾ منهنجو ٽُٽل عڪس نمايان آهي. اَڄ مان هن رچنا ذريعي ٽُٽل ٽڪرن کي من مان اُڇلائي

آهي. هو مؤت سان لڙي نٿو سگهي. مؤت ڪهڙي پل ايندو تنهنجي خبر ناهي. هن کي هڪ هڪ پل ڏکيو محسوس ٿيڻ لڳو تہ مؤت هڪ جهٽڪي سان هن جي پياري ماءُ کي کسي ويندو. نرملا جي پيڙا وڌندي رهي پر هن مهيش کي لفظن ۾ ڪين ٻڌايو پر پيڙا سبب هن جي شڪل بدلجندي ويئي. هو ماءُ جي ساريرڪ پيڙا سهي ڪين سگهيو ۽ ڊاڪٽر کي سڏڻ لاءِ ويو تہ نرملا پويان پساهہ ڏنا. مهيش مرد ٿي ڪري بہ زور زور سان سڏڪا ڀري روئڻ لڳو. نرملا هن فاني جهان کي الوداع ڪري ويئي. نرملا پنهنجي زندگيءَ ۾ فرض ۽ جوابداري سچائي ۽ وفائي سان نباهي. اِنڪري هوءَ مري ڪري بہ اَمر ٿي ويئي. مؤت ممتا کي ماري نٿو سگهي.

اءِ شمع !

تون ڪير ؟

محبت جي روشني،
انڌيري جي زندگي،
پرين جي بندگي.

هوا جي حشمت،
ٿم ٿم جي طاقت،
تو ۾ آ وسعت.

چو ٻٽين بي قرار،
ڪنهنجو آ اِنتظار،
ملڻ ۾ آ قرار.

شمع جي زندگي ؟
فنا جي زندگي ؟
بقا جي زندگي.

جي سامهون هئي ٻوسو چڙي ڪين سگهياسين. چُپ چاپ زهر جو ڍڪ پيري هوٽل مان موٽياسين. گهمڻ جي خوشي ختم ٿي چُڪي هئي. سمنڊ کي سامهون ڏسي ائين پئي لڳو جڻ لهرن مونکي سڏيو پئي. من کي ڪنهن نموني قبضي ۾ آندم. گهر جي پاتين مان ڪنهن به راڄ کي ڪين سمجهايو. اُلٽو منهنجي ناراضگيءَ کي ميار ڏيڻ لڳا. پتي کهڙو به وهنوار ڪري، پر پتنيءَ کي هميشه مُسڪرائڻ گهُرجي. جڏهن به ڪير بمبئيءَ جو ذڪر ڇيڙيندو آهي، منهنجو دماغ ڏان ڏان ڪرڻ لڳندو آهي. هينئر سمنڊ به ڪين وڻندو اٿم. اِنهن اٺوندڙ يادگيرين کي وسارڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم، پر بمبئي منهنجي لاءِ بدنما داغ بڻجي چُڪي آهي.

منهنجو راڄ وٽ ڪو قدر ڪونهي، مان سمجهان ٿي گهر ۾ مهمان ايندا آهن. مان بنا پُڇڻ جي خاطرداري ڪندي آهيان. هڪ ڏينهن هن جا چار دوست آيا. راڄ منهنجي پيڻ جي شاديءَ جو آلبم ڪڍي آيو هو. مون بسڪيٽ پاڻي سيني لاءِ رکيو. شاديءَ جا فوٽا ڏسڻ جي اُتسڪتا ٿي. جئن مان فوٽا ڪڍي بالڪنيءَ ۾ ويس ته راڄ ڪاوڙ مان چيو، ”چانهه ڪونه ڻاهينديءَ ڇا؟“ جنهن نوع سان راڄ حُڪم ڏنو، اُنهيءَ حُڪم منهنجي من کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن سُني نموني ۾ چوي ها، ’پاونا، منهنجي دوستن کي دير ٿي ٿئي. چانهه جلدي رک‘ ته مان اِنڪار ڪين ڪريان ها. ڇا پتني پتيءَ جي غلام آهي؟ پتنيءَ کي ڪا دل نه ٿيندي آهي؟ پاڙي جي ٻارن جي سامهون بي عزتي ڪري هليو ويو.

راڄ کي گارين ڏيڻ جي عادت هئي. مونکي علحدو لڳندو هو پر پوءِ خبر پيئي ته گهر جي سيني مردن کي اِها عادت هئي اِنڪري نه چاهيندي به پاڻ کي گارين تي هيرٽو پيو. ڪابه سٺ گار ڪانسواءِ پوري نه ٿيندي هئي.

منهنجون ساهيڙيون نئين پڪچر فرسٽ ڊي فرسٽ شو ڏسنديون هيون ۽ پڪچر جي چرچا ڪنديون هيون. راڄ ڪڏهن به پڪچر

چڙهڻ ٿي چاهيان.

منهنجي دادا جي پرلوڪ سڌارجڻ ڪري راج منهنجي دک کي دور ڪرڻ چاهيو اِنڪري هن مونکي گهمائڻ جي رٿ رکِي. منهنجي دل ۾ هن جي لاءِ بيحد شرڌا ۽ پيار جاڳيو. راج کي خبر هئِي تہ مونکي سمنڊ بيحد وڻندو آهي. اِن ڪري بمبئِي گهُمڻ جو پروگرام رکيائين. مان خوشيءَ ۾ پرجي ويس. مون اُن خوشيءَ ۾ ساهرن کي بہ شريڪ ڪرڻ چاهيو. گهر جي سيني ڀاتين کي راضِي ڪيم. ٽولِي ناهي گهُمڻ ۾ وڌيڪ لُطف ايندو آهي اِن ڪري ننڍي ڀيڻ کي بہ راضِي ڪيم. هوءَ پنهنجي خرچ جو حصو ڏيندي. منهنجي ڏيراڻِي راهہ سفر لاءِ لولا پچايا. مون پرانا ۽ سئنڊوچ تيار ڪيا. بہ راتيون گذريون. ٽئين ڏينهن منجهند جو هڪ هوٽل ۾ مانِي کاڌيسين. مونکي ڪاڌو نہ وڻيو. شام جو ستين بجي گهُمِي هوٽل ۾ واپس ٿي آياسين. راج چيو، ”رات جو لولا ٿا هلِي کائون.“ مون چيو، ”لولا مانِي ڪري ڪيئن کائبا؟“ راج ڀيو دليل ڏنو، ”هينئر هوٽلون بند ٿِي ويون هونديون.“ مون زور ڀريندي چيو، ”ڏسون ٿا. ڪا نہ ڪا هوٽل تہ کُليل هوندي.“ راج لاچاريءَ وچان چيو، ”چڱو اچ.“ مون پنهنجِي ڀيڻ کي ڪوٺيو. گهر جي ٻين ڀاتين راج جي اڳيان ڪجهہ ڪين ڪڇيو. هو هوٽل ۾ واپس ويا. ڀيڻ کي سڏڻ کانپوءِ راج وهلور وڃڻ لڳو، گهڻ وڏ ڳالهائڻ لڳو. بہ ٽي هوٽلون کليل هيون، جن ۾ چند ماڻهو ويٺل هئا. راج اَهم کي مٽي ڪندي چيو، ”هيءَ هوٽل سُٺي ڪانهي.“ مونکي ايتري بہ جريت ڪونہ ٿِي جو ڪانئس پُڇان تہ خرابِي ڪهڙي آهي؟ راج ٻوسن جو آرڊر ڏنو ۽ پنهنجي لاءِ چانهہ گهرايائين. راج اڪيون ڦاري گهڻ وڏ ڳالهائڻ لڳو. هنجي اهم کي چوٽ لڳِي جو هن جِي ڳالهہ غلط ثابت ٿِي. مون پهريون دفعو راج جو اصلِي چهرو ڏٺو. مان ٻُڪ کڻي نہ سگهندي آهيان. بي عزتيءَ جي ڪري هرڪو گرهہ گلي ۾ اٽڪِي پيو. راج جي غصي

من کي سمجهائيندي آهيان هتي ڪير تنهنجو خيال رکندو؟ مونکي خود بيماريءَ سان لڙڻ گهرجي. اِچا شڪتي سان لڙندي ڏينهن گذرندا آهن. داتا در اِهوئي سوال آهي تہ مونکي ڪنهنجو محتاج نہ بڻائج. ساهرن ۾ منهنجو ڪوبہ سهارو ڪونهي.

منهنجي سؤٽ لاءِ راج جي ماروٽ جِي مائٽي آئِي. مونکي چوڪرو وٽيو پر راج هڪ هڪ ڳالهہ ڳُٽي منهنجي پيڪن کي گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. سنو ٽيو مائٽي ڪين ٽِي نہ تہ هر واقعي جي پٺيان مان جوابدار هجان ها. پنهنجو شان، پنهنجِي ڳرائيءَ جي هيٺ پٽني تہ ٽُهِ آهي.

گهر ۾ سڀ ساهرا اٽسڏي نموني ٽوڪيندا هئا تہ مان راج جو ڪجهہ خيال نٿِي ڪريان. راج کي سنيون پوشاڪون ڪونهن پر مان بہ چا ٽي ڪري سگهيس؟ راج کي منهنجِي پسندي ڪونہ وٽندي هئِي ۽ هو منهنجي منٿن ڪرڻ ڪانپوءِ بہ پنهنجي لاءِ، پوشاڪ خريد ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو هو. راج جي نائيٽ ڊريس ڦاٽي ويئي اِن ڪري ١٥٠ روپين جو چوغو ڪڙتو خريد ڪري آيس. نائيٽ ڊريس ڏسي راج منهنجي پاءُ جي سامهون تپي باه ٽي ويو. هوُ بہ مونکي ڏوه ڏيڻ لڳو تہ تون هن جي مٿان پنهنجِي پسندي چو ٿي مڙهڻ چاهين. چُپ چاپ زهر جو ڍڪ پيتم. راج اُهائي ڊريس پوءِ پائي سارهڻ لڳو. پر هڪ دفعو ڪليجو چيرجِي چُڪو، اُن جي مٿان ڪيترا دفعا مرهم هڻان؟ هينئر ڪيس ساڳئي نموني جي نائيٽ ڊريس بيحد وٽندي آهي پر مان پنهنجائپ ڏيکاري خريداريِ ڪري اَچان، اِها ڳالهہ ڪيس پسند ڪونهي.

گهر ۾ ڪم واريِ مائي باٿروم صاف نہ ڪندي آهي. فليٽس ۾ گندا باٿروم ڪيئن وٽندا؟ مهمانن جي اَچڻ ڪري ٽڪل هئڻ جي باوجود بہ باٿروم صاف ٿي ڪيم. اِهو ڪم منهنجو هو، پيو ڪير صاف ڪندو؟ باٿروم صاف ڪرڻ وقت راج طعنو هنيو، ”ماءُ وانگر وهمي آهين. سڀو وقت بالٽيون پري پاڻِي پيئي وڃهين.“ سوچيم، سڀي ڏينهن ۾ هڪ دفعو تہ

ڏسڻ جي رِتا نہ ٺاهيندو هو. ٺن ڇئن مهنن ۾ پڪچر ڏسڻ لاءِ راضي ٿئي تہ ڪڏهن بلئڪ ۾ ٽڪيٽون وٺندا هئاسين يا ’هائوس فُل‘ جو بورڊ ڏسي واپس ايندا هئاسين اِنڪري پڪچر ڏسڻ جو شونق بہ ختم ٿي ويو. ڪڏهن پنهنجي ناراضگي ڏيکارڻ لاءِ ڪيبل ڪنيڪشن بہ مهني لاءِ بند ڪرائي ڇڏيندو هو.

گهر ۾ ڏيراڻيءَ جي ننڍڙي ٻن سالن جي ٻيبي، مهني کان بيمار هئي. اُها هتي جي اسپتال ۾ ٻيبيءَ کي ڏيکارڻ لاءِ آئي. ٻيبيءَ جا ننهن وڌا ٿي ويا هئا، ننهن چُهن پيا. هوءَ ڏينهن جو ننهن ڪٽڻ کين ڏئي ها. رات جو جڏهن ٻيبي سُمهي پئي هئي، مون نيل ڪٽر سان ننهن ڪٽڻ چاهيا. منهنجي نراڻ، تعليم يافتہ، هُن سڄي گهر جي سامهون منهنجو تماشو بڻايو، ’رات جو ننهن کين ڪٽبا آهن. گهر جي سُک سمپتي هلي ويندي.‘ مون کيس سمجهائڻ جي ازحد ڪوشش ڪئي - ’ننهن ۾ مٽي، زهر آهي. انڌ وشواس جي دائري ۾ قيد نہ ٿيءُ. ٻيبي بيمار آهي، ضد ڪندي.‘ راج سيڪنڊ ۾ ٻُڌو ۽ پيڻ جو پاسو ڪٽي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو. پيڻ جي سامهون مونکي جهڪايائين. سيني جي سامهون مان اڪيلي هئس. مان ڄاڻي واڻي ڪنهن جي ٻاونائن کي ٺيس نہ پهچائيندي آهيان. مون بس کيس ايترو چيو، ”تون سياڻي گهر ۾ آهين. تون ڏينهن جو ٻيبيءَ جا ننهن ڪٽجانءِ.“ پر هن ٻيبيءَ جا ننهن کين ڪٽيا. اُن ڏينهن مونکي معلوم ٿيو - ڀاڄائيءَ جي بہ ڪا عزت ٿيندي آهي ڇا؟

جڏهن جڏهن مان بيمار ٿيندي آهيان، راج جو منهن ٺامٽي هٽي ويندو آهي. عورت کي بيمار ٿيڻ جو ڪو حق ڪونهي. مونکي راج جي رُڪئي وهنوار چنتا ڏني آهي ۽ چنتا ڏني آهي بيماري. راج دوا وٺڻ لاءِ چوندو آهي، پر اُهو نوع پيار پريو نہ هوندو آهي جنهن ڪري من بغاوت ڪري اُٿندو آهي. جتي قدر ڪونهي اُتي رهڻ مان ڪهڙو فائدو؟ وري ڪڏهن

نو مونکي کونہ سجاڻو

ڏياريءَ جو ڏينهن خوشين جو ڏينهن هوندو آهي. تم تم کندڙ ڏيئن جو ڏينهن، بجلي بتين جي روشنيءَ جو ڏينهن هوندو آهي پر هيءَ ڪهڙي ڏياري آهي جيڪا پاڻ سان انڌيرو ۽ سناٽو کڻي آئي آهي. رام جي ايوڌيا ۾ واپس اچڻ سان گهر گهر ۾ خوشيون ڇانئجي ويون هيون پر اڄڪلهہ جي يگہ ۾ منهنجي پٽ رام جي واپسي مُمڪن ڪونهي. منهنجي لاءِ ڀلا ڪهڙي ڏياري؟

ڏهين سالين ۾ منهنجي شادي ٿي. مان ننڍڙي هئس، مونکي منهنجي ماءُ جي ياد ستائيندي هئي. هن کي ياد ڪري روئندي هئس. پيءُ ننڍڙي هوندي ئي گذاري ويو هو. ٻارهين سالين جي مس ٿيس تہ ماءُ بہ گذاري ويئي. آهستي آهستي ساهري گهر ۾ گهر جو ڪم سکي پڙ ٿيس. گهوٽم جو اتي موھ هو. هڪ شيءِ گهرندي هئس تہ ڏھہ شيون آڻي حاضر ڪندو هو. ڙڙ ڪپڙو ڦاٽل ڏسندو هو تہ سڄو ڦاڙي ڇڏيندو هو. نوڪر چاڪر هئا. هو مونکي چوندو هو، ”نوڪرن کي ڪاڏو پيٽ ڀري ڪاراءِ ۽ ڪم ڀلي ڳڌهن وانگر وٺ. مونکي ڪنهن بہ قسم جي تڪليف ڪونہ هوندي هئي. مان گهر جو ڪم ڪندي هئس. پنهنجي هٿ سان گهر جو ڪم ڪرڻ ۾ بہ خوشي ٿيندي هئي. اڄڪلهہ جي زماني وانگر من ۾ گهٽتائيءَ جي ڀاونا پئدا ڪونہ ٿيندي هئي. وڏوا نراڻ تکي سڀاوَ جي هوندي هئي. گهوٽم تکي سڀاوَ جو هو. غصو بي انتها ڪندو هو تہ پيار بہ بي حساب ڪندو هو. ڪاڏي جي ٿالهي کڻي اُڇلائي ڇڏيندو هو. جڏهن منٿون ڪندي هئس تڏهن مس راضي ٿيندو هو. پاڪستان ۾ سڀ سُک ماڻيم.

هندستان جي ڌرتيءَ منهنجا سڀ سُک آهستي آهستي کسي ڇڏيا. مونکي چار ڏيئر جايون. لوڪ آهي ٻوڪ؛ سڀئي ورجائيندا

ٽائليٽ/باٿروم صاف ڪرڻ گهرجي. مون ڏينهن ۾ ڏهه دفعا ٽوروئِي باٿروم صاف ٿي ڪيو. ماءُ جو طعنو هڻِي راج پنهنجِي دل ٺارِي. مان چُپ چاپ سهنديِ رهيس. ڇا ڪيان؟ مجبوري آهي. اِستري ذات جُو آهيان.

مان گهر ۾ ڪجهه ڳالهايان ته راج ڪي ائين لڳندو هو ته مان هر واقعي جي سمجهاڻِي ٿِي ڏيان، ان ڪري مان خاموش ٿِي رهندي آهيان. ڪاٻه ڳالهه ٿيندي آهي ته مان پنهنجو رايو ڏيڻ نه چاهيندي آهيان، ڪجهه ڪُڇڻ تي به بندش آهي. مان اِنسان نه پر هڪ گونگو جانور بڻجِي پيئِي آهيان.

مونکي پنهنجي ساهيڙيءَ جي شاديءَ تي وڃڻو هو. رات جي وقت پارٽِي ٿئي ٿِي. هو هلڻ لاءِ راضِي ٿيو. مان اَئين بجي تيار ٿيس. راج ساڍي ائين بجي آيو. غصي ۾ تيار ٿيو. شادي جي هال ٻاهران اِسڪوٽر روڪي چيائين، ”تون اڪيلِي وڃ.“ مون ڪيس جواب ڏنو، ”مونکي اڪيلي شاديءَ تي وڃڻ جِي ضرورت ڪونهي.“ مان راج سان گڏ واپس آيس. راج جي دوستن ۽ مائٽن جي شاديءَ تي وڃڻ لاءِ مان هڏل آهيان. منهنجِي پسندي/ناپسنديءَ جِي ڪا اهميت ڪونهي. اِن ڪري مان ڪٿي به اڪيلِي وڃڻ کان اِنڪار ڪندي آهيان.

سهڻ ڇا اِستريءَ جو ڌرم آهي؟ بي عزتيءَ جو زهر ڏيري ڏيري دماغ ۾ ڦهلجندو ٿو رهي. مان هڪ ميڻ بتِي آهيان، ڏيري ڏيري جلِي ختم ٿِي ويندِيس، پر راج پروانو ٿِي ڪي فدا ڪرڻ لاءِ نه ايندو. راج جي دل ۾ مون لئه ڪڏهن به پيار ڪين جاڳندو. اِهو ارمان دل ۾ رکِي هن دنيا مان هڪ ڏينهن هلِي وينديس.

جي آخرين موڪلاڻي آهي. مون کيس چيو، ”پپو ننڍڙو آهي، مون کانسواءِ روئندو.“ اِهو چئي واپس گهر ۾ پهتيس. صبح جو سنين بجي خبر پيئي ته پپوءَ جو دادا هن دنيا مان هليو ويو. اُف! دل ۾ ڪيترو نه ڏک رهجي ويو جو آخرين سمي مان ساڻس گڏ رهي نه سگهيس. شايد هن جو آخرين درشن منهنجي نصيب ۾ نه هو. اِن جو ڪارڻ بڻيو پپو. هن جي جوابداريءَ ۾ مون ننڍڙي ابهم کي وڏيڪ اهميت ڏني.

پپوءَ جي دادا جي گذاري وڃڻ کانپوءِ به منهنجي زندگيءَ مان سڀ خوشيون هليون ويئون. دڪن جا پهاڙ ٽُٽي پيا. دڪان منهنجو ڏير سنڀاليندو هو. پئسي پئسي جي محتاج بڻيس. پئسو ڪين هوندو هوم جو ٽڪاڻي ۾ مٿو ٽيڪي اچان. پوءِ به مٺي به ماڻ، ڪري سڀ سهندي هئس. ٻار ننڍڙا هئا. مان اڻپڙهيل. ڏير، ڏيراڻيءَ جي محتاج بڻجي پيس. ڏيراڻي به سياڻي هئي. هن جا ٻار ننڍڙا هئا ۽ مان مفت جي نوڪرياڻي، هُنن جي مالش ڪندي هئس، پاليندي هئس. گهر جو ڪم ڪندي هئس. جڏهن هن جا ٻار وڏا ٿيا ته هن کي منهنجي ڪا به غرض محسوس نه ٿي. مونکي چار ڏيئر هيون ۽ هن کي صرف هڪ ڪڪي. ڏيراڻي ڏيتي ليتيءَ ۾ ٻري وجي ها. چُرچ شروع ٿي، ڏار ٿياسين. ورهاست ۾ هڪ دڪان ۽ ۹ هزار قرض مليم. دڪان سنڀالڻ وارو ڪير به ڪونه هو. پپو به اَنين درجي ۾ هو. هڪڙو پري جو رشتيدار دڪان سنڀاليندو هو. دڪان جي حالت خراب ٿيندي ويئي. هن اِهُ دڪان چالاڪيءَ سان پنهنجي نالي ڪرائي ڇڏيو. مونکي ڪا سُڌ ڪين پيئي. هن جي گذاري وڃڻ کانپوءِ وارث پئدا ٿيا جي اِهُ دڪان جو قبضو ڄمائي ويٺا. آخر چئن ڄڻن جي صلاح سان دڪان ٺيڪي تي ڏنم. ٻار وڏندا رهيا. ڇوڪرين جي شادي ڪرايم. پپوءَ کي دڪان جي ڪمن ۾ ڪو چاهه ڪين هو. هن جو پڙهائيءَ ڏي لاڙو هو. هو انجنيئر بڻيو. منهنجا سڀ لايا سڄايا ٿيا. کيس نوڪري ملي، پر هو شادي

هئا - ڪُل جو نالو روشن ڪرڻ لاءِ پُٽ کپي، ڪائيءَ کي ڪنڌو ڏيڻ لاءِ پُٽ کپي. داتا جي دروازي تي انيڪ باسون باسيم، سکائون کيم. اڪيلي هوندي هئس. انيڪ تڪليفون ڏٺم. ڊاڪٽر ڊليوريءَ جي وقت دب ڪيندي چيو، ”پنهنجي طبيعت جو ڪو خيال ڪونہ اٿيئي. پنهنجن هٿن سان پاڻ کي مارڻو اٿيئي ڇا؟“ تڪليفن جي باوجود پٽڙو ڄڻيم تہ سڀ لايا سڄايا ٿيا. سڄي برادريءَ وارن کي نوتو ڏيئي گهر ۾ گهرايو ويو. اڄڪلهہ تہ شاديون بہ ايتري ڌام ڌوم سان ڪين ٿيون ٿين. پُٽ جي جنم تي واڌايون وري ويون. اسين گهر ۾ ٻار کي ’پپو‘ چوندا هئاسين.

ماں گهر ۾ دڪان جو بہ ڪم ڪندي هئس. مرچ مصالحا کپندا هئا، بيسڻ کپندو هو. گهر ۾ ٻارن جو نيپاج ۽ گهرو ڪم. سس سهرو بہ هئا. سهرم ڪڏهن ڪڏهن رات جو ٽين بجي فرمائش ڪندو هو، ”ڪنوار، چانهہ ۽ ڪوڪي ناهہ.“ چُلهہ دکائي چانهہ ۽ ڪوڪي تيار ڪندي هئس. هينئر وانگر تہ گئس بہ ڪونہ هئي. اڄڪلهہ تہ نونهرون گهوٽ جي ڪمري مان ٻاهر نڪرڻ بہ پسند نہ ڪن. سس، سهري، نراڻ يا ڏير جي اتفاقن ڪڏهن گهرج مهل شيوا ڪرڻ پسند نہ ڪن. پپوءَ جي جنم جي ٻن سالن کانپوءِ گهوٽم کي اڌرنگ اچي ٿيو. اسپتال ڇڱو پري هئي. گهر هڪ چيڙي تي ۽ اسپتال ٻئي چيڙي تي هوندي هئي. صبح جو ٻارن کي ناشتو ڏئي، منجهند جي ماني تيار ڪري اسپتال ويندي هئس. اُتي ڪجهہ وقت ويهي گهر موٽڻ جي تڪڙ لڳندي هئي. پپو ننڍو هو. منهنجو ساهہ اُن ۾ بہ اٽڪيل هو. هڪ سال اسپتال ۽ گهر جي وچ ۾ پٽڪندي رهيس. پپوءَ جي دادا جي سنڀال لاءِ دڪان جو هڪ سنڌي نوڪر رکيو هوم، جيڪو گهوٽم جي شيوا ڪندو هو. ماں اسپتال ۽ گهر جي وچ ۾ ٻن طرفن جي زندگي جيئندي ٿڪي پيس. هڪ شام جو دادنهن چوڻ لڳو، ”اڄ نہ وڃ.“ مون مُئيءَ کي کهڙي سُڌ تہ اڄ ڌُڻ

باس باسِي هئِي تہ ڪُل گروءَ وٽ هوءَ مٿو ٽيڪيندي. ڪُل گروءَ وٽ هرڪا ڪنوار پهريون دفعو مٿو ٽيڪڻ ويندي آهي. مون کيس چيو. ”ڪنوار، سنتن وٽان مٿو ٽيڪي اچڻو آهي. اڄ شام جو دربار ۾ هلنداسين.“ الائي پپوءَ کي کهڙي پٽي پڙهايائين. پپوءَ ماءُ جي مريادا کي وساري ڪنوار جو پاسو کڻي چوڻ لڳو، ”هن کي سنتن وٽ وڃڻ جي ڪا ضرورت ڪونهي. تو باس باسِي آهي، تون ئي نياءِ.“ اهڙا دل چيريندڙ اکر ڪهڙي ماءُ سهي سگهندي؟ جنهن جي صدقي مون ايتريون تڪليفون ڏٺيون. نونهن جي مٿان هڪ ڏينهن جي بہ حُجت نہ هلي ڇا؟ گهر ۾ ڏيءَ ۽ نائي اچن تہ منهن لهِي ويندس. مان ڏيئرن کي ڏيندِي ليتِي تہ کين ڏيئي سگهندي هئس پر جڏهن جڏهن گهر ۾ ايندا هئا تہ مانِي ڪارائڻ ڪانسواءِ کين ڇڏيندي هئس. پڳوان جي ديا سان منهنجا هٿ سلامت هئا. سڄو بوجهو هن جي مٿان کين هو. مان ٻڍاپي ۾ بہ ڪم ڪندي هئس.

هڪ دفعي سنسنگ ۾ ويس. ورت پپوءَ سان گڏ ڇوريائين. دال ٿوري بچي تہ گلاس پاڻيءَ جو وجهي رکي ڇڏيائين. هڪ دفعي شام جو ڪنهن جي گهر ۾ منهن پائڻ ويس. ڀاڄي ناهي ويئي هئس. چيومانس تہ چانور چاڙهي رکجانءِ. رات جو نوين بجي اچي ڏسان تہ بريڊ گهرائي پپوءَ سان مانِي کائي رهي هئِي. کيس اِهو بہ احساس نہ ٿيو تہ مان بريڊ ڪونہ کائيندي آهيان. سسُ جو ايترو لحاظ بہ نہ رکيو آهي ڇا؟

منجهند جو کيس ڀاڄي ناهڻ لاءِ چوان تہ هرڪنهن ڀاڄيءَ ۾ بوهيمگ ضرور وجهي ۽ نخري سان پپوءَ کي چوي، ”مونکي مميءَ جي هٿ جي ڀاڄِي کين ٿي وڻي.“

اسان سنڌي ڪاڏي ٿي هريل آهيون. مرهٽن وارو کاڌو کين پپو وڻي. ڀلا هن عمر ۾ مان پاڻ کي کيئن بدلائي سگهان؟ پپو، ڪنوار سان ٻاهر کائي اچي. مان ڪٿي مانِي کان؟ پيٽ

ڪرڻ کان اِنڪار ڪري بيٺو. سوچيندي هئس تہ جوانيءَ ۾ هن جو پير ترڪي نہ وڃي. منهن مائٽن، ڏيئرن نائين کي منٿون ڪندي هئس تہ پپوءَ کي شاديءَ لاءِ مڃايو. هُن ڪڏهن بہ مون سان حال نہ اوريو تہ هُن کي ڪهڙي تڪليف آهي. سڀ ڪيس سمجهائيندا هئا، پر هو اهڙو ڪچي جهڙي پٽ.

مون سڪائون ڪيون. ٽيهن سالن کانپوءِ پپو مس مس راضي ٿيو. پپوءَ پنهنجي پسندي ٻڌائي. هن کي سهڻي، پڙهيل ۽ نوڪري ڪندڙ ڇوڪري کپندي هئي. پهرين جڏهن مائٽيون گهر ۾ ايندي ۾ هيون تہ هو اِنڪار ڪندو هو. هينئر پسنديءَ واري ڇوڪري ڪيس نہ پئي ملي. اخبار ۾ اشتهار وجهايو ويو. ڪي ڇوڪريون شاهوڪار گهرن جون هيون جي اسان جهڙي وچولي ڪٽنب وارن سان نهڪي نہ سگهن ها. آخر پپوءَ کي هڪ ڇوڪري پسند آئي. هُن ها ڪئي. مونکي ٻڌايو ويو تہ ڇوڪري وڏي ڪٽنب واري آهي. اسانجي گهر ۾ نهڪي ويندي. منهنجي ڪا بہ گهُر ڪانہ هئي. شادي سُک سان ٿي، پر منهنجي نصيب ۾ نونهن جو سُک لکيل ڪونہ هو.

ڇوڪريءَ اچڻ شرط مونکي ڏينهن جا تارا ڏيکاريا. هوءَ صبح جو دير سان اُٿي، مان کيس چانهہ ٺاهي ڏيان. منڪو ڌوئي، منڪو پريان، ڪپڙا ڌوئان. مائيءَ جي اچڻ وقت سنان ڪرڻ وڃي. ناشتو تيار ڪري کيس ڏيان. هڪ ڪلاڪ ڇنڇر ديوتا جي تصوير رکي پوڄا ڪري. مان وهمن پرمن کي مڃيندڙ آهيان. مون کيس منع ڪئي. سيئي برهمڻ اِها ڳالهہ چوندا آهن تہ گهر ۾ ڇنڇر ديوتا جي مورت نہ رکبي آهي. پر، هوءَ ضد ڪري وڏن جي مريادا جو اُلنگهن ڪري، مونکي ساڙڻ لاءِ ڪلاڪ پوڄا ڪندي هئي. پپو هن جي سامهون ڪُڇي ڪين سگهندو هو. ماءُ کي ڪا ڳالهہ ڪين ٿي وٽي، اُن جي ناراضگيءَ جو کيس ويچار ڪونہ هو. پاڻ پڙهيل هو، ڪنوار پڙهيل هئي، ڪين مڃتا جو سبق ڪنهن ڪين سيکاريو هو. سڀ کان وڌيڪ مونکي اِن ڳالهہ جو ڏک ٿيو جو مون پپوءَ جي شاديءَ جي

آهي نہ تہ گهر ۾ ڪئليون ٽيندديون آهن، صاف صفائيءَ ڪرڻ ضروري آهي. پر هوءَ نخريلي هڏي چو ٿي.

دڪان جا پئسا پيوءَ جي هٿ ۾ هوندا هئا. پهرين ڏير ڏيراڻيءَ جي محتاج هئس، هاڻي اولاد جي. چمپل ڦاٽي ويندي هئي، ڪپڙا ڦاٽي ويندا هئا. جڏهن ڏيئر ورجائيندديون هيون يا آٽي ڏيندديون هيون تڏهن پيوءَ کان پئسا گهري ڏيئرن کي ڏيندي هئس. هي ڳالهيون ڪيس ڪير سمجهائي؟ چوندو هو، ’مونکي خبر ڪونهي.‘ ڪاڏي ڪاڻ جي خبر پوي ٿي، فرض پالڻ جي خبر نہ ٿي پوي! واه انجنيئر واه! پيوءَ ۾ ايتري بہ سمجهہ ڪين هئي جو ضرورت جون شيون خريد ڪري ڏئي. هٿ ۾ پئسن نہ هئڻ جو بهانو ڪندو هو يا تہ چوندو هو مان دان ٿي ڪريان. ڪو سوالي اچي گهُر ڪندو، مون وٽ رپيا هوندا تہ مان سواليءَ کي ڪيئن موٽايان؟ اِها منهنجي ڪمزوري هئي. پر هو وقت تي پئسا موٽائيندا بہ هئا. ميان ٿي تہ سڄي عمر ۾ هڪ هزار رپيا ڪن دان ڪيا هوندم. سڄي عمر ۾ منهنجو دڪان تي ڪو حق ڪونهي ڇا؟ سڄي عمر مون ڪهڙا شونق پورا ڪيا؟ پرلوڪ لاءِ جي هن عمر ۾ ڪجهہ دان بہ ڪيم تہ ڇا گناه ڪيم؟ گهر ۾ رڌڻ پچائڻ لاءِ ڀاڄيون، راشن آڻڻ منهنجي ذمي هو. صبح جو ڪڏهن چوانس اڄ گئس وارو ايندو، پئسا رکي وڃ. منهن ڪوڙو ڪري نٽائي چوندو، ”شام جو ڇو ڪين گهريئہ؟“ ڪڏهن بہ پيوءَ منهنجي دل ڪين ورتي - ”اَمي ڀلا ڪجهہ کپيئي ڇا؟ طبيعت تہ ليڪ اٿيئي نہ؟ هڪ دفعو تہ ڪنهن هڏايس بہ تہ ڀاپيءَ اُلٽي ڪئي آهي. جوءِ سان گڏ ڪمري ۾ وڃي زور سان دروازو بند ڪيائين. پوءِ ورجايومانس تہ چيائين، ”مون کي خبر ڪانہ پيئي.“ پُڇڻ پُٽ جو فرض نہ آهي ڇا؟ وڏيڪ ڏُک تيم جڏهن ڪنوار جي هٿان منهنجي بي عزتي ڪيائين. مون ڪيس چيو تہ مونکي سؤ رپيا کپن. پنهنجي جوءِ کي چيائين تہ مميءَ کي سو روپيا ٽجوڙيءَ مان ڪڍي ڏي. جي هوُ ٽڪل

ڪتي ته نڪر لهڻو. هوءَ پنهنجي عادت مطابق ڦُلڪا سنهڙا پچائي. مون کيس گهٽيئي پيرا چيو، ”مان ٻڍي آهيان. مونکي ڏند ڪين آهن. منهنجي لاءِ ڦلڪو ٿلهيرو پچاءِ. پر هوءَ ٻڌو اڻٻڌو ڪري ڇڏي.

پپوءَ لاءِ چوندي هئي - ڏاڙهي اَچي ٿي ويئي اَٿس، ٻڍو ٿي ويو آهي. پاڻ کي حور پري پيئي سمجهندي هئي. پاڻ هفتي هفتي وارن کي ميندي هڻندي هئي. اِهو مان کيئن ٿي سهي سگهيس ته منهنجي پپوءَ لاءِ گهٽ وڌ ڳالهائي، مان هن جو چوڻو نه پڙي وڃان.

هڪ دفعي ته واه جو چل ول ڪيائين. رات جو نوين بجي ڌڌڪ ۾ گهبرائڻ جي ائڪٽنگ ڪيائين. پپوءَ جي ڪمري ۾ هئي. مان به اُتي پهتيس. مون کيس دلداري ڏيندي چيو، ”چو سون، ڇا ٿو ٿئيئي؟“ چي، ”منهنجو گلو ڪير دٻائي رهيو آهي.“ منهنجو هٿ زور سان پڪڙي بيٺي. اکين مان ڳوڙها ڳڙڻ لڳس. مان هن جي ڳالهين جي اثر هيٺ اچي ويس. مونکي چيائين، ”پپو ڪمري کان ٻاهر وڃي ته منهنجي مٿان تون ليمو ڪٽ.“ مان جادوگرياڻيءَ جي جادوءَ جي اثر هيٺ اچي ويس. مونکي خبر ئي ڪين پيئي ته مان ڇا ڪري رهي آهيان. مان ليمو ڇو ڪٽيان؟ مون ليمو ڪٽيو. هاڻي جاڻ پيم ته اِهو ليمو ماءُ کي پُٽ کان الڳ ڪرڻ جو ليمو هو. پلا پڙهيل سمجهو ٻار ليما ڪٽيندا آهن ڇا؟ پپو پڙهيل، نونهن به پڙهيل آهي، پوءِ هي انڌ وشواس ۾ وشواس ڪيئن رکي ويٺا آهن؟ پهرين ته چوندي هئي، ”مونکي پپوءَ سان گڏ به ڊپ ٿو ٿئي.“ هينئر سسُ کي هڪالي اڪيلي خوش ٿي ويلي آهي.

پپوءَ جي مٿان ڏينهن پوءِ ڏينهن ڇوريءَ جي سونهن جو جادو چڙهي ويو هو. هوُ هڪ ڇيلو ٿي پيو هو. بئنڪ جا پاس بوڪ ۽ شيئرس جا پنا ڏيڪاريائينس ته هوءَ پاڻ کي مهاراڻي سمجهڻ لڳي. کيس چوان - چانه جي چاڻي ڏوئي رکبي

ڪارائڻ ڪانپوءِ چانهه جي صلاح بہ ڪين ڪيائين. بي مانيِ
ئي واپس آيس.

اڳين ڏياريءَ تي پپوءُ مونکي ڪوٺڻ آيو. لڪشميِ پوڄا ڪانپوءِ
هوُ چوڻ لڳو، ”رات جو ١٢ بجي آگري جون ٽڪيٽون مون
بوڪ ڪيون آهن. منهنجو سهرو بيمار آهي، تار آئيِ آهي.
مون سوچيو هو - هن ڏياريءَ تي سڀ مليِ هڪ ٿينداسين. مونکي
اِهو محسوس ٿيو تہ اِها مونکي واپس موڪلڻ جيِ ڪوڙيِ
رٿا آهي. واهه پُٽ واهه! وڏوا ماءُ جو قدر نہ پيئہ. فرض جيِ
پالنا نہ ٿيئہ. هاڻي سهري جيِ نظرداري ڪرڻ هليو آهين؟
تون صبح جو بہ وڃيِ سگهين ها، پر تو اِهو ڪم جاڻيِ
ٻجهيِ ڪنوار جي چئي تي ڪيو آهي. تو منهنجو اپمان ڪيو
آهي. مان رات جو ڏهين بجي ڏوهتي وٽ آيس. مهالڪشميءَ
جو سڳڙو ٻڌڻ ڇڏي ڏنم. پُٽ ماءُ کي ماري ڇڏيو، هاڻي
ڪهڙيِ پوڄا؟ اؤلاد ڪُل جو نالو روشن ڪرڻ لاءِ گهربو آهي.
هن منهنجي جيئري زندگيءَ ۾ انڌيرو ڦهلائي ڇڏيو. هاڻي
تہ شراڌ ڪرڻ بہ ڇڏي ڏنم.

خبر پيم تہ پپوءَ کي تڪليف ٿيِ ٿئي. هن کي تہ مون
لاءِ ڏرو بہ موهه ڪين هو - موهه کي مار گوليِ، هُن کي پنهنجي
فرض جيِ شناس بہ ڪين هئيِ. تنهن هوندي بہ هن جي
تڪليف جو اندازو لڳائي مون کيس آڇ ڪئيِ، ”توکي تڪليف
ٿئي تہ مان اچان.“ اِها هئي ماءُ جيِ ممتا! پپوءَ بي رحميءَ
سان جواب ڏنو، ”سوچيندس.“ ماءُ کي گهر وٺيِ هلڻ لاءِ
کيس سوچڻو ٿو پوي؟ واهه تنهنجيِ شاديِ! واهه تنهنجيِ پڙهائيِ!
واهه تنهنجيِ لائقيِ!

مان پُٽ کان الڳ ٿيِ ويئيِ آهيان، مان بلڪل ڪنجيِ
ٿيِ پيئيِ آهيان. مان صرف پنهنجي پُٽ کان ۽ دنيا جي
اهڙن ناشڪرگذار، بي غرض، بي فرض پُٽن کان اِهو ئيِ ٿيِ
پُڇان، ”پُٽ جو ماءُ ڏانهن ڪو فرض نہ ٿيندو آهي ڇا؟
ماءُ کي ڇا نوڪرياڻيِ ڪري ليکبو آهي؟ جنهن نموني ٻڍاپي

هو تہ مونکي چوي ها، ’اَمي، تجوڙيءَ مان سؤ روپيا کڻ.‘ هاڻي منهنجي اِها حالت ٿي آهي جو ڪنوار جي سامهون مونکي هٿ ٽنگڻو ٿي پيو - ماڻُ کي هيٺ ڪري جوء کي مٿي چاڙهيائين. سڄي عمر هٿ ٽنگيو هوم هينئر ڪنوار جي سامهون هٿ ڦهلائڻ ۾ بي عزتيءَ جو احساس ٿيم. دڪان پپوءَ جي دادا جو هو. منهنجي لاءِ گهوٽم سڀ ڪجهہ ڇڏي ويو هو. مان ڇو ابالي ٿيان؟ ڏيئرن نائين جي فيصلي ڪانپوءِ دڪان جا سڀ پئسا مون وٽ اچڻ لڳا. نونهن چوڻ لڳي، ”ڏيٽين چئي ويئي اٿيئي تہ ڏوهٽي سان گڏ وڃي رهُہ.“ روز جي کٽ پٽ کان ڏيئرن جي صلاح سان گهر مان ڪجهہ ضرورت جون شيون کڻي نڪتيس. قرض کڻي گئس سگري ورتم. هڪ ڏوهٽي جي ٽٽل جڳهہ ٺهرايم. پلنگ ورتم. پوءِ خبر پيم تہ پپوُ ڳالهہ ڦهلائي رهيو هو تہ ممي ٻاڙها مرچ ۽ ڪپڙن ڏوئڻ جي سوٽي کڻي ويئي آهي. هڪ گهر مان ٻہ گهر ڪرڻا هئا. پهرين سڀ شيون ٻہ ٻہ هونديون آهن ڇا؟ ڪپڙن ڌوئڻ جي سوٽي ايتري مهانگي آهي ڇا؟ ڪيس خبر آهي تہ ممي گوڏن جي سُور ڪري پٽ تي سمهي ڪين سگهندي آهي، مان پلنگ، فرج، ٽي.وي. کڻي نڪتي هئس ڇا؟ سيني مونکي آٽت تي ڏنو - تون گهر مان ڪجهہ کڻي ڪين نڪتي آهين. پنهين کي شرم ايندو توکي وٺڻ ايندو. هو اَول نمبر ايندڙ چوڪرو پنهنجو فرض ڪيئن وساري وهندو؟ پر پپو، پٿر دل، مونکي وساري ويٺو.

ڏوهٽي جو گهر ڏاڍو پري هو. اُتي شراڌ لاءِ براهمڻ اچي ڪين ٿي سگهيو. گهر مان ڪاڌو تيار ڪري اُتي کڻي ويس. پپوءَ براهمڻ کي ڪاڌو کارايو. مون کيس چيو - براهمڻ پاڻيهي گهر ويندو. پپوُ ضد ڪرڻ لڳو تہ مان کيس اسڪوٽر تي چڙهي ايندس، پوءِ فئڪٽري ويندس. مون سان ٻہ منٽ ڳالهائڻ لاءِ تيار نہ ٿيو. ڪنوار اچڻ شرط پڇيو، ”چانهہ پيئندا؟“ ڀلا براهمڻ کي کارائڻ کان اڳ چانهہ ڪيئن پيئبي؟ براهمڻ کي

لکيو جو للاٽ ۾

نشا سهڻي پياري نينگري هئي. هوءَ منهنجي سؤٽ هئي. پنجن ڀائرن ۾ هڪ ڀيڻ، لاڏلي ۽ چلولي. زندگيءَ جو هر پل هن کي حسين لڳندو هو. هُن کي سانت ۾ وهڻ کين ايندو هو. ٿوري ٿوري ڳالهه تي هوءَ زور سان ٽهڪ ڏيندي هئي. سيني جو ڌيان هن طرف ازخود ڇڪجي ويندو هو. هُنکي گيت گُنگنائڻ جو شونق هوندو هو. پڙهڻ ۾ هن جي ڪا دلچسپي ڪونه هوندي هئي. ڏکي ڌرم ڪري، ٽيوشن تي وچي، ايس.ايس.سي. ائين پاس ڪيائين ڄڻ ڪو مير ماريائين. سڄو وقت هُن جو پنهنجن ڀائرن سان کل مستيءَ ۾ گذري ويندو هو. گهر ۾ کاڌي پيتي جي ڪا ڪمي ڪونه هئي. نشا ماس مڇيءَ جي شونقين هئي. اڌ ڇڪن هڪ ويلي تي کائيندي هئي. هر قسم جو ميوو، کاجا، پستا، بادام، برنين ۾ هميشه مؤجود هوندا هئا. هُن کي ڪنهن ڳالهه جي روڪ - ٽوڪ ڪونه هئي. پاڻيءَ جي بدران هرروز ٻه ٽي ڪوڪا ڪولا پيئندي هئي. هن جي ماءُ ننڍپڻ ۾ گذاري ويئي هئي. ڀائرن سان گڏ البيلي ٿي پلجي وڏي ٿي. سڀ ڀائر هن کي پيار ڪندا هئا ۽ هن جو خاص خيال رکندا هئا.

هوءَ جڏهن اسانجي گهر ايندي هئي ته هروقت نئين فئشن جي نئين پوشاڪ ۾ ملبوس هوندي هئي. هر ڪا پوشاڪ هُن جي سونهن ۾ اضافو آڻيندي هئي. ڪار کانسواءِ گهر کان ٻاهر قدم ڪونه وڌائيندي هئي. هن جا دنيوي سُک ڏسي منهنجو من ايرکا سان ڀرجي ويندو هو. گڏيل ڪٽنب ۾ ٻنهي جو جنم ٿيو. پوءِ منهنجو پتا ۽ چاچو ٻه ڀائر الڳ ٿيا. منهنجو چاچو يعني نشا جو پيءُ صرف اٺ درجا پڙهيل هو. قسمت سٺائي هئس، ڌنڌي جو ڏانءُ هوس، اِن ڪري ڌنڌي ۾ وڌو واڌارو ڪندو. ٻئي پاسي منهنجو پتا، سرڪاري ملازم هو. اسين

۾ مون کي نڌڪو ڪري ڦٽو ڪيو اٿائين. منهنجو من دانهون ٿو ڪري. جنهن پُٽ لاءِ ڪشٽ ڪشالا ڏنم، سو هن جادوگرياڻيءَ مون کان کسي ڇڏيو آهي. ڇا اهڙن پُٽن مان ڪا اُميد به رکي سگهجي ٿي ته هو منهنجي ڪائيءَ کي ڪنڌو ڏيندو؟ مان گهڻو وقت ڪين جيئنديس. مونکي هُن پار جو سڏُ پيو ٿئي. گهڻيئي دفعا هو مونکي وٺڻ لاءِ آيو آهي، ٻنڌنن ۾ ٻڌل مون اِنڪار ڪيو آهي. مون زندگي ۾ سُور سٺا آهن. پُٽ، ايترو ڏُک اٿم ته تو منهنجو قدر ڪين ڪيو، تو مونکي ڪين سڃاتو.

وارث

سس ڙي سس
توکي وارث کپي!
اِن لئه تو
نونهن کي تپائي ڪنيو
اُن جو
جيئڻ وه ڪيو
ڪيس مانسڪ پيڙا ڏيئي
گهر کان الڳ ڪيو
تو
پُٽ جي شادي ڪرائي
هاڻ
خوش بيحد خوش
نئون ڏيب مليئه
ساڻ بي قصور جي آه

نئين نونهن
پُٽ جڻيو
پر
پتيءَ جا ڪن ڀري
هن توکي الڳ ڪيو
هاڻ تون الڳ
هڪ ڪمري ۾ قيد
پوٽي جا خواب ڏس
خوابن ۾ جيءُ.
سچ آ
هڪ اِستري
ٻي اِستريءَ جي دشمن
؟
جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي.

ضرورت؟

ماں پنهنجي چاچي جي ويچارن کي ٻُڌي سوچ ۾ پئجي ويس. زندگيءَ جو سؤدو بنا سوچ ويچار جي سولائيءَ سان ڪيئن طئہ ڪبو آهي؟ برابر، ڇوڪري جي پيءُ کي هوٽل آهي، پر ڇوڪرو پيءُ سان گڏ هوٽل ڪيتري قدر سنڀالي ٿو؟ هو هرروز هوٽل ۾ وڃي ٿو يا نہ؟ اُها بہ خبر ڪونهي. هو پڙهيل وڏيڪ ڪونهي. هو پنهنجي زندگيءَ جي باري ۾ اَهم فيصلا ڪيئن ڪري سگهندو؟ پيءُ جِي ڪمائيءَ تي عيش ڪري ٿو، پيءُ جو فيصلو هن جو فيصلو ٿيندو. هن کي پنهنجِي پسندي، ناپسندي نہ هوندي. خريداري ڇا ڪرڻِي آهي؟ ڪيترو خرچ ڪرڻو آهي؟ اُهو سڀ وڏن جو رٿيل هوندو. هر ڳالهہ ۾ هن کي پنهنجي پيءُ کان منظوري وٺڻِي پوندي. جوڙي کي پنهنجِي مرضيءَ سان جيئڻ جو اختيار نہ هوندو.

خير، نشا ڌام-ڌوم سان پنهنجي ساهري گهر رواني ٿِي. بئي شهر ۾ هئِي اِنڪري اَچ وڃ ڏُکِي هئِي. هن جي سُک - ڏُک جِي ڄاڻ نہ پئِي. شاديءَ جي هڪ سال ڪانپوءِ پاءُ جي شاديءَ تي آئِي. مون کيس سانت ڏٺو. منهنجو چاچو لباڙي هو. هو ڪابہ ڳالهہ صحيح اسانکي ڪونہ ٻڌائيندو هو. هن کي اسان پينرن جو لکڻ پڙهڻ کٽڪندو هو. هو سمجهندو هو تہ اَسين آزاد خيالن جون ڇڙواڳ ڇوڪريون آهيون. اسانڄا سوال کيس غيرضروري ڍنگ سان پريشان ڪندا هئا. مونکي محسوس ٿيو تہ دال ۾ ضرور ڪجهہ ڪارو آهي.

بمبئيءَ ماں جڏهن منهنجِي ساهيڙِي آئِي تڏهن هن نشا جي باري ۾ ٻڌايو. نشا سان دوکو ٿيو هو. نشا جي سهري کي پنهنجِي هوٽل ڪونہ هئِي. يارهن مهينن جي مدت تي Leave & Licence هوٽل هئِي، اُها کين خالي ڪرڻِي پئِي. هاڻي نشا جو گهوٽ ۽ سهرو بئي دڪان تي نوڪر آهن. پلا نوڪرن جِي پگهار ڪيترِي؟ گهر ۾ اَٽ پاٽِي. گهر جو گاڏو ڪيئن هلندو؟ گهر ۾ هروقتُ ڇڪتاڻ، کل کل ۽ گهپِي. بئي صبح

چار ڀينر ۽ هڪڙو اسانجو ڀاءُ هو. اسانجو چاچو هردم اِها ڳالهه شان سان چوندو هو، ”منهنجي هڪڙي ڌيءَ آهي. جنهن کي مان سُنو ڏيب ڏيندس. اڻسڌي نموني ۾ اَمي ۽ دادا کي طنزي نموني ۾ ٽوڪيندو هو. اسين گهر ۾ ڪفايت سان خرچ ڪندا هئاسين. اسين ڀينر هوشيار هيوسين. اسڪالرشپ سان پڙهندي ڊگري حاصل ڪئي سين. بئنڪ ۾ نوڪري ڪئي. شاديءَ جو ويچار من مان ڪڍي ڇڏيوسين. دادا کي ڏيتي ليتي ڏيڻ جي حيثيت ڪونه هئي. وقت گذري رهيو هو.....

هڪ ڏينهن نشا جو خوبصورت شاديءَ جو ڪارڊ مليو. شاديءَ جو ڪارڊ سهڻو ۽ نرالو هو. وزِٽنگ ڪارڊ جا ٽي ننڍا ڪارڊ هئا. منڊيءَ جي تصوير سان مڱڻي جي ڪوٽ هئي. گرو گرنٿ صاحب جي تصوير سان هاليووڊ گُردواري ۾ ڪوٽ هئي. ليڊيز سنگيت جي تصوير سان لاڏن جي نينڊ هئي. لاڏن ۾ نشا جا سڀ ڀائر خوب نچيا. شاديءَ جي ڪارڊ ۾ ٻاهران لکيل هو، ”اَچو تہ کهاٽي ٿاهيون.“ نشا جديد شهزادي گرونانڪ نگر ۾ رهندي هئي. هوءَ پنهنجي سکين سان گڏ باغيچي ۾ گهمندي هئي. ننڍڙن پوپٽن جي پنيان ڊڪندي هئي ۽ اِسڪول ۾ ويئي. جڏهن المست جوين ۾ قدم رکيائين هن چانديءَ جي چندرما ڏانهن نهاريو ۽ شهزادي جي ڪلپنا ڪئي. سنجيہ گهوٽ جي پوشاڪ ۾ نشا کي پنهنجي راجڌانيءَ ۾ وٺي ويندو. هن شڀ موقعي تي توهانکي قربائتي ڪوٽ آهي.

نشا بيحد خوش هئي. هن کي سهڻن وڳن ۽ زيورن ۾ ڏسي منهنجون اکيون چرخ ٿي ويئون. هن جا خوبصورت هٿ، ميندي-رتڙا بيحد حسين پئي لڳا.

مون هنجي پپا کان پُڇيو، ”نشا جو گهوٽ ڇا ڪندو آهي؟ هوُ ڇا پڙهيل آهي؟“ هُن جو پپا ڪلڻ لڳو، ”اسين ڏنڌي وارا آهيون. گهر خانداني آهي. ڇوڪري جي پيءَ کي هوٽل آهي. هو پنهنجي پيءُ سان گڏ هوٽل ۾ ويندو آهي. ڇوڪرو مئٽرڪ پاس آهي. وڌيڪ پڙهائي لکائيءَ جي اسانکي ڪهڙي

نشا جي ساهري گهر ۾ هن جو ٻيڄان سرير پيو هو. ڪنهن ڏيئو ٻارڻ جي ضرورت نہ سمجهي. جڏهن پاڙيوارن واڪو ڪيو تڏهن هن جِي سسُ هن جي سيرانديءَ کان ڏيئو ٻاريو. منهنجي اکين مان زارون زار آنسو وهي نڪتا. اُنهن آنسن جي وچ ۾ مونکي نشا جو دلهن جو روپ تري آيو.

مان ٿورو وقت پاڙيسريءَ جي فليٽ ۾ ويس. هن جي پاڙيسرڻ انيتا هڪ سُٺي اِستري هئي. هن اسان کي تڏو پاٿي پيئڻ لاءِ ڏنو ۽ حُجت ڪري چانهہ پيئاري. هن هڪ هڪ ڪري نشا جون سڀ ڳالهيون پئي ٻڌايون. ڪنهن جي بہ موت تي اُنجون ڳالهيون ياد اينديون آهن. انيتا ٻڌايو، ”ڪڏهن فرصت ۾ ٿوري وقت لاءِ نشا هن جي گهر ۾ ايندي هئي. نشا جي گهر جِي مالِي حالت نيڪ ڪونہ هئي. نشا کي ڀاڄي کون وٺي تہ هن بہ پاپڙ پچايا جنهن تي سس واڪو ڪيو هوس، ”بہ پاپڙ ڇو تي پچائين؟ اسانجو گهر پورو سارو آهي.“

انيتا ٿي نشا جي موت جو ڪارڻ اسانکي ٻُڌايو. بہ ڏينهن اڳ هوءَ نشا سان ملڻ ويئي هئي. نشا کي بخار هو. ڊاڪٽر کيس چيو تہ هوءَ بيمار آهي، انڪري هن کي روز کير پيئڻ جي هدايت ڪيائين. هن جي سس کيس کُليو چيو، ”تون کير پيءُ يا ٻيٻيءَ کي کير ڏي. نشا چُپ ٿي ويئي. انيتا کيس چيو، ”پيڪي گهر ۾ پيا کي پنهنجي حالت ٻڌاءِ.“ پر نشا اِنڪار ڪيو هو. هوءَ غريبيءَ جي دؤر مان گذري رهي هئي. سڀ ڳالهيون پيا کي ڪيئن ٻڌائي؟ پوشاڪون ۽ زيور تہ هئا پر گهر ۾ صحيح انداز ۾ کاڌو مؤجود ڪين هو. کير ۽ ميوو ڪين هئا. نشا جي سس ٻڌايو تہ هڪ ڏينهن اڳ نشا کي چڪر آيو. هُن رواجي مٽي جو سوُر سمجهي نظرانداز ڪيو ۽ کيس گوري ڏيئي آرام ڪرڻ لاءِ چيو. هن کي خبر ڪانہ پيئي تہ نشا هميشہ لاءِ آرام ڪرڻ لاءِ ويئي.

هئي ڏينهن صبح جو ويچاري نشا خاموشيءَ جو چولو پهري، پتيءَ کان دوُر، ٻيٻيءَ کان دوُر، پيا کان دوُر ۽ دنيا کان

جو گهر مان نڪري ويندا هئا. نشا کي گهر جو ڪم ڪرڻو پوندو هو.

نشا جي پتا کي خبر پيئي ته هن جي گهر ۾ ڪلر ٽي.وي. ڪونهي ته هن ڪيس خريد ڪري ڏني. نشا پيڪي گهر گهمڻ ويئي ته هن جا هٿ زخميل ڏسي هن جي پپا هُن جو سُني ڊاڪٽر کان علاج ڪرايو. مهنو کن هن جو علاج هليو. نشا 'نرما' سستي پائوڊر سان ڪپڙا ڌوئندي هئي. پنهنجي ڌيءَ کي تڪليف ۾ ڏسي ڪيس واشنگ مشين به وٺي موڪلي. نشا جو پتا وقت به وقت ڏڻ وار تي ڪيس جهجهو ڏڻ موڪليندو هو. نشا سڀ پنهنجي سس کي ڏيندي هئي.

مونکي نشا جي دردناڪ حالت جي ڄاڻ پئي ته مونکي ازحد افسوس ٿيو. مون کي پاڻ لاءِ ڌڪار پئدا ٿي ته مون نشا سان حسد ڇو ڪيو؟ هرڪنهن جي پنهنجي پنهنجي قسمت آهي. اُف، منهنجي نظر ته هنن جي آشياني کي نه لڳي؟ نه، نه، مان هن جي بدليل ڏُکي زندگيءَ لاءِ جوابدار ڪين آهيان.

منهنجي مٿان قسمت جي مهر ٿي. مون بئنڪ ۾ سلجهيل ويچارن وارو پاڻ تي ڀاريندڙ جوان پسند ڪيو. بنا ڏيتي - ليتيءَ جي مائٽن جي مرضيءَ سان بنا ڏيکه ويکه جي، گردواري ۾ منهنجي شادي ٿي. ٻئي ڪمائيندڙ، گرهستي آرام سان پئي هلي.

ٽن سالن ڪانپوءِ نشا کي ٻيبي جائي. هوءَ ڦُل پٽڙا جهلڻ لاءِ پنهنجي پتا وٽ آئي. هڪ دفعو مان ساڻس گڏجي آيس. هوءَ به چاليهن ڏينهن ڪانپوءِ پنهنجي گهر ويئي.

ڇهن مهينن ڪانپوءِ مونکي چاچي جو فون آيو ته ”نشا گذاري ويئي.“ مونکي پنهنجن ڪنن تي اعتبار ڪين ٿي آيو. ائين ڪيئن؟ ويڇڙائيءَ ۾ ته مان ساڻس گڏي هئس. هي وقت وڃائڻ جو ڪين هو. اُن وقت ئي مان ۽ منوج بمبئيءَ لاءِ روانا ٿياسين.

ننڊ جي گوريءَ

اڄ من بلڪل اڪيلو هو. من تي گهڻن ڏينهن کان بوجو هو. مصروفيت ۾ وقت ئي ڪين ملندو هو جو دل جو بار هلڪو ڪري سگهان. من ۾ تهن جي پٽيان تهه جمع ٿيندا ويا. گهر ۾ اڄ ڪير ڪونه هو، خاموشي ڇانيل هئي. مون زور زور سان سڏڪا ڀري من جو بار هلڪو ٿي ڪيو ۽ مون پريوءَ جي تصوير اڳيان ٻاڏايو - منهنجي زندگيءَ جو ڪهڙو مقصد آهي؟ مان ڇو جيئان؟ مان هن دنيا ۾ سوارٿي گهيرن جي وچ ۾ اڪيلي آهيان، بلڪل اڪيلي.

دروازي تي زور سان گهنٽي وڳي.

مان پلنگ تان اُٿيس. وري ٻي گهنٽي وڳي. مون اکيون اُگهيون. پاڻيءَ سان ڌوئڻ جو وقت ئي ڪين مليو. مون سمجهيو - پاسي وارو ٻي دماغي چوڪر ٿي.وي. ڏسڻ لاءِ آيو هوندو. مون يڪدم اچي دروازو کوليو. ڏاڪڻ تي انڌيرو ڇانيل هو. منهنجي نظر ديپڪ ۽ موهن طرف ويئي. مون ٻنهي کي سڃاتو. ديپڪ جو نالو ٻُڌل هئم، پر ڪڏهن هن سان روبرو ڪين ڳالهايو هوم. ديپڪ پنهنجي اچڻ جو ڪارڻ ٻڌائيندي چيو، ”توهين سامهون واري بنگلي جي رهاڪوءَ موهنائيءَ جي باري ۾ ٻڌائي سگهندا ته ڪٿي ويا آهن؟ اسانکي اُهو بنگلو وٺڻو آهي.“

”بمبئيءَ.“

”ڪڏهن ايندا؟“

”مونکي تز ڄاڻ ڪونهي پر پاسي واري بنگلي جي رهاڪو دلوائيءَ کي وڌيڪ خبر هوندي. هڪ منٽ ترسو.“

اندرئين ڪمري ۾ وڃي مون رومال سان اکيون اُگهيون ۽ رئو پائي، گهر ڪُليل ڇڏي، ٻنهي کي ٻاهر ترسائي، دلوائيءَ جي گهر جي گهنٽي وڄائي پُڇيم، ”ٻڌائي سگهندا ته موهنائي ڪيڏانهن ويا آهن؟“

دور اڪيلي - اڪيلي هلي ويئي. هن پنهنجن ساهرن خلاف ڪجهه ڪين ڪُڇيو. رضا تي رهي، ڏک پوڳي، نندي - ڇمار ۾ اڪيلي ويئي جتان ڪير واپس ڪين تو اَچي.

منهنجو نازڪ جذباتي من سڀ ڳالهيون ٻڌي بيچئن تي ويو. نشا جي موت جو ڪارڻ؟ هن جو لباڙي پتا؟ جنهن نشا کي ضروري تعليم ڏيئي پنهنجن پيرن تي ڪين بهاريو. تعليم سان هوءَ صحيح ۽ غلط جو فرق سمجهي پنهنجي زندگيءَ جو فيصلو ڪري سگهي ها. خانداني گهر ڏسي، هن جي پتا ڇوڪري جي ڪمائي ۽ پڙهائي ڪين ڏٺي. پتا جو غلط فيصلو نياڻيءَ جي زندگيءَ جي تباهيءَ جو ڪارڻ بڻيو. اسانجي سماج، شادي شده اِستريءَ کي پتا کي گهر ۾ واپس اچڻ جي اِجازت نٿي ڏئي. پيڪي گهر مان ڏولي نڪري ۽ ساهري گهر مان اَرٿي نڪري. پيءُ جي شان ۾ ڪوتاهي نہ اچي، اِن ڪري نشا خاموشيءَ ۾ پنهنجو بليدان ڏنو. قسمت؟ لکيو جو للاٽ ۾، انگ ڪيارڙي نہ ٿئي. رشتا سرڳ ۾ رٿيل هوندا آهن. نشا قسمت جي ماري هئي. ڀارت جي اِستري رضا تي راضي رهي چُپ چاپ سهندي رهي. هن قسمت بدلائڻ ۾ وشواس ڪين رکيو.

اِءِ ڀارت جي ناري! سُجاڳ ٿي. قسمت جون ريکائون تون لاهي سگهين ٿي.

ڪونہ هو تہ ٻئي جي زندگيءَ کي پنهنجو ٻڻائڻ جا سپنا ڇو سجايئہ؟ اُن وقت منهنجي دماغ جي الڳ الڳ وقتن تي الڳ الڳ حالت پئي ٿي. ڪڏهن من ايرڪا سان پرچي ٿي ويو تہ مان پيار جو حق ڇڏي ڪين سگهنديس. توکان سواءِ زندگيءَ ۾ رهڻ جو ڪو مقصد ڪونهي. گهر ۾ ٻچتيءَ جي اڪيلائپ ملي هئم. اُتي ڪير پلجي بہ ڪين ويندو هو. منهنجو اڏو اُهائي جڳهہ هئي. مون زور زور سان رُنو، بيحد رُنو، پر آسمان کي قياس ڪين آيو. آپگهات بہ ڪين ڪري سگهيس. زور سان روئڻ ڪري منهنجي من جو جوش ڍرو ٿيو. پوءِ منهنجي دل مان دعا نڪتي، ’جتي هجين شال سکي رهين.‘ آپگهات مهاپاپ کان بہ بچي پيس. حالتون سٺايون ٿيون جو پاڳل بہ ڪين ٿيس. دماغ جو توزان سنڀالي ڇڏيم. مان حالتن کان پاڻ کي الڳ سوچڻ لڳس. مان توکان ماضيءَ جو تعلق رکڻ کان اِنڪاري ٿي ويس. مون توکي هڪ دفعو، آخرين دفعو ڪوٺايو. تون آئين.

مون چيو، ”اڄ تہ اڄ ڪانپوءِ اسين اجنبي ٻڻجي وڃون. مان تو مان دلنوازيءَ جي اُميد رکڻ نٿي چاهيان. اُهو قصو جنهن کي انجام تائين وٺي وڃي نٿو سگهجي، تنهن کي خوبصورت موڙ ڏيئي ڀُلائي ڇڏجي.“

تو شايد اُن وقت منهنجي دل جي پيڙا کي محسوس نہ ڪيو ۽ اُها ڳالهہ بيحد هلڪي ڪري ڪنيئہ. پر مون پنهنجي پيار جي ڪهاڻي توسان ملي ختم ڪئي.

موهن جي شادي.

نيئنڊ ڪارڊ مليو.

شاديءَ رات - پنهنجن احساسن جي هولي جلندو ڏسڻ ممڪن بہ ڪين هو. هن دل کي سمجهائي بہ ڪين سگهيس. وري مونکي آسرو ڏنو ٻچتيءَ جي اڪيلائپ. مون خوب رُنو، بيحد رُنو. روئي روئي ساڻي ٿي پئجي رهيس. خود مونکي پنهنجي سُڌ ڪين رهي. دماغ ڪجهہ بہ سوچڻ سمجهڻ کان قاصر ٿي ويو.

”هن مهنيءَ جي ڏهين تاريخ ويا آهن، ڪڏهن ايندا سا خبر ڪونهي.“

مون اڇي کين هڏايو. اُن وقت موهن پلاسٽڪ جي پني مان ڪتاب ڪڍيو.

مون کين چيو، ”جي توهانکي ڪجهه نياپو ڏيڻو هجي تہ مان کين هڏائيندس.“

اينتري ۾ موهن ڳالهايو، ”مونکي ڪونہ سڃاڻندءِ؟“

”سڃاڻندس ڪيئن نہ. اچُ چانهہ پيءُ.“

(مان وساري ويٺي هئس تہ هو چانهہ ڪونہ پيئندو آهي.)

موهن ڪتاب ڏيندي چيو، ”نہ، دير ٿي ٿئي.“

مون کين زور ڪين پريو. فارملٽيءَ جي لحاظ کان مون کين گهر ۾ اندر اچڻ جي آڇ ڪئي هئي. پر منهنجي دل کين هئي تہ هوُ منهنجي پتيءَ جي گهر، هُن جي غيرحاضريءَ ۾ اچي. دستوري نموني کان دور مون کيس ڪتاب لاءِ ٿئنڪس بہ ڪونہ چئي. هو هئي هليا ويا.

منهنجي ماضي منهنجي اکين جي سامهون اَچي بيٺي. دماغ تي الڳ الڳ پردا ڪرندا ۽ چڙهندا رهيا.

موهن ۽ مان زندگيءَ جي راهہ تي گڏ هلندي، زندگي ڀر ساٿ رهڻ جا سپنا اُڻڻ لڳا هئاسين. ٻنهي جو مقصد هڪڙو هو. رستي تي جيڪڏهن ساڳين ويچارن وارو همراهہ هجي تہ زندگي ڪيتري نہ خوبصورت ٿي لڳي. اندلٺ جي ستن رنگن وانگر رنگين.

هن جي ڪنين منهنجي من جو پرواز آڪاش جي اوچائيءَ تائين اُڏايو.

..... هو پوءِ مجبوريءَ جي چادر ويڙهي مون وٽ آيو ۽ چيائين، ”منهنجا پتاجن هن رشتي لاءِ راضي ڪونهن.“

من کي خنجر لڳو. من چيخي چيو، ”پيار بہ پنهنجي پيءُ کان پُڇي پوءِ ڪرين ها، توکي ڪنهنجي من سان کيلڻ جو ڪهڙو حق هو؟ جي توکي پنهنجي زندگيءَ تي اختيار

شرڌا

نيلم ڪنوار بڻجي نئين گهر ۾ قدم رکيو. نئون ماحول، نوان انسان، جن جي آچار وهنوار جي اڃا تائين هُن کي خبر ڪونه هئي. هن جا پنهنجا سپنا هئا ۽ آڪاش جا پنهنجا. ٻر ٻنهي سپنن کي گڏ سجائڻو هو. نيلم کي نئين ماحول ۾ ٺهڪي هلڻو هو. هن جي پتيءَ پهرئين ملاقات ۾ اطلاع ڏنو هو، ”نيلو، جيڪڏهن توکي زندگيءَ جي راهه ۾ ڪو انسان چڪي ۽ مون وٽ رهڻ تو لئه عبث بڻجي پوي ته مونکي تون صاف من سان يڪدم ٻڌائج. مان خود توکي زندگيءَ ۾ ٿانئيڪو ٿيڻ ۾ مدد ڪندس. ائين نه ٿئي ته ڪاڏو هتي جو ڪائين ۽ گُهڻ ٻئي اِنسان جا ٻائين.“ نيلم کي پنهنجي پتيءَ جي صاف گوئي بيحد پسند آئي هئي.

آڪاش ڪانئس ٻي ڳالهه پُڇي، ”تون بيئر پيئندي آهين؟“

”نه.“

”ڏس، مونکي اڪيلو بيئر پيئڻ ڪونه وڻندو آهي. گهر کان ٻاهر ڪٿي به ويندا سين ته گڏ بيئر پيئنداسين نه ته ٻنهي نه. اِهو واعدو.“

نيلو هڪ پل لاءِ وائڙي ٿي ويئي، پر هن پنهنجي پتيءَ سان واعدو ڪيو.

پراڻن ۽ تنگ ويچارن جي ماحول واري گهر نئين جوڙي جي ماني موڪلائي. نيلو پهريون دفعو هن گهر ۾ ويئي. گهر جي حالتن، ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي نوع مان هوءَ بخوبي سمجهي ويئي ته اِهو گهر روايت پسند هو. گهر جي مردن کي بيئر پيئڻ جو اذڪار هو، استرين کي نه. استريون مٿي تي رئو ضرور رکنديون. هن جي پتي آڪاش کي بيئر جو گلاس ڏنو ويو. رسمي ٻاهريون وهنوار ڏيکارڻ لاءِ آڪاش جي ماسات نريش ڪانئس پڇيو، ”ڀاڀي، توهين بيئر پيئندا؟“

مان زنده برابر هئس پر خوشيءَ کان محروم اِچائون، اُمنگ سڀ ختم ٿي چُڪا هئا. هڪ مشين بڻجي ويس. ڪڏهن ڪڏهن دل بغاوت ڪري پاڻ کان سوال پُڇندي هئي، ’ڇو جيئان مان؟‘ اُها زنده مشين ڪنهن کي وڻي ويئي. مونکي پنهنجِي زندگيءَ تي نہ ڪو اختيار ڪونہ هو. مان اُن جي حاطي اندر ڪم ڪندي رهان ٿي جيستائين مشين جو پيٽرول ختم ٿئي.

مون اُهي رستا، اُهو شهر، اُهي واقفڪار سڀ وساري ڇڏيا. جتي جتي تنهنجي اچڻ جو انديشو هوم، مون پنهنجي من مٿان پهڏن وڌو. توسان ڪين گڏجنديس.

تنهنجِي ياد ڪڏهن ڪڏهن زبردستيءَ سان من اندر ديرو ڄمائڻ جي ڪوشش ڪندي آهي پر مون توکي وسارڻ جي بيحد ڪوشش ڪئِي آهي. تنهنجي ياد کي ڪير جي مک وانگر وقت بہ وقت ڪڍي اُڇلائي ٿي ڇڏيم. مون توکي تہ ڇا پر پاڻ کي بہ وساري ڇڏيو آهي.

تون منهنجي گهر ڇو آئين؟ منهنجي سانت جيون جي پاڻيءَ ۾ پٿر ڇو ڦٽو ڪيئہ؟ مون مشين کي بہ جاڻ آهي تہ مون توکي ڪين گهرايو. مون کان ڪو غلط ڪم ڪونہ ٿيو آهي. پنهنجي مالڪ جي وشواس کي چوٽ ڪين پهچائِي اٿم.

ماضيءَ جا، حال جا جدا جدا پردا بيحد تنگ ڪندا ٿي رهيا. مونکي ڪجهہ بہ ڪين ٿي سجهيو. منهنجو من پيڙجندو ٿي ويو. منهنجو دماغ بہ بيحد ٿڪجِي پيو. مونکي دماغِي پريشانيءَ کي دور ڪرڻ جو رستو سجهِي آيو - ننڊ جي گورِي. ننڊ جِي گورِي تناءُ واري زندگيءَ لاءِ غنيمت آهي. جئن ڪا ماءُ بيمار ٻار کي گود ۾ کڻِي سمهاري ڇڏيندي آهي، تئن ننڊ جِي گوريءَ مون کي چئن بخشيو.

پوءِ،

رات ويئِي ڳالهہ ويئِي.

ڇوندو هو، ”پپا، مونکي ڪار جي چابي ڏيو ته مان ڪاليج ڪٺي وڃان.“ پريم جو ڪاليج ويجهو هو. صرف ڇوڪرين جي مٿان رعب جمائڻ لاءِ هن ڪار جي گھُر ڪئي. هن جو پتا پنهنجن شين جي سنڀال، جي جان سان ڪندو هو. پريم اڻ آزمودگار هو، تنهنڪري هن چابي ڏيڻ کان انڪار ڪيو. پريم پنهنجي پتا جي شڪايت ڪٺي ماءُ وٽ ويو ته ممي ضرور منهنجو پاسو ڪٺندي. نيلوءَ سچي ڳالهه سمجهي. هن پڻ پنهنجي پتيءَ جو طرف وٺندي چيو، ”پُٽ مان سمجهان ٿي ته توکي ڪار جي ضرورت ڪونهي. اهي مشيني شيون سنڀالي ڪم آڻبيون آهن. تون رعب جمائڻ لاءِ ڪار جي گھُر ٿو ڪرين. ڇا تو ڪار خريد ڪئي؟ تو ڪار جي لاءِ قرض چُڪايو؟ ڇا تون پيٽرول جا پئسا خرچ ڪري سگھندين؟ جي جواب نه آهي ته ڪار هلائڻ جو سپنو پُلجي وڃ.“

پريم جوانيءَ جي لهر ۾ هڪ ڇوڪريءَ کي پيار ڪرڻ لڳو. نِشا پريم جي گھر جو شان شوڪت، اُٿڻي وهڻي ۽ وهنوار ڏسي موهجي ويئي. نِشا جي دل پريم سان نه پر هن جي دولت سان هئي. نيلو آزمودگار هئي. هن اِها ڳالهه محسوس ڪئي. هن پريم کي سبق سيکارڻ ٿي چاهيو. هو اڻڄاڻ پيار جي نشي ۾ مخمور هو. نيلوءَ پريم کي گھرائي چيو، ”پيارا پُٽ، شادي هڪ جوابداري آهي. شادي مان توکي ڪرائيندس، پر توکي الڳ گھر ۾ رهڻو پوندو، جو تنهنجي ڪمائيءَ مان هوندو. مان پنهنجي جو خرچ سنڀالي ڪين سگھنديس.“

پريم ماءُ جو اِهو روپ ڏسي وائڙو ٿي ويو. هوُ ٻارهون درجو پاس هو. پنهنجي پتا آڪاش جي سڃاڻپ سان هن کي هڪ فئڪٽريءَ ۾ ٽريني Trainee جي حيثيت ۾ گھڙڻو پيو. جڏهن شام جو گھر اچي تيل وارا هٿ ڌوئندو هو، هٿن جي زخمن کي ملم هڻندو هو نيلوءَ جي ممتا من مٿان جڻ پهاڙ ڪري پوندو هو، پر هن ڏنو اڻڏنو ڪري ڇڏيو. نِشا کي جڏهن تلخ سچ جي ڄاڻ پيئي ته پريم کي ڪار ڪونهي

نيلم آڪاش ڏانهن نهاريو. هن کي پنهنجي انجام جي يادگيري اچي ويئي. هن معصوميت سان چيو، ”ها.“

نريش ۽ گهر جا سڀ ڀاتي نئين ڪنوار جي بيباڪي ڏسي حيران ٿي ويا. پر نريش بيئر جو هڪ گلاس ڀري هن کي ڏنو. نيلم ڪڏهن بيئر ڪونه پيتو هو. پر گلاس هٿ ۾ جهلي منهن ڪوڙو ڪري هن ڍڪ ڀريو. آڪاش هن جي حالت ۽ پريشاني ڏٺي. سڀ نيلوءَ ڏانهن عجيب نظرن سان نهاري رهيا هئا. آڪاش ٻئي گلاس موٽائي نريش کي ڏنا. آڪاش کي اها ڳالهه چڀي ويئي ته اهڙن گهرن ۾ بيئر پيئڻ نه گهرجي. نيلم پنهنجي پريڪيا ڏيئي آڪاش جي بيئر پيئڻ جي علت گهٽائي ڇڏي. هو ڪن خاص موقعن تي ٿي بيئر پيئڻ پسند ڪندو هو. سچ ته نيلوءَ پنهنجي زندگي داوَ ۾ رکي جيت حاصل ڪئي هئي.

آڪاش ۽ نيلو، ڪم ڪار سان جدا جدا ڪيترن ۾ ويندا هئا پر موڄ ۽ مزي لاءِ گڏ وڃڻ پسند ڪندا هئا. هڪڙو ٻئي جي غيرحاضريءَ ۾ پڪچر به ڪين ڏسندو هو. ٻئي الڳ شخصيتون هوندي به پيار جي ڌاڳي سان جڙيل هئا. نيلوءَ کي پٽ ڄائو، جنهن جو نالو ’پريم‘ رکيائون. ڏاڍي پريم سان کيس پالي وڏو ڪيائون. وري جڏهن کيس ٻيو ٻار اچڻ وارو هو ته پريم کي چيائون، ”پٽ، هاڻي تون وڏو ٿي ويو آهين. تون مميءَ سان نه سُمهه. هينئر تنهنجو ننڍو ڀاءُ سمهندو.“ پريم کي نئين ٻار جي آمد لاءِ تيار پئي ڪيائون. پريم به ٻالڪ کي وڏو سمجهي پنهنجو ننڍو وهاڻو ڪڍي چوندو هو، ”مما، مان وڏو ٿي ويو آهيان. هينئر مان اڪيلو سمهندس.“ نيلم کي ٻال منوويگيان جي ڄاڻ هئي. ٻارن جي پالنا ۾ ٻنهي رت ست ڏنو.

پريم جڏهن نوجوان ٿيو ته هو سپنن جي دنيا ۾ رهڻ لڳو. هن ماءُ پيءُ جو بنگلو ۽ ڪار ڏٺي هئي. هو جوانيءَ جي نشي ۾ مدهوش هو. هوُ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي پتا کي

آزاديءَ جو ساهه

شانتيءَ گهر ۾ ئي اکر چيا، ”مان ڪونه هلنديس.“
گهر ۾ بم ڦاٽي پيو.
”ڇو؟“ آڏي پُڇا شروع ٿي.
”پڪنڪ تي مونکي مزو ڪونه ايندو آهي.“
”پيڪن سان گڏ گهمڻ ۾ مزو اچيئي ٿو؟“
شانتيءَ ڪجهه ڪين ڪڇيو.
”مس مس پروگرام ٺهيو آهي، رڪاوٽ نه وجهه.“
”مان بيمار آهيان، مونکان هلڻ پٽ ڪونه پڄندي. Essel world ۾ صحتمند اِنسان ويندا آهن. سؤ رپيا ٽڪيٽ پاٽيءَ ۾ ويندي. منهنجي دل ڪمزور آهي.“
”اِهو بهانو آهي. تون نه هلندينءَ ته جئرام به ڪونه هلندو.“
”توهين سڀ خوشيءَ سان گهمِي اَچو، مان ناراض نه آهيان.“
جئرام جي اَهم کي پهريون دفعو چوٽ لڳِي. هن جي پتنيءَ پهريون دفعو هن جي حڪم کي ريٽيو هو.
جئرام پڪنڪ تي وڃڻ جون سڀ تياريون مڪمل ڪيون.
جئرام شانتيءَ جي مٿان احسان مڙهيندي لاپرواهيءَ سان چيو ”مون ته تنهنجِي بمبئِي وڃڻ جِي رزرويشن به ڪرائِي هئِي، تون نه هلندينءَ ته مان ڇا ٿو ڪري سگهان؟“
شانتيءَ ڪجهه جواب نه ڏنو.
گهر ۾ سينِي کان پڇيو ويو، پر هن کان منظوري ڪين ورتِي وئِي.
جئرام مشغول ماڻهو هو. هن کي پنهنجِي پتنيءَ جي لاءِ بلڪل فرصت ڪونه هئِي. هو ۱۵ منٽن لاءِ گهر ايندو هو. ماءُ سان ڳالهائيندو هو، فون تي دوستن کان خبرچار پُڇندو هو پر پتنيءَ لاءِ هن کا جوابداري محسوس ڪونه ڪئِي.
شانتيءَ کي پنهنجي پتيءَ لاءِ شڪايت هئِي. هن جو سهارو

پر هو خود ملازم آهي تہ هن جو پيار دونهي وانگر اُڏامي ويو. پريم جڏهن نشا جي بيوفائيِ ڏٺي تہ هو حقيقت جيِ زمين تي ڪريو، پوءِ هن جي نظرن ۾ ماءُ جي لاءِ شرڌا وڌي ويئي. هو پنهنجي ماءُ نيلوءَ کي 'شرڌا جي ديوي' ڪري پوڄڻ لڳو. هو هُن کان هر ڳالهہ ۾ صلاح مصلحت وٺندو هو.

حيرت ڀريو هڳاءُ

منڙا، تون ايشور جي سوڳات آهين،
تون سيني جي دلين ۾ راحت آهين،
منهنجي ويران دِل جي چاهت آهين.

مرڪ تنهنجي مٺي، ناز تنهنجو پيارو،
سڏين مونکي هروقت، انداز تنهنجو نيارو،
آئينده جي آشا ۾، آ تنهنجو ئي سهارو.

ڀري ڀاڪر ۾ توکي، غمن کي ڀلايان،
ڪلوڙن ۾ گڏين سان، توکي پٽي ڪڏايان،
وڃان توتي ٻلهار، بس تو ڏي نهاريان.

ڏسي مرڪ موهڻي، چوان توکي چت چور،
ڪٽي هنج توکي گهوريان تي گهوروُن گهور،
ڏسي توکي هروقت، نچي منهنجو من مور.

تنهنجون منڙيون پياريون پياريون هي لاتيون،
جاڳائين جيءَ ۾ اُمنگ، تنهنجون باتيون،
مالڪ جي مهر سان، سُکيون ڪٽجن ڏينهن راتيون.

جڏهن پوي تو، منهنجي ڪنن تي تنهنجو پرلاءُ،
تنهنجي اَدائن جو ڏسان هروقت اِهو لقاءُ،
زندگيءَ جي چمن ۾ ڦهليو حيرت ڀريو هڳاءُ.

هو. اُن ڪانپوءِ هن پڪچر ڏسڻ جي ڪڏهن به اِڇا ظاهر
نه ڪئي.

پنهنجي هم عمر سرتين جا سهڻا رومانٽڪ فوٽا ڏسي هن جي دل ۾ به اُمنگ اُٿندا هئا. جئرام ڪئميرا خريد ڪئي. گهڻن ڏينهن ڪانپوءِ هن شانتيءَ کي پاڻ سان گڏ گهمائڻ جي رٿ رٿي. هن پاڻ سان گڏ ڪئميرا کنئي. جئرام هڪ فوٽو ڪڍي کيس دب ڪڍي چيو، ”هتي فوٽا ڪڍائبا آهن ڇا؟“ پوءِ شانتيءَ فوٽن ڪڍائڻ جي ڀچر به ڇڏي ڏني. جئرام هن کان پڇندو هو، ”اِمپورٽيڊ ڪئميرا خريد ڪريان ڇا؟“ هوءَ کيس جواب ڏيندي هئي، ”مونکي فوٽن ڪڍائڻ جو ڪو شونق ڪونهي.“

شانتيءَ جي ساهيڙيءَ جي ڀاءُ جي شادي هئي. هن اڳواٽ پتيءَ کان پڇيو هو، ”توهين هلندا؟“ هُن ’ها‘ ڪئي هئي. پنهنجي به شاديءَ تي رات جي وقت هوءَ اڪيلي ڪيئن وڃي؟ جئرام سادي اٺين بجي آيو. هوءَ اڳ۾ تيار هئي. جئرام چيو، ”مان نه هلندس.“

”طبيعت ٺيڪ آتوَ نه؟“

”ها. مونکان نٿو پُڇي.“

”توهان واعدو ڪيو هو.“

جئرام بنا ڪجهه وڌيڪ ڪُڇڻ جي تيار ٿيو. ڪار تيزيءَ سان هلائي ۽ شاديءَ جي هال جي ٻاهران اَچي ڪار روڪي ۽ هُن کي چيائين، ”تون اڪيلي اندر وڃ. مان نه هلندس.“

بي عزتيءَ جو ڍڪ پي هن پنهنجي پتيءَ کي چيو، ”واپس ٿا هلون.“

هئي واپس موٽيا.

هڪ سڄانل هئي ڏينهن کيس ورجايو. هن جواب ڏنو، ”اچانڪ طبيعت خراب ٿي پيئي.“

اِهو ڪهڙو پتني ڌرم آهي؟ جئرام جي رشتيدارن جي شاديءَ تي وڃڻ لاءِ هوءَ بڌل هئي پر هن جي سڄاڻپ وارن

پتيِ هو پر ساهرن ۾ پتيِ ئيِ پرائو هو تہ ڪنهن جي سامهون پنهنجيِ جذبات جو بيان ڪري.

اَڄ شانتيءَ کي گهر جا سڀ ڀاتيِ اڪيلو ڇڏي هليا ويا.

شانتيِ آرام ڪرسيءَ تي آهلي پيئي.

ماضيءَ جي ڏکن جون گهڙيون هن جي ذهن اڳيان ڦرنديون رهيون.

جئرام فئڪٽري آرتوار ڏينهن بند ڪندو هو. انڪري هوءَ آرتوار جو بيتابيءَ سان اِنتظار ڪندي هئيِ. خيالن ئيِ خيالن ۾ گهمڻ جا پروگرام ناهيندي هئيِ. پر هرڪو آرتوار هن کي چيڙائي اڳيان هليو ويندو هو. جئرام آرتوار ڏينهن يارهين بجي ننڊ مان اُٿندو هو. ٻارهين بجي نيرڻ ڪري گهر مان هليو ويندو هو. هوءَ منجهند جيِ مانيِ تيار ڪندي هئيِ ۽ اڪيلِي کائيندي هئيِ. شام جو ڇئين بجي دوستن وٽان موٽندو هو. 'ميٽنگ' ٻڌائي گهر مان نڪري ويندو هو. ٻہ ٽي سال هن بيدرديِ آرتوار جو انتظار خوب ڪيو ۽ آخر هن آرتوار ڏينهن تان پنهنجو پتيءَ مٿان حق پاڻيهيِ دست بردار ڪري ڇڏيو. هاڻي هن جون اکيون ڪنهن بہ آرتوار جو انتظار نہ ڪنديون هيون.

شانتيءَ کي پڪچر ڏسڻ جو بيحد شونق هو. هڪ رات جئرام واعدو ڪيو تہ هو هن کي پڪچر ڏيکاريندو. ائڊوانس بُڪنگ ڪرڻ جيِ هن کي عادت نہ هئيِ. هو هڪڙي ٿئيٽر جون بلئڪ ۾ ٻہ ٽڪيٽون وٺيِ آيو. شانتيِ خوشيءَ سان تيار ٿيِ. هو ٿئيٽر جي ٻاهران بيٺا هئا. اُن ڏينهن پڪچر جو شو دير سان پورو ٿيو. هو پنج منٽ ٻاهر بيٺا هئا. جئرام ناراضگيِ ڏيکاريندي پنهنجو غصو شانتيءَ مٿان ڇنڊيو. ”توکي هتي پڪچر ڏسڻ وٺي ٿيِ؟ هتي ماڻهو سُٺا ڪونهن. تنهنجي ضد اڳيان مونکي پوڻو ٿو پوي.“ جئرام جي کهرائيِ ڀريل لفظن شانتيءَ جي پڪچر ڏسڻ جي شونق کي ختم ڪري ڇڏيو. ”ڳالهاءَ بہ ڪاڻ ۽ مانيِ بہ ڪاڻ“ وارو حساب لڳو پيو

صبر جي ديوي

منهنجي چاچيءَ منهنجي هڪ سندريءَ سان واقفيت ڪرائي. هيءَ منهنجي دوست جي نونهن ميران آهي. مان هڪ پل يڪ ٽڪ هن ڏانهن نهاريندي رهجي ويس. هڪ معصوم چهرو، سنتوش جي ڀاونا هن جي اکين مان ليئا پائي رهي هئي ۽ هن جي چهري تي مرڪ نمودار هئي. هن منهنجي دل کي ڇقمقي تاثير سان ڪينچي ورتو. مون ڪانئس پڇيو، ”ڪيئن آهين؟“

”ايشور جي ڪرپا آهي.“

نؤجوانيءَ جي عرصي ۾، نورانيءَ جا واتان اِهي اکر ٻُڌي مان تعجب ۾ نه پيس ڇو جو مان هنجي زندگيءَ جي ٽرئجڊيءَ کان واقف هئس.

ميران جي شادي ٿي. هوءَ سپنن جي رنگين دنيا پاڻ سان کڻي پنهنجي پتيءَ وٽ آئي. شاديءَ رات ئي هن جا سپنا چُور چُور ٿي ويا. چندر هنکي ٻڌايو ته هنجي شادي ڪرڻ جي بلڪل اِڇا ڪونه هئي. هن پنهنجي پاءُ من موهن جي زور ۽ دٻاءَ تي شادي ڪئي آهي. هن جي پاءُ کيس ڌمڪي ڏني هئي ته جي هوُ شاديءَ کان اِنڪار ڪندو ته هوُ زهر کائي مري ويندو. هن جو پاءُ عيال-اولاد وارو هو. هو ننڍڙن ٻچڙن کي اناٿ بڻائي نه پيو سگهي، اِن ڪري هن ميران کي صدقي جي ٻڪري بڻايو آهي. هو هن سان پتنيءَ جو وهنوار نه ڪري سگهندو.

ميران پنهنجي زندگيءَ ۾ اِهو ظلم ڏسي به خاموش رهي. هن پنهنجي قسمت کي قصوروار سمجهيو. هوءَ تعليم يافته هئي، سمجهو هئي. هن شاه صاحب جي سخن جي گهرائي سمجهي ورتي - هيءَ ڪميٽي ڪير جا امر جي آڏو ڦري. چندر پنهنجي گهروارن سان لڙي نه پيو سگهي اِن ڪري هن پرائي

جي شاديءَ لاءِ هن جو پتي ﻫﭿﻝ ڪونهي.

سڄي رات هوءَ لُڇندي رهي.

ميءِ جو مهنو هو. شانتي اٿلوپيٿڪ دوائون کندي هئي. انڪري هن کي بيحد گرمي ٿيندي هئي. سوئي هلڪي ﭘﺮﻳﺲ پائيندي هئي. هن کي گهُٽ ﻫﻮﺳﺎﭦ ٿيندي هئي. هڪ ڏينهن هوءَ پاسي واري جي قضيئي تان موٽي. منجهند جي وقت چوٽي کولي هن وارن جو پسينو سڪايو. ٻن ڏينهن کان هن وار کوليا هئا. جئرام ڪمري ۾ اندر گهڙندي واکو ڪيو، ”هميشه تنهنجو ’ڪوپ يون‘ لڳو پيو آهي. تو ڪيڪئيءَ وانگر وار کوليا آهن. تنهنجي ماءُ وار ﻫﭿڻ ﺑﻪ ڪونه سيکاريا آهن؟ هرڪا ﭘﮅي عورت به وار لساري وهندي آهي. تنهنجون سرتيون توکي عقل نٿيون سيکارين ڇا؟ وار کُلِيا رکڻ فئشن جي نشاني مڃي ويندي آهي. مونکي تنهنجو فئشنبل ٿيڻ پسند ڪونهي.“

شانتيءَ ڪجهه ڪونه ڪڇيو.

”ﭘﺎڙﻳﻮارن کي ڊنڍورو نه ڏج ته توکي اڪيلو ڇڏي ويا آهيون.“

”مان گهر مان ٻاهر ڪونه نڪرندس. اطميعنان رک.“

گهر جا سڀ ڀاتي ٻن ڏينهن لاءِ بمبئيءَ روانا ٿيا

شانتيءَ زندگيءَ ۾ پهريون دفعو آزاديءَ جو ساهه کنيو.

به لکيل ڪونہ هوندو هو. هو گهر ۾ سوکڙيون موڪليندو هو پر ميران جي نالي هڪ بہ سوکڙي ڪونہ موڪليندو هو. ڏيراڻي اُنهن سوکڙين مان پنهنجي مرضيءَ سان ڪا نہ ڪا سوکڙي ڏيندي هئس. ميران صبر جي ديوي بڻجي سهندي رهي. زبان مان اُف بہ ڪين ڪيائين.

هن زماني ۾ اهڙي صبر جي ديوي ملڻ سچ پچ مشڪل آهي. مون هُن کي ڏٺو آهي، هُن جي درد کي سمجهيو آهي.

انداز

زندگي پيار جو نالو آ
زندگي ناهہ جو نالو آ
زندگي قربانيءَ جو نالو آ
غلطفهمي ناهي،
سمجهہ آ.
جُدائي ناهي،
قرب آ.
رسوائي ناهي،
وفا آ.
گمان ناهي،
وشواس آ.
روڪ ناهي،
هٺي آ.
اِهوئي
جيئڻ جو
دلڪش انداز آ.

نبل اِستري ميران جي من جي هولي جلائي. چندر کيس موڪل ڏني ته هوءَ پلي پيڪي وڃي سگهي ٿي جيڪڏهن ڪيس ساهرن ۾ رهڻ جي اِڇا نه ٿئي. ميران جا سنسڪار سُٺا هئا. شادي شده ٻڌڇي هن پيڪي در وڃڻ نه چاهيو. هن پنهنجي قسمت سان مائٽن کي ڏُکي ٻڌائڻ نه چاهيو. هن جي سامهون گهرو انڌڪار هو. هوءَ ڪنهن جي پيار جا موتي سڄائي جيئي؟ هن کي انڌڪار ۾ رستو ڳولهڻو هو. پتي پتنيءَ جي رشتي کي توازن ۾ آڻڻو هو. هن کي پيڪي ساهري گهر جي پت رکڻي هئي. هن کي لڙائي اڪيلي سر لڙڻي هئي. ميران کي خبر پئجي ويئي ته من موهن شرابي هو. هن کي اڏ ٻڌزن ٻار هئا، جن جي سنڀال هو نه پيو ڪري سگهي. ٻيڏڙا ماءُ پيءُ پڻ هئا. من موهن چندر کي شاديءَ جي ٻنڌن ۾ جڪڙي، جوابداريءَ جو گهيرو مضبوط ڪرڻ ٿي چاهيو. هن چندر جي من اِسٿتيءَ کي بلڪل سمجهڻ نه چاهيو. لوڪ لڄا جي خيال ۽ من موهن جي ڌمڪيءَ جي زير اثر هن ميران سان شادي ڪئي پر هوُ ميران جو ٻڌجي نه سگهيو. من موهن جي نظر چندر جي ڪمائيءَ تي هئي. چندر کيس پنهنجي سڄي ڪمائي ڏيڻ جو واعدو ڪيو. ميران پڻ پتيءَ جي فرض کي پنهنجو سمجهيو. هن کي سُٺي نموني ۾ وقت به گذارڻو هو. اِن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ هن نوڪريءَ جي ڳولها شروع ڪئي. هن کي ماسترياڻيءَ جي نوڪري ملي ويئي. هُن جو اڏ وقت نوڪريءَ ۾ گذرندو هو. سڄي پگهار اچي سهري کي ڏيندي هئي جنهن مان هن کي صرف ١٠٠ روپيا خرچي ملندي هئي. ميران جو ٻالپڻ شاهوڪار گهر ۾ ٿيو هو. هينئر ساهري گهر ۾ هن جي زندگي بدلجي ويئي. هوءَ شام جو سس سان گڏ ستسنگ ۾ ويندي هئي. هنجو پتي وڌيڪ پئسو ڪمائڻ لاءِ، گهر جو ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ، ميران کي اڪيلو ڇڏي فارين هليو ويو.

هن جي پتيءَ جا خط ايندا هئا، جن ۾ ميران جو نالو

جي ڳُٽن جو نرماڻ اِسڪولي حدن ۾ ٿيو هو. اِسڪولي گيان ٻارن کي امتحاني سرشتي ۽ ڊگرِي سرٽيفڪيٽ لاءِ تيار ٿي ڪيو. اڄڪلهه جي ٻارن کي اِنساني قدرن (Human values) جي ڄاڻ ڪونهه آهي. وگيان جي زير اثر ڪيترن ٻارن جو ايشور ۾ به وشواس ڪين آهي. سئنيما جو بُرو اثر ٻارن جي ڪومل دلين تي چيچڙي چڪو آهي. پرشٽاچار جون خبرون پڙهي هنن جو وشواس نيڪي ۽ انسانيت مان نڪري چُڪو آهي. هو بنا مقصد جي ڀٽڪي رهيا آهن. ڳٽن ڪان خالي اڌوري گيان سان گل به ٻين بالغ ڇوڪرن سان بُرائيءَ جي اندڪار ۾ ڦاسي ويو. هو سگريٽ پيئڻ، سوپاري کائڻ ۽ بيئر پيئڻ کي نئين زماني جي ضرورت سمجهي ويٺو. گُل گهروارن کان لڪائي اِنهن علتن جو شڪار ٿي ويو.

موهني اِسپتال ۾ موهن سان گڏ رهيل هئي. جڏهن موهن ۽ موهنيءَ کي پنهنجي سڪيلڌي جي افعالن جي خبر پيئي ته ٻنهي جا سپنا چوُر چوُر ٿي ويا. سڌارڻ لاءِ موهن ۽ موهنيءَ گُل جي دوستن کي الڳ الڳ گهرايو. سڀني کان خاطري ۽ ثابتيون گڏ ڪيون ۽ پوءِ گُل کي گهرايائون. گُل پهرين ته انڪار ڪيو، پر جڏهن ڪيس خبر پيئي ته هوُ سچائي ۽ ثابتين سان ڇوڪنيو جڪڙجي چُڪو آهي ته ڏوهه کي قبوليائين. پر صاف من سان سچو حال اورڻ لاءِ تيار ڪين ٿيو. جڏهن هن کي ٿورو دٻايو ويو ته پنهنجي جان کي سستو ڪري نديءَ ۾ ٻُڏي ويو.

ويچاري موهني، جنهن گُل تي هن کي ناز هو، اُهو ايترو بيدرد بڻجي ممتا جي بي عزتي ڪري، دنيا مان هليو ويندو. موهني پريشان ٿي ويئي. هن کي سوال گهيرڻ لڳا ته گُل جي زندگي ڇا شخصي زندگي هئي؟ گُل جي زندگيءَ تي هن جي مائٽن جو ڪو حق ڪونه هو ڇا؟ هيءَ زندگي ڏٽيءَ جي اَمانت آهي. مٽن مائٽن جي آشائن جي جهلڪ آهي. ديش ۽ سماج جو آڌار آهي. پنهنجي زندگيءَ کي سستو ۽ شخصي سمجهي جوش ۾ هوش وڃائي وهائڻ جو حق ڪنهنکي ڪونهي. قصوروار

سوال

موهن ۽ موهنيءَ جي شادي ٿي. سڀ خوش هئا. آسمان خوش، ڌرتي خوش، هنن جي خوشنما گلزار ۾ ڪنهن صياد جي نظر نہ لڳي هئي. وقت ڪيئن اُڏامندو ٿي ويو، خبر نہ پيئي. پنجن سالن ڪانپوءِ سڪي سڪي ڪين گلڙو جائو. آنند ۾ وڌيڪ اضافو ٿيو. ٻار جي نيپاج ۾ ٻنهي تڪليفون پڻ سٺيون. ٻہ دفعا گلڙو موت جي منهن مان بچي نڪتو. پر دعائن ۽ دوائن سان هو نؤبنو ٿي ويو. موهن ۽ موهني جي سايعي ۾ گُل وڌندو ويجهندو رهيو. موهن جا وار اَڇا ٿي ويا. ڍيري ڍيري هو ضعيف ٿي ويو. ڊاڪٽري تپاس ڪانپوءِ هنن کي معلوم ٿيو تہ موهن کي ڪئنسر آهي. موهن ۽ موهني ڊاڪٽرن جي چنبي ۾ جڪڙجي چڪا هئا. موهنيءَ جي نازڪ دل صدمي سبب دهڪجي چُڪي هئي. هُن جي چهري تان کِل - خوشي عدم پئدا ٿي ويئي هئي. فرض ۽ شيوا جي زنجيرن ۾ جڪڙيل، هن پنهنجي مانسڪ پريشانيءَ جي لڪا ڪنهن کي ڪونہ ڏني.

گُل کي ماءُ پيءُ جو پيار مليو هو. موهنيءَ جي مغز ۾ هٿوڙا ڪري اِهو سوال گونجڻ لڳو تہ اسانجي پرورش ۾ ڪهڙي ڪمي هئي جو هو جوانيءَ ۾ گمراه ٿي ويو؟ موهن ۽ موهنيءَ گُل جو هر لاڏ ۽ ضد پورو ڪيو هو. هوُ هڪ شيءِ جي طلب ڪندو هو تہ ٻہ شيون هن وٽ اچي ويندڙيون هيون. گُل کي ڪنهن بہ قسم جي تڪليف ڪونہ هئي پوءِ هو ڇو بُرائيءَ جي رستي تي وڌي ويو؟

گُل ڪاليج ۾ پڙهڻ لاءِ پوني ويندو هو. مائٽ ٻار کي پنهنجي سايعي ۾ آخر ڪيستائين قيد ڪري سگهن ٿا؟ آزاديءَ ۾ ئي ٻار جي شخصيت جو وڪاس ٿيڻو هو. موهن ۽ موهنيءَ گُل کي ڪاليج ۾ موڪلي بيخبر ٿي ويا. گُل ننڍڙو معصوم هو، جنهن جي اَڇا شڪتيءَ جو وڪاس نہ ٿيو هو ۽ نڪي چرتر

ڪارِي ڇايا

گنگا هڪ نوڪرياڻِي، جنهن ڪومل جي وجود کي خريد ڪيو يا ڍڪي ڇڏيو. هوءَ هڪ جوُر هئِي جنهن بنا سبب هن جو خون چوسڻ شروع ڪيو ۽ هوءَ بڻجِي پئِي اپاهج، جنهنجي مدد بنا هن جو هڪ ڏينهن گهارڻ به ناممڪن بڻجِي پيو.

ڪومل بئنڪ ۾ ڪلارڪ هئِي. هن کي گهرو ڪم ڪان ٻرو چڙهندو هو. هن جو نوڪرياڻِيءَ کانسواءِ ڪم ڪين هلندو هو. پيڪي گهر ۾ ڇهُن ڀينرن ۾ ننڍِي ۽ لاڏلِي هئِي. هوءَ گهر ۾ ڪکہ پڇِي به اَڏ نہ ڪندي هئِي. هن کي ٻاسڻ ملڻ، ٻهارِي پائڻ، فرش صاف ڪرڻ جِي عادت نہ هئِي. ماءُ هن کي لاڏ ڪوڏ سان پاليو. هن کي ايتري قدر ڪاڏو رڌڻ به نہ ايندو هو.

ڪومل جِي شادي وچولي طبقي واري اِنسان سان ٿي. ڀارتيہ گهرڏياڻِيءَ جي انوسار هن کي گهرو ڪم ڪرڻو هو. هن 'اِستري سنسار' جو ڪتاب خريد ڪري گهر ۾ ڪاڏو ناهڻ شروع ڪيو. هن جو پيڪو گهر ويجهو هو. وڏن ڏڻن تي هن کي پيڪي گهر مان رسوئِي ايندِي هئِي. هن گهرو ڪم لاءِ نوڪرياڻِي رکِي. نوڪرياڻيون ڪيس تنگ ڪنديون هيون. ٻهانا بڻائي گهر ۾ ويهِي رهنديون هيون. ائڊوانس پگهار وٺِي، گُم ٿِي وينديون هيون. نوُڪرياڻين جي نيت تي به ڀروسو ڪونہ هوندو هو. اُهي ڪڏهن صابڻ، ڪڏهن ڀاڃيون، ڪڏهن ميوو، ڪڏهن اَٽو گُم ڪنديون هيون. ڪڏهن ڪا شيءِ گُم تہ ڪڏهن ڪا شيءِ گُم نظر ايندي هئِي. هوءَ ڪرڙي نظر رکندي هئِي تہ ڪڏهن سڀ ڪجهہ ڄاڻندي بہ نظرانداز ڪري ڇڏيندي هئِي. مجبوريءَ کي سلام هو. ڪڏهن ماءُ کي شڪايت ڪندي هئِي تہ هن کي ننڍِي هوندي ڪان گهر جي ڪم جِي عادت ڇو نہ وڌئہ.

ڪومل کي بئنڪ جي طرفان هائوسنگ اِسڪيم ۾ فلئٽ

اِنسان کي جڳائي ته پرپوءَ کان ديا گهري. پرپوءَ وٽ ديا جا پنڊار آهن. هو سُمت ڏيئي سنئين راهه تي وٺي هلندو.
ڳُل ته هليو ويو پر موهنيءَ ۽ موهن جي ڏُک ۽ آنسن کي ڪير تي اُگهي سگهيو؟ هنن جي ويران زندگي ۽ ٻڍاپي جو سهارو ڪير تي بڻجي سگهيو؟

لولي

ننڊ جي راڻي، پرين جي راڻي،
هلي آءُ تون، هلي آءُ تون،
ننڊ جي .....
ننڊڙي ننڊڙي پياري منڙي،
ڪڪيءَ کي خوابن ۾ وٺي هل تون،
ننڊڙي ننڊڙي معصوم سُهڻي،
پتڪڙيءَ کي وٺي هل تون،
ننڊ جي .....
گود جو ننڊڙو پينگهو بڻايان،
تصور ۾ اُڏائي وٺي هل تون،
پاڪي پائي ڪلهي تي سمهاريان،
سپنن جي گهراين ۾ وٺي هل تون،
ننڊ جي .....
مٿي ني پيار جو هنڙو ڦيرايان،
جادوءَ سان ڳُڏيءَ کي وٺي هل تون،
ٿپڪي ڏيئي ٺوڪي سمهاريان،
منڙن خوابن ۾ وٺي هل تون،
ننڊ جي .....

کيس دوا گوري ڏيندي هئي. اِهو تہ انساني ڌرم آهي پر گنگا هن جو اجوڳ فائدو ورتو. هوءَ گهر ۾ رهي ٿي، ان ڪري ڊاڪٽري دوا (Medical claim) جو هن کي حق آهي. پوءِ روز ڇوڻ لڳي پيٽ ۾ سور، مٿي جو سور، آگر ۾ سور ٿو ٿئي. هِتي تيل جو چلڪو لڳو، هُتي تيل جو نشان ٿيو. ڪومل Specialist جي دوا ڪندي هئي اِن ڪري گنگا بہ سرڪاري اِسپتال ۾ نہ ويندي هئي. خانگي ڊاڪٽر وٽ وڃي بہ ٽي سيون هڻائيندي هئي ۽ دوائون وٺندي هئي. ڪومل کي مهني ۾ ڏيڊ سو يا ٻہ سو رپين جو ڦٽڪو لڳندو هو.

گنگا ڪومل سان ريس ڪرڻ لڳي. ڪومل بلو ڊريس وٺي تہ هوءَ بہ بلو رنگ جي ساڙهي وٺي. ڪومل ڏياريءَ تي هڪ هزار جي پوشاڪ خريد ڪري تہ ضد ڪري هن ڪومل کان سٺن سؤ رپين جي ساڙهي خريد ڪرائي. ڪومل پهرين ٻُل ڪئي، هُن غريب جي دل رکڻ لاءِ هن جي پسنديءَ جي ساڙهي خريد ڪئي. ڏيري ڏيري هوءَ مٿي تي چڙهڻ لڳي. هن ڏياريءَ تي ٧٠٠ رپئي جي ساڙهي پسند ڪئي. ڪومل دڪاندار جي سامهون ڪجهہ ڪُڇي ڪونہ سگهي. پر اُها ساڙهي زريَ جي ڪري سُٺي ڪونہ نڪتس. ۽هڪ دفعي جي ڌوئڻ سان رنگ الڳ ڏسڻ ۾ آيس. پوءِ هوءَ هميشہ چئين سوين ۾ ساڙهي ۽ بلائوز خريد ڪندي هئي.

ڪومل سوچيو، 'گهر ۾ پلنگ آهي تہ گنگا زمين تي ڇو سمهي؟ هوءَ بہ آخر اِنسان آهي. هن گنگا کي پلنگ تي سمهڻ جي اِجازت ڏني. هوءَ ڊائيننگ ٽيبل تي کاڌو کائڻ لڳي. ڏيري ڏيري هوءَ پاڻ کي مالڪڻ سمجهڻ لڳي.

هر ڏياري ۽ اونهاري جي وئڪيشن ۾ مائٽن وٽ وڃڻ لڳي. هر ٽين مهني بہ ڏينهن پيڻ وٽ ڪلياڻ ويندي هئي. هن ڪلياڻ ۾ ويسي شروع ڪئي هئي. جڏهن ويسي جا وقت سر هن کي پئسا نہ مليا تہ ڪومل هن کي رڪرنگ اَڪائونٽ کولڻ جي صلاح ڏني. هن کي گهڻن ئي چڪر هڻڻ کانپوءِ

عطا ٿيو. هوءَ خوشيءَ ۾ نہ پئي ماپي. پوني مان هن کي چنچواڊ شفٽ ڪرڻو هو. هن جي پُراڻي مائي منگل ڪم ڇڏڻ نہ پئي چاهيو. هوءَ پنڌ ڪري بہ ڪومل جي گهر جو ڪم ڪندي هئي. ڪومل هن جي شرافت ڏسي ڪيس بس جو پاڙو ڏيندي هئي. منگل مائيءَ جي نونهن جي ڊليوري ٿي. هن جي سيڻ گنگا ڪولهاپور کان آيل هئي. هوءَ بہ هن سان گڏ اَچ وڃ ڪندي هئي. ڳوٺاڻي وڏوا هئي. هن کي گئس چالو ڪرڻ نہ ايندي هئي. ڦلڪو پچائڻ تہ پري رهيو. پهرين چانهہ ٺاهڻ سکي. ڏيري ڏيري گنگا اڪيلو اَچڻ شروع ڪيو. ڪومل جي دل ۾ ديا جاڳي. هن گنگا کي گهر ۾ رهڻ جي آڇ ڪئي. بہ دفعا پنڌ ڪرڻ سولو ڪونہ هو. گنگا بيحد خوش ٿي ويئي.

ڏيري ڏيري ڪومل هن کي ڪپڙا استري ڪرڻ سيکاريا. کاڌو رڌڻ سيکاريو. پٺاڻي وڙا، سنبوسا، سنڌي ڪوڪي، چلها، اِڊلي ڊوسا، ڇهرو ڍوڍو، تئي جي ڀاڄي، پٺاڻي جا ڦلڪا، سئنڊوچ، مئگي نوڊلس ٺاهڻ سيکاريا. ڪير بہ گهر ۾ ايندو هو تہ سڀ گنگا جي کاڌي جي تعريف ڪندا هئا.

ڪومل دل ۾ سوچيو، ’گهر ۾ مائي رکندي تہ اُها صاف سٿري هجي ۽ هن کي پنهنجي زندگيءَ جي چئن وڏن ڏينهن لاءِ دان جو موقعو بہ ملندو. هن ڪيس سال ۾ چار ساڙهيون، تيل، گهر وانگر کاڌو ڏيڻ شروع ڪيو. هوءَ جيڪو ڪائي پهرين گنگا کي ڏيندي هئي. هوءَ پنهنجو جهونيون ساڙهيون ماءُ کي ڏيندي هئي. ٻين ٽين مهني هٿن ۾ چوڙيون بدلائيندي هئي. ڪنن ۾ والا، مٿي تي ڳاڙهي بندي لڳائيندي هئي. ڳاڙهي بندي سهاڳ جي نشاني هئي ۽ ڪاري بندي وڌواپڻي جي، هن مائٽن کي ٻڌايو تہ ڪومل کيس ڳاڙهي بندي لڳائڻ لاءِ چيو آهي. ڪومل هن جي مائٽن جي سامهون اِنڪار ڪيو تہ گنگا ڪکي وکي ٿي ويئي.

گنگا کي ڪڏهن مٿي ۾ سور ۽ بخار هوندو هو تہ ڪومل

ڪندي هئي. ڪومل ڪيس گھٽيئي دفعا ٻڌايو، ’منهنجي پاڇي الڳ ڪري پوءِ مرچ وجهه‘ پر هوءَ اِها ڳالهه مڃڻ لاءِ هرگز تيار نه هوندي هئي. ڪومل اڪين مان ڳوڙها ڳاڙي ڪاڌو کائيندي هئي، پر مائيءَ جي من ۾ ديا ڪانه جاڳندي هئي ۽ ڪومل مجبور هئي. هن کي ڄاڻ هئي ته ماين جا ڪيترا نه نخرا سهڻا پوندا آهن.

گنگا ڪڏهن دسهڙي تي ’راوڻ دهن‘ ڪونه ڏنو هو. ڪومل هن کي راوڻ ڏيکارڻ لاءِ پوني جي بي.جي.ميڊيڪل گرائونڊ تي وٺي ويئي. اِسٽيشن کان گرائونڊ تائين سيني پنڌ ڪيو. موٽندي رستي تي اينٽري پيٽز هئي جو رڪشا ملڻ جو آسرو ڪين هو. اِن ڪري اُتان سيني پنڌ ڪيو. الاءِ گنگا کي ڇا ٿيو جو اڌ رستي تي هوءَ الڳ ٿي ويئي. ڪومل واٽڙي تي ويئي. هوءَ مائٽن کي ڇا چوي. ٿوري دير کانپوءِ هوءَ اِسٽيشن تي گڏي. ٻئي ڏينهن ڪومل کانئس پڇيو، ’ڇا ٿيئه؟‘ هن جواب ڏنو، ’مان ٿڪجي پيئي هئس، رڪشا ۾ ڇو نه واپس آئينءَ؟‘ واه گنگا مائيءَ جا نخرا!

ڪومل گنگا کي پڙهائڻ جي ڪوشش ڪئي. هن ڌيان نه ڏنو. هن ڪيس سلائي سکڻ لاءِ اُستاد ڏياريو، اُن لاءِ به هن اِنڪار ڪيو. هن سوچيو، ’ڪجهه سکنديس ته ڪم ڪرڻو پوندو.‘ هوءَ پنهنجي جان کي پيئي سنڀاليندي هئي.

ڪومل گنگا جي مٿان پنهنجو سمورو پيار لٽايو. پيڻ سان گڏ پڪچر تي وڃي ته پهرين گنگا جو خيال ڪري. گنگا جي ماءُ به پهرين گنگا جو خيال رکندي هئي. پاڻ ٻيڙي هئي. گنگا کي ڪومل ۽ گنگا جو ڪاڌو ٺاهي ڏيندي هئي. ڏڻ وار تي مهالڪشميءَ جا لولا، روٽ ۽ ڪاڌو ٺاهي ڏيندي هئي. ماءُ کي ناسڪ ۽ شرڊي وٺي ويئي ته هوءَ گنگا کي پڻ ساڻ وٺي ويئي.

هڪ دفعي ڪومل جي ماءُ اسپتال ۾ داخل ٿي. هوءَ بازاري ڪاڌو ۽ ڊبروٽي نه کائيندي هئي. ٻه ڏينهن ڪاڌو تيار ڪيائين.

ويسي جا پئسا مليا. هن فڪزڊ ڊپازٽ ڪرائي. اڪثر منجهند جو هڪ بجي کان ستين بجي تائين مائٽن وٽ وڃڻ شروع ڪيو. هنن جي مٿان رعب هلائڻ لڳي. ڏيري ڏيري سيني سان جهيڙو ڪري ويهي رهي.

ڪومل کي هٿن پيرن ۾ سور پوندو هو. پين ڪلر (Pain-killer) وٺڻ سان ڪيس راحت ملندي هئي. پر دوا جو Reaction اُبتو اثر پئي ٿيو. هڪ دفعو گنگا هن جا هٿ پير دٻايا ته هن کي راحت محسوس ٿي پوءِ گنگا هفتي ۾ ٻه ٽي دفعا هن جا هٿ پير دٻائيندي هئي. هڪ دفعو بدن ۾ مٿي جي وارن ۾ تيل وجهي مالش ڪندي هئي. هوءَ هن جي بيحد شڪرگذار هئي. هر ڏياريءَ تي سو رپيا پگهار وڌائيندي هئي. هن جو گنگا ۾ ايترو موهه پئجي ويو جو ڏياريءَ تي چار هزار روپيا بونس طور ۾ مٺائي ڏيندي هئس. ڪو شاهوڪار مهمان ايندو هو ته هُن کي خرچيون ملنديون هيون.

ڏيري ڏيري ڪومل کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو. گنگا هن کان ساڙهي ائين گهرندي هئي جڻ ڪومل هن جي قرضدار آهي. هن گنگا جا ٻه سؤ روپيا وڌايا ۽ ڪيس چيو، ”پنهنجي پسنديءَ جون ساڙهيون وٺج، مان توکي ساڙهيون وٺي نه ڏيندس“ ۽ ائين ڪومل جي دان ڏيڻ جي ٻاونا جو موت ٿي ويو.

ڪومل گنگا جا پئسا وڌايا ته هن کي جوس ۽ سوپ ڏاهي ڏي، پر هن ڪومل جي کاڌي ۽ پرهيز جو ڪو خيال نه ڪيو. پنهنجي مرضيءَ سان کاڌو ڏاهڻ لڳي. روز هن کي نيرڻ ڏاهڻ وقت بصر وڏو ٿو پوي، اهڙي قسم جي ناراضگي ڏيکارڻ لڳي. ڪومل ڏندن جو علاج ڪرايو، هن جي وات ۾ ڇالا ٿي ويا پر گنگا کاڌي ۾ ٻُڪ مرچن جو وجهندي هئي. کاڌي ۾ ايترو سواد نه هوندو هو. رس ۽ ڀاڄي الڳ ٿي بيهندي هئي. هوءَ سوچيندي هئي ته ڳاڙهن مرچن ۽ ساون ڏاٽن سان ڀاڄي سُٺي لڳندي اِنڪري ڏهين رپئي ڏاٽن جي جوڙي خريد

جو ڪم نہ وٺيو ۽ جلد هن کي رخصت ڏنائين.

گنگا جڏهن پنهنجي ڳوٺ ويندي هئي تہ هوءَ ڪڏهن پنهنجي ڌيءَ کي تہ ڪڏهن پنهنجي ساهيڙيءَ کي هڪ دفعو ڪم ڪرڻ لاءِ موڪليندي هئي. هن کي پنهنجي پگهار مان اڌ پئسا ڏيڻا ٿي پيا، تنهنڪري هُن اُنهن کي پنهنجي گهر ۾ رکڻ نہ چاهيو. آهستي آهستي گنگا جي من ۾ پيائي ۽ مالڪڻ کي تنگ ڪرڻ جو جذبو جاڳيو.

گنگا ڪومل کي چوندي هئي تہ هوءَ پاڇيون سُئيون نٿي وٺي. هوءَ گنگا کي پئسا ڏيندي هئي تہ اُن جو حساب نہ ڏيندي هئي. سڀ پئسا ختم ڪري رڪشا ۾ چڙهي ايندي هئي. پنهنجي ڳوٺ اڪيلي ويندي هئي پر هيٺ لهي ڌپروٽي خريد نہ ڪندي هئي.

گنگا مهمانن کي نہ سهندي هئي. ڪومل گهر ۾ مهمانن کي مشڪل گهرائيندي هئي. هن کي گنگا جا پار ساربا پيا هئا. هڪ ڏينهن ڪومل جي پٽي راج جي سؤٽ چيو تہ مان ۽ راٽي بمبئيءَ وڃڻا آهيون، منجهند جي ماني کائي ويندا سين. اُن ڏينهن گنگا جي دماغ کي الائي ڇا ٿي ويو، مٿي کُڏ تي ويهي رهي. ڪومل وڃي هُن کي هٿ جوڙي مڃائي آئي. ڪيترن ڏينهن تائين ڪومل کي خبر نہ پئي تہ مائي گنگا جو رُئي؟

کي اَمير مهمان ايندا هئا، جي ڪيس خرچيون ڏيندا هئا تن جي شيوا هوءَ دل وجان سان ڪندي هئي. ڪومل هن کي هڪ ڏينهن چيو، ”باٿروم جو اِسٽول گندو ٿي ويو آهه. تون صاف ڪر.“ گنگا ڪيس ڪتو جواب ڏنو، ”بي نوڪرياڻي رک.“ ڪيس اِهو احساس ٿي ويو هو تہ ڪومل جو ڪم هن ڪانسواءِ ڪونہ هلندو، اِن ڪري هن هر ڪم کان اِنڪار ڪرڻ شروع ڪيو.

گنگا جڏهن فون تي نياپو وٺي رکندي هئي تہ پهرين ڪلندي هئي. ڪيترا ماڻهو هُن جي ڪلڻ تي موهت ٿي ڪومل

ٽئين ڏينهن چيائين، ”مئني ڪانا بناني ڪا ڪانٽرئڪٽ نهين ليئا هئہ.“ ڪومل ڪيس شرمايو تڏهن هن کي غلطيءَ جو احساس ٿيو.

ڪومل موڪل جي ڏينهن پاڙيسريءَ جي هڪ سال جي ڌيءَ سان راند ڪندي هئي. هن گنگا کي ٿورو کير گرم ڪرڻ لاءِ چيو. هُن ڪنو جواب ڏنو، ”دوڌ گرم ڪرني ڪا مئني نيڪا نهين ليئا هئہ.“ ڪومل کي گنگا جي وهنوار تي بيحد ڏک ٿيو. ڪومل کي پوءِ احساس ٿيو - کير ڏيڻ سان شايد هُن جو لڳائي کير پيئڻ گهٽ نہ ٿي وڃي.

گنگا جو ياءُ هر مهني ايندو هو، ماني کائي ويندو هو. هن جي پيڻ ٻارن سان گڏ ايندي هئي، گهر ۾ رهندي هئي. هن جو پيٽوئيو جيپ پرائي ماڻهن سان گڏ آيو. ناشتو کائي چانه پي ويا. هن جو نائي ايندو هو. چانه هميشه پيئندو هو. ڪومل هن جي مائٽن کي عزت ڏني، پر اُجورو ڪومل کي ڇا مليو؟

گنگا کي موڪن جي تڪليف ٿي. هن پرائيويٽ ڪلنڪ ۾ ٻہ ٽي دفعا ڏيکاريو. ڪومل وڌيڪ نتائج لڳي. هن کي گنگا جي هر ڳالهہ بهانو لڳندي هئي. ڪومل هن کي سرڪاري اِسپتال ۾ ڏيکارڻ لاءِ چيو. گنگا پنهنجي ساهيڙي سُشيلا سان تپاس ڪرائڻ لاءِ ويئي. اُتان فون ڪري ڪومل کي بئنڪ مان گهرايائين ۽ نياپو موڪليائين، ’اڄ آپريشن ڪرائڻو آهي. پنهنجو ڳائون موڪل.‘ ڪومل گنگا جي نوڪرياڻي هئي. نہ ڊاڪٽر کان موڪل گهريائين. بس، ڪومل جي مٿان آرڊر هلايائين. ڪومل فون ڪري هن جي ڌيءَ ۽ نائيءَ کي گهرايو. گهر جو سڄو ڪم هن جي سر تي هو. هوءَ هن کي ٥٠٠ رپيا ڏيئي واپس موٽي. هن جي ڌيءَ گهر مان ڪاڏو تيار ڪري، ناريل جي پاڻيءَ جا پئسا وٺي ويئي. ٻن ڏينهن ۾ ٥٠٠ رپيا ڪارائي ختم ڪيائين. ٽئين ڏينهن گهر آئي. هن جي ڌيءَ بہ ڪومل جي گهر ۾ رهي. گنگا کي پنهنجي ڌيءَ

ڪومل گنگا کي واچ ڪونہ ڏني. گنگا غصي ۾ باسڻ جي لڪ ڌڪ ڪندي هئي. ڪومل ڪيس منع نہ ڪري سگهندي هئي. ڪومل کي پنهنجو گهر ڪڏهن محسوس نہ ٿيندو هو.

گنگا جهڪي ڪڏهن فرش ڪونہ اُگهندي هئي. بالڪني ڪڏهن ڪونہ ڌوتي، اِن ڪري ڪومل کي بالڪني ۾ ويهڻ ڪونہ وڻندو هو. باٿروم جون ٽائيلس ڪڏهن ڪونہ ڌوتائين. ڪارو ڪيچڙ ڄمي ويو. پنهنجي سٺي ڪم جو ثبوت ڏيڻ لاءِ هڪ پاسو هڪ ڏينهن، ٻيون پاسو ٻئي ڏينهن تہ باٿروم جو ٽيون پاسو ٽئين ڏينهن ۽ چوٿون پاسو چوٿين ڏينهن صاف ڪيائين. هن سمجهيو تہ ڪومل هن جي ڪم جو قدر ڪري شاباسي ڏيندي. هڪ ننڍي باٿروم کي چوڻ ڪانپوءِ ڇهن ڏينهن ۾ صاف ڪيائين. هن کي خبر هئي تہ هيترن سالن ۾ گنگا هڪ دفعو بہ ٽائيلس نہ اُگهيون هيون، انڪري هن ڪيس شاباسي ڪونہ ڏني.

گنگا ڏياري ۽ اونهاري جي موڪلن ۾ ڳوٺ ويندي هئي. ڪومل کي تڪليف آهي، اُن جو هن کي ڪو احساس نہ ٿيو. مٿان ڪومل جي زخمن تي لوڻ ٻُرڪڻ لاءِ چيائينس، ”رستي تي ڀاري پائڻ وارن جي پرتي ٿي رهي آهي.“ هن کي ائين لڳو تہ ڪومل ڪيس منٿ ڪندي تہ ’نہ وڃ.‘ پر ڪومل ڪيس جواب ڏنو، ”توکي سٺي پگهار ۽ سُٺو ڪم ملي تہ ڀلي وڃ. مان تہ چاهينديس تہ تون جتي وڃين، اُتي سُکي رهين.“ آشا جي اُبتڙ جواب ٻُڌي گنگا وائڙي ٿي ويئي. هن پاڻ کي نيڪ سيرت ثابت ڪرڻ لاءِ چيو، ”ڀاري پائڻ ڪانپوءِ سڀ جمعدار سان گڏ کِل کِل ۽ مذاق ڪندا آهن، مونکي اِها ڳالهہ ڪونہ ٿي وڻي. مان ڪونہ وينديس.“

گنگا کي پئسي جي مستي چڙهي. هن پنهنجي سڀڻ سان جهڳڙو ڪيو، نراڻ سان جهڳڙو ڪيو. پيڻ کي ڪاربندي هئي تہ سڄو وقت ڪم ڇو ٿي ڪرين؟ هن هڪ هڪ ڪم جو حساب ٿي رکيو. ڪومل محسوس ڪيو تہ ڪاڏي ۾ اَمرت ڪونہ آهي پر ناراضگي آهي. ڪومل کي هڪ پاڄي چوي تہ ٻي

جي گهر اَچيِ وارد ٿيا، پر جڏهن گنگا جيِ حقيقت ۾ شڪل ڏٺائون تہ پري ڀڄيِ ويا. ڪومل جا مائٽ گنگا کي اسڪوٽر تي لفٽ ڏيندا هئا، ڇو جو هوءَ ڪومل جو گهر سنڀاليندي هئيِ. هوءَ پاڻ کي حور پري سمجهڻ لڳيِ پر جڏهن پاڙيسري دڪاندار کان لفٽ گهربائين تہ هن اِنڪار ڪيس تڏهن هن جو مٿو جاءِ تي آيو.

ڪومل کي گهٽيون پرسون هيون. هڪ پرس جيِ زپ خراب ٿيِ ويئيِ. هن گنگا کي چيو، ”ساهيڙيءَ جي پُٽ کان ٺهرائي اچجانءِ.“ هن پرس ٻاهران چيڪ ڪئيِ، اندران ڪونہ ڪئيِ. اندر چار هزار رپيا هئا جي گنگا ايمانداريءَ سان واپس ڪيا. ڇو؟ ايمانداري - نہ، هن کي ڊپ لڳو، متان هوءَ هن جي ايمانداريءَ جو اِمتحان تہ ڪونہ ٿيِ وٺي. الائي ڇو ڪومل جي دل ۾ گنگا جي ايمانداريءَ جو قدر ڪونہ جاڳيو، نہ هن کيس بخشيش ڏنيِ. ڪومل جيِ پرس ٿورو وقت ٻاهر رهندي هئيِ تہ هردم هُن کي ڇوندي هئيِ، پرس اندر رک. ڪومل جو هن جي متان وشواس هو پر هوءَ هميشه هن جي متان دٻاءُ وجهندي هئيِ.

ڪومل کي گنگا جا ناڪارِي ويچار، دٻاوَ جو نمونو اڻوڻندڙ لڳندو هو. ڪومل کي ائين محسوس ٿيندو هو تہ ڪجهہ غلط ٿيِ رهيو آهي. اِن ڪري هن گنگا جي متان جاسوسيِ رکڻ شروع ڪئيِ. ڪومل هڪ پني ۾ ٿي واڇون ٺهرائڻ لاءِ رکيون. هن کان ڳالهہ وسري ويئيِ. پلنگ تي واڇون ڪونہ هيون جو اِها ڳالهہ کيس ياد اَچي. گنگا ٻن ڏينهن ڪانپوءِ ڪومل کي پنيِ ڏيندي چيو، ”مونکي هڪ واچ تہ توکي ڏيٺيِ پوندي. مون توکي واچون واپس ڪيون آهن.“ ڪومل غصي ۾ چيو، ”شيون گهر ۾ نہ رکنديس تہ ڇا تجوڙيءَ ۾ رکنديس.“ گنگا پنهنجيِ اَميري ڏيکاريندي چيو، ”ٽن سوَن رپين جيِ تہ واچ اٿيئيِ. مون سشيلا کي واچون ڏيکاريون، هُن ٻڌايو.“ ڪومل جي من ۾ نفرت جاڳيِ. هيءُ گهرڻ جو ڪهڙو طريقو آهي؟

ٿيندي تہ هن کي سڀ پئسا پرچي ملندا. هن کي پرائيويٽ ڊاڪٽر جو ثبوت کپندو هو. ڪومل کي محسوس ٿيو تہ اِها تڪليف اچانڪ ڪونهي، اها اڳ ۾ ئي رٿيل يوجنا آهي. ڪومل هيٺ وڃِي پاڙيسريءَ جي نوڪر رام کي عرض ڪيو تہ هنکي رڪشا ۾ اسپتال وٺي وڃ. گنگا مائِي ضد ڪري چوڻ لڳِي .O.P.D بند ٿي ويو آهي. رام کيس چيو، ”ايمرجنسيِ ۾ مريضن کي ڪٽندا آهن.“ هن کي آٽو ۾ وهاري سرڪاري اسپتال ۾ داخل ڪرائي، ٻن ڪلاڪن ۾ واپس آيو. ڪومل هن جي ڌيِ نائيءَ کي فون ڪيو، اُهي اسپتال پهچِي ويا. ڪومل ڦلڪا پچايا، فرنيچر صاف ڪيو. رستي تي بيهي ماين سان ڳالهايو. ڪن کي وقت ڪونہ هو، ڪي اگهہ تي نہ ٺهڪيون. شام جو هن کي هڪ مائِي ملِي، جنهن گهر ۾ ٻهاري ٿي پاتِي. اينتري ۾ گنگا جي ڌيءَ بازار مان بيضا خريد ڪري آئِي. ڪومل کي چوڻ لڳِي، ”تون گهر ۾ ويهہ. مونکي اڪيلو ڊپ ٿو لڳي.“ ڪومل جي ڊاڪٽر وٽ اپائنٽمينٽ هئِي. هن گهر جي چابِي هن جي ڌيءَ جي حوالي ڪئي ۽ هوءَ ڪونہ ترسِي. بيضا اوباري، ڦُلڪا ماءُ لاءِ پچائي ويئِي. ڪُنڊن ۾ ڪچرو هو، گهر ۾ ڪاڪروچن جو راڄ هو. ڪومل کي خبر پئي تہ هوءَ گهر کي ٻاهران اَڇو ۽ اُجرو رکندي هئِي. هوءَ باسڻن جو اوڇو پائوڊر Vim ۽ Scotch bright وٺندي هئِي. هر مهني ڪپڙن ڌوئڻ جو برش خريد ڪندي هئِي. اُهو ٽِڪل برش ڪومل کي ڏيکاريندي هئِي. هاڻي ڪومل کي ڄاڻ پئِي تہ صابڻ گُم تہ ڪڏهن راشن گُم هوندو هو. هوءَ ماين کي سامهون بيهاري صفائِي ڪرائڻ لڳِي. اِنڪري هن کي وقت نہ مليو ۽ هوءَ گنگا سان صرف ٽي دفعا ملڻ ويئِي. هڪ دفعو اِسپتال ۾ وڏو صاحب رائونڊ تي آيو تہ هن کي پنج منٽ گڏجڻ ڏنائونس. گنگا جي يوٽيرس جو آپريشن ٿيو. هن کي ست ٽاڪا آيا هئا. ڪومل هن جي ڌيءَ کي ڪئنٽين مان مانِي کارائي، ميوو ۽ بسڪيٽ وٺي ڏنائينس. ٽيون دفعو

ناهي رکي. هوءَ پنهنجي من ماني هلائيندي هئي. هوءَ هر شيءِ جي تقاضا ڪرڻ لڳي. انب، چڪون، ڪيلا ڪپڻ، مٺي ڏهي پاڻ لاءِ ناهيندس. گهر ۾ ويشنو ڪاڌو نهندو هو ته پنهنجي لاءِ بيضا ونئي اچي. ڪومل نيويا ڪريم لڳائي ته مائي گنگا به نيويا ڪريم لڳائي. ڪومل مهانگي نيل پالش لڳائي ته گنگا ڪومل کان بنا پڇڻ جي لڳائي. هوءِ ڪيس سنائڻ لڳي. مان بور ٿي ٿيان. هاڻي ڪومل کي مئدم گنگا جي وندر جو سامان ميسر ڪرڻو پوندو هو. ٽي.وي يا ريڊيو هلندي هئي. ڪومل کي موڪل جي ڏينهن پنهنجي گهر وڃڻ تي دل ڪونه ٿيندي هئي. نااڪاري ڏارائون هن کي ڏکوئينديون هيون. هن کي محسوس ٿيندو هو ته گهر منهنجو نه پر گنگا جو آهي. هوءَ هُن جي شڪنجي ۾ قيد هئي. هوءَ ٻاهر نڪرڻ لاءِ چٽپٽائڻ لڳي. ڪنهن جي پيٽ تي لت هڻڻ اَڌرم آهي، بي انصافي ۽ ظلم سهڻ به اَڌرم آهي. هن جي زندگيءَ ۾ ڪرشمو ٿيو جو هن جون حالتون بدلجي ويئون. ڏند ڏيئي هوءَ آزاد ٿي ويئي.

ڪومل حيدرآباد ۾ ڏاڏي جي قضئي تي ويئي. هن گنگا کي چيو، ”مان ٻن ٽن ڏينهن ۾ واپس اينديس. مان نيڪ ڪونه آهيان. تون هتي رهي پئه.“ پر گنگا ڳوٺ ويئي ۽ ڏهن ڏينهن ڪانپوءِ واپس آئي. ڪومل کي گنگا تي بيحد غصو آيو، هوءَ ڪومل جي دل تان ڪرندي ويئي.

هئي مهني گنگا کي پيٽ ۾ تڪليف ٿي. صبح جو ڪومل تئي جي پاڇي ۽ بصر جو پلاءُ ناهيو. هوءَ هيٺ هلي ويئي. اڌ ڪلاڪ ۾ هن کي پاسي واري جي نوڪر وسيلي فون ڪري گهرايائين. ڪومل کي چيائين، ”مونکي بيحد تڪليف ٿي ٿئي. پيشاب ڪرڻ وڃان ٿي، پيشاب نٿو اچي.“ گنگا جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. ڪومل ڪيس چيو، ”اِسپتال ۾ وڃي ڊاڪٽر کي ڏيکار.“ گنگا چيو، ”مان نٿي وڃي سگهان.“ گنگا جي اِها يوجنا هئي ته ڪم جي وقت جيڪڏهن اِسپتال ۾ پرتي

”مانيِ ڪاڏيِ اَٿيئي؟“
”ها، ياڪري ۾ ملڪيِ ڪاڏيِ اَٿم.“
رات جو هوءَ هميشه ڪومل کي ۾ هُن جي پٽيءَ کي کير گرم ڪري ڏينديِ هئي. اُن رات هوءَ آرام سان پلنگ تي ليٽيِ پيئي. هن جي ٻنهيِ ڪراين ۾ سلور چوڙيون هيون. ڪومل کير گرم ڪيو. ٻنهيِ کير پيتو ۽ بيڊروم ۾ وڃيِ سمهيِ پيا.
ٻئي ڏينهن ساڍي ڇهين بجي ڪومل چانه ناهيِ. گنگا ننڊ مان اُٿي. جڏهن ڪومل چانه ڪوپ ۾ ٽي اوتيِ ته گنگا واڪو ڪيو، ”ميري چاي نهين ڊالنا.“ ڪومل ڪيس ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو. کير وارو کير ڏئيِ ويو. جڏهن گنگا کير گرم ڪرڻ لاءِ کير جي ٽيلهيِ ڪنئيِ ته ڪومل ڪيس چيو، ”دوڌ گرم ڪرني کي ليئي بائي هئہ.“ ڪومل کير فرج ۾ ڪري رکيو. گنگا گلاس ڏوئڻ لاءِ ٽي ڪنيا ته ڪومل ڪيس منع ڪئيِ، ”باسڻ ملڻ واري مائيِ آهي.“ گنگا نيرن ڪونہ ڪندي هئيِ. رات جو ڦلڪا بچيل هئا. فرج ۾ مصالحو پيسيل پيو هو. ڪومل سيهيل مانيِ ناهيِ.
گنگا ڪٽان جو ڪٽي ڳالهائڻ لڳيِ. مان گنوار آهيان. ڊاڪٽر کي مون توهانجو نالو ڪونہ ٻڌايو. مان آهستي آهستي ڪم ڪنديس. ڪومل جي دل جواب ڏنو، ’گهر گندو ڪندس، فرش نہ اُگهندس، باسڻ بنا ملڻ جي ڌوئيِ رکندس.‘ گنگا پوءِ ڪومل سان جهڳڙو ڪرڻ لڳيِ. ”منهنجيِ ماءُ کي ڇو ٻڌايئہ ته منهنجو وڏو آپريشن ٿيڻو آهي. مونکي اسپتال ۾ ڦٽو ڪيئہ ۽ منهنجو ڏيان نہ ڪيئہ.“
ڪومل ڪيس جواب ڏنو، ”سيپيئيِ مائٽ ته تنهنجيِ چاڪريءَ ۾ هئا. آپريشن جي لاءِ هڪ هزار رپيا تنهنجيِ ڌيءَ کي ڏنم، مونکي رومال چنڊي ڏيکاري چيئہ ته تو وٽ پئسا ڪونهن. جڏهن تنهنجيِ خاني ۾ ٽي هزار روپيا موجود هئا.“ گنگا هميشه پنهنجن رپين جو ويسپون پرينديِ هئيِ ۽ ايمرجنسيءَ

ڪومل پنهنجي پيءُ کي وٺي اِسپتال ۾ ويئي. هن جي سامهون ساهيڙي، ڀاءُ ڀاڄائي، ڏيءُ ناني وينا هئا. گنگا جو سپنو ساڪار ٿيو. هوءَ آرام سان بستري تي ليٽي پيئي هئي. سڀ هن کان حال پُڇڻ ويا هئا. ڪيس اسپتال ۾ ۱۵ ڏينهن ٿيا هئا. مينا گنگا کي چيو، ”ممي، تنهنجو حال پُڇيو آهي.تون ڪيئن آهين؟“ گنگا ايمان وچان چيو، ”ها، منهنجي طبيعت جي ان ڪري پُڇا ڪئي ٿي وڃي جئن مان بيهي سگهان ۽ تنهنجي پيءُ جي شيوا ڪري سگهان.“ مينا سيني جي سامهون غم کائي ويئي. هن کي بيحد غصو آيو، ’ڇا اِنسان، اِنسانيت جي ناتي ڪنهنجو حال نه پُڇندو آهي ڇا؟ گنگا ڪومل جي مفت ۾ شيوا ٿورئي تي ڪئي؟

هڪ هفتي کانپوءِ گنگا پنهنجي ڏيءَ ۽ ساهيڙيءَ جي هٿان نياپو موڪليو، ”مان تو وٽ هلڪو ڪم ڪنديس. تو وٽ ويسٽرن ٽائليٽ آهي.“ ڪومل خود بيمار هئي. هن کي گنگا مائيءَ جي شيوا ڪرڻ جو ڪو اِرادو ڪونه هو. هن کيس چوارائي موڪليو، ”يوٽيرس جو آپريشن وڏو آهي. مان ٺيڪ ڪونه آهيان. مان تنهنجي شيوا ٿورئي ڪري سگهنديس.“ تڏهن هُن جي ساهيڙيءَ سشيلا جواب ڏنو، ”مان مدد ڪرڻ لاءِ ايندس.“

ڪومل اِنڪار ڪيو. هن سوچيو ته پنهنجي سوارٿ وقت هن کي پنهنجي ساهيڙي ياد آئي ته هوءَ کيس اِچي مدد ڪندي. ڏهه ڏينهن گهوٽ وڃڻ وقت هن کي پنهنجي ڏيءَ منگل يا سشيلا کي موڪلڻ جو ڪو ويچار ڪونه آيو. ڪومل جي من ۾ گنگا لاءِ پيار عدم موجود ٿي ويو. ڪومل ٽي مايون رکيون هيون، جن جي مدد سان هن گهر جو گاڏو ٿي هلايو. هن دنيا ۾ سُٺي مائي ملڻ نصيب جي ڳالهه آهي.

ٽن ڏينهن کانپوءِ گنگا رات جو ڏهين بجي وارد ٿي. ڪومل پنهنجي گهوٽ سان گڏ ماني کائي رهي هئي. ڪومل حيرانيءَ وچان هن کان سوال پُڇيو، ”رات جو ڪيئن آئينءَ؟“

”مونکي هيٺ ڇڏي ويا.“

هئي. ڪومل ڀاڄيءَ جي ٻش ۽ ڦلڪن جو ڏبو کنيو. ڪومل پنهنجي پٽيءَ منوج سان گڏ ماني کاڌي. اُن وقت گنگا بستري تان اُٿي. ڪومل ماني کائي ڪاڌو ڊائننگ ٽيبل تي رکيو. ڪومل کي الائي ڇا ٿيو جو هن ڪيس ماني کائڻ لاءِ نه چيو. هڪ ڏينهن اڳ ۾ بيضا اوٻاريائين. ڪومل ڪيس منع ڪونه ڪئي پر ٻئي ڏينهن هن زبان سان ڪيس ماني کائڻ لاءِ نه ڪوٺيو. هميشه هوءَ پاڻيهي ماني ڪڍندي هئي. ڪومل جو ڪو ڏوهه ڪونه هو پوءِ به هن کي گناهه جو احساس ٿيو.

ٻئي ڏينهن گنگا باسٺن واري مائيءَ کي گاريون ڏنيون. توکي وڃڻو پوندو. تون رهين ٿي يا مان؟ مان توهانکي ڏيکاري رهنديس. تاڙي هڪ هٿ سان نه وڄندي آهي. کهڙيون رانڊ ۽ چنال چغليون ٿيون هڻن ۽ مائي هتي وٺي ٿيون ڏين. باسڻن واري مائي ۽ ڪومل هن جو ڪروڌي روپ ڏسي ڏڪڻ لڳيون. باسڻن واري مائي بنا ڪم ڪرڻ جي هلي ويئي. هيٺ اچي زور سان واڪا ڪرڻ لڳي. مونکي ۲۵ هزار ڪپڻ. مونکي هينئر به هزار رپيا ائڊوانس ۾ پگهار کپي. ڪومل جي گهوٽ کان ۱۸۰۰ رپيا وٺي ڪيس چيائين مان چنچواڊ تي وڃان. منجهند جو هڪ بجي واپس آئي. ڪومل ڏڪي ويئي. هن بيڊروم جو دروازو بند ڪيو. ڪومل جو گهوٽ ٻاهرئين روم ۾ هو. هن کي چيائين، ”تاڙي ٻن هٿن سان وڄندي آهي. منهنجو لاش هتان نڪرندو.“ ڪجهه وقت ويهي هن کي چيائين، ”مان چنچواڊ تي وڃان.“

ڪومل ڏٺو ته گنگا رستي تان روئندي ويئي. زور سان چوڻ لڳي، ”مونکي ڪاڏي لاءِ نه پڇيائون.“ ڪومل سوچيو - برابر، هن کان غلطي ٿي ويئي. الائي ڪيئن هوءَ به ظالم ٿي ويئي ۽ هن جي من تي گنگا جي روئڻ جو اثر نه ٿيو. ڪومل ڏڪي اُٿي. هوءَ نيچ ذات جي آهي. پئسي جي بُکي آهي. هن کي ڪيرائڻ لاءِ آئي آهي. هُن گهر ۾ راڄ ڪري ڏٺو آهي. هاڻي هوءَ هتان ڪونه ويندي.

۾ ڏيءُ نائي، ماءُ لاءِ ڪومل ڪان وٺندي هئي، جئن ڪومل کي پئسا واپس ولڻ وسري وڃن.

ڪومل هيٺ ساهيڙيءَ وٽ ويئي. پنيان باسڻ واري مائيءَ کان پڇيائين، ”ڪڏهن ڪم تي لڳي آهين؟“ پوءِ گنگا ڪومل جي ڏنل چمپل مائيءَ کي ڏني، جيئن هوءَ خوش ٿي وڃي. ڪاڏو رڌڻ واري مائي آئي، جنهن ڪدوءَ جي ڀاڄي ٺاهي. گنگا ڪومل کي ڏيکاريو، ”تيل تري پيو.“ ڪومل چيو، ”تيل ڪڍي ڇڏ.“ گنگا نيرن نہ ڪندي هئي، چوندي هئي - جهڪي ڪم ڪرڻ نہ ٿو ٿئي. يارهين بجي ڪومل کان پڇندي هئي، ”مان ڇا کان؟“ ڪومل وراڻي ڏيندي هئي، ”جيڪا نيرن اسين اُپما، پوها، پٽ ڪائون ٿا، تون اُها پنهنجي لاءِ رک.“

”مونکي اُها نيرن نٿي وڻي.“

ڪومل گنگا جي ڳالهہ کي نظرانداز ڪندي هئي. دل ۾ سوچيندي هئي، ’گنگا مهاراڻيءَ لاءِ تہ هن کي نيرن تيار ڪري ڏيڻ گهرجي.‘ ڪومل جي غيرحاضريءَ ۾ مهمانن وارو چيوڙو، بسڪيٽ ۽ ميوو لڪائي ڪائيندي هئي.

منجهند جو هن بيضا اوباري ڪاڌا. نوين ڪومل کي چڱيءَ طرح ٻڌايو. توکي ڪم تي رکڻو ڪونهي. ٽن مهنن جي پگهار ولي وڃ. تون هروقت ڳوٺ ۾ هلي ٿي وڃين. گنگا وات ڦاڙي بيشرميءَ وچان ويهن هزارن جي گهُر ڪئي. ڪومل جي من ۾ گنگا لاءِ نفرت جاڳي.

ڪومل ٻئي ڏينهن گنگا طرف ڌيان نہ ڏنو. هُن رنو. مائيءَ کي چيائين، ”مونکي مانيءَ لاءِ ڪونہ پڇيائين.“ ڪومل غصي مان چيو، ”مان ڪاڏو ٽجوڙيءَ ۾ ڪونہ رکندي آهيان.“ گنگا چيو، ”مون ڪچيٽيءَ ۾ ڳاڙهن مرچن جي چٽني وڌي ڪاڌي.“ ڪومل جواب ڏنو، ”مون توکي منع ڪئي ڇا؟“

شام جو مٿان وجهڻ لاءِ هڪ صاف سُٺري چادر ٿي لاٿائين. ڪومل ڪيس منع ڪئي. ”چادر نہ لاهہ. توکي هتي توروئي رهڻو آهي.“ شام ٿائين گنگا آرام سان پلنگ تي سمهي پيئي

جاڳي ڪيس آئت ڏيندي هئي. پاڻي ۽ چانهه ناهي ڏيندي هئي. انسپيڪٽر کي چيائين، ''هن ڏهن سالن ۾ ويهه هزار جمع ڪيا آهن. هن کي ٻن جڻن جي ڪم تي ٻه هزار مهنو پگهار ملندي آهي. منوج سان چئو، مون سان ڳالهائي.''

انسپيڪٽر چيو، ''منوج جيئن اچي تيئن پوليس چوڪيءَ ۾ ڪيس موڪلجي.''

منوج پنجن ڇهن جڻن کي ٻن ڪارن ۾ وٺي اُتي پهتو.

انسپيڪٽر ڏنو ته هتي دال ڳرڻ واري ڪونهي. اِنڪري منوج کي چيائين، ''ڪجهه پئسا ڏيئي ڪيس رفع دفع ڪر. مان ڪمپلينٽ نٿو لکان. بي.سي. وارن جي ڪارپوريٽر سان ڳالهائي ڇڏ. انسپيڪٽر چيو، ڪم واريون مايون تنگ ڪنديون آهن. مان وچ ۾ نه ٿو اچان.''

ٻئي ڏينهن مهلا مورچا سنگهٺن جي پريزيڊنٽ وچين ماڻهوءَ هٿان چوائي موڪليو، ''مان گنگا جو ڪيس نٿي کڻان.'' منوج نگرسيوڪ سان مليو، جنهن به ڪيس چيو، ''ٿورا پئسا ڏيئي معاملو ختم ڪر.'' منوج ڪيس ٽن مهنن جو پگهار ۽ هڪ مهنو بيماريءَ جي پگهار هڪ هزار دوا درمل جا الڳ ڏنا هئا.

گنگا اِٽ هٽي بيٺي، مان ڏياريءَ ڪانپوءِ ويندس. هن کي ڏياريءَ جو بونس کپندو هو.

سيني وڪيلن منوج کي صلاح ڏني، هن مائيءَ کي ڪنهن به حالت ۾ گهر ۾ نه رکي. اِها مائي ڪوڙا اِلزام هڻڻ ۾ ويرم نه ڪندي.

منوج گنگا کان ڇهن مهنن جي پگهار ۱۲ هزار لکيت ۾ لکائي ورتي ته هينئر منهنجو ڪوبه سنبنڌ ڪونهي.

وڃڻ وقت رعب سان ڪومل کي چيائين، ''مان وڃان؟''

ڪومل ڪيس جواب ڏنو، ''ها.''

گنگا ڪومل کي ڌمڪائي چيو، ''بمبئيءَ ۾ وڃي تنهنجون ڳالهيون ٿي ٻڌايان. منهنجو پيٽويو بئنڪ ۾ آهي.''

چئن پنجن ڏينهن ڪانپوءِ هن جي پيٽويئي ڪومل کي فون

هُئي ڏينهن گنگا جي نانيءَ ڪومل کي فون ڪيو، ”گنگا ڪٿي آهي؟“ ڪومل کيس جواب ڏنو، ”چنچواڊ.“ وري منجهند جو فون آيو، ”گنگا ڪٿي آهي؟“ ڪومل وراڻيو، ”مونکي خبر ڪونهي.“ ڪومل پنهنجي پيءُ کي چيو، ”فون ڪري سيٺس کان پُڇيس ته هوءَ ڪٿي آهي.“ هن پهريون سوال ڪيو، ”گنگا کي ڪم تي رکندا يا نه؟“ ڪومل جي پيءُ جواب ڏنو، ”مونکي خبر ڪونهي. گنگا ويندي وقت چنچواڊ جي باري ۾ ٻڌائي ويئي آهي. هر گهڙيءَ فون ڪري منهنجي پيءُ کي تنگ نه ڪيو.“

ڪومل کي چنتا جاڳي. هن جي ساهيڙيءَ سشيلا وٽ مڪسر ناهڻ جو بهانو ڪري موهن کي موڪليائين. هوءُ ساهيڙيءَ سُشيلا وٽ موجود هئي. ڊپريشن ۾ اچي گنگا پاڻ کي ڪجهه ڪري نه ڇڏي. گنگا کي صحي سلامت ڏسي ڪومل ڇئن جو ساهه کنيو.

رات جو ڪومل کي پوليس چوڪيءَ مان فون آيو، ”منوج آهي؟“

”نه.“

”مان پوليس انسپيڪٽر شندي، پوليس چوڪيءَ مان ڳالهائي رهيو آهيان. توهان وٽ گنگا مائي رهندي هئي، اُن ڪمپلينٽ لکائي آهي. ڪيس پوليس چوڪيءَ ۾ موڪليو. هتي محلا پئنچات جي پريزيڊنٽ ويٺي آهي.“

ڪومل ڏڪي ويئي، پر غصي ۾ انسپيڪٽر کي چيائين، ”منوج جو گناهه ڪهڙو آهي؟“

”توهان هن کي ڪم تي ڇو رکيو.“

”گنگا جو يوٽرس جو آپريشن ٿيو آهي، ڪم تي ڪيئن ايندي؟“

”توهانجي رات ڏينهن سيوا ڪندي آهي.“

ڪومل دل ۾ سوچيو - رات جو ڪهڙي سيوا ڪندي هئي؟ ڪڏهن ڪڏهن رات جو سپنن ۾ ڏڪي اُٿندي هئي ته ڪومل

احساس

دادِي گدواڻِي ڪتابن جي کپت کي حسرت وچان ڏسڻ لڳِي. هوءَ پرنسيپال جي پد تان رٽائرڊ ٿِي هئِي. هوءَ پڙهڻ جي بيحد شونقين هئِي. جيڪي بہ ڪتاب اِسڪول ۾ ايندا هئا، تن ڪتابن جي نظرثاني ڪندي هئِي پوءِ لئبرريءَ ۾ موڪليندي هئِي. هندي، سنڌي، انگريزيءَ جا معيارِي ڪتاب، صوفِي شاعرن جا ڪتاب، هن پنهنجي شخصِي کپت ۾ حفاظت سان رکيا، جيڪي هوءَ ور ور پڙهندي هئِي. هن جو اِهو عقيدو هو تہ تعليم سان واسطہ ماڻهن جو ڪتابن سان ازلِي ناتو هوندو آهي.

دادِي گدواڻِي اِسڪول جي ڪمرن ۾ پيسٽ ڪنٽرول وجهائِي هئِي. اِسٽيل جا نوان کپت ٺهرايا. ڪتابن کي اُڏوهِي نہ کائِي وڃي، اُن جو هوءَ ڌيان رکندِي هئِي. هن هڪ نئون نوٽيس بورڊ لڳارايو جنهن ۾ نوان ڪتاب ۽ اخبارون سليقي سان رکيل هونديون هيون. لئبرريءَ جِي صاف صفائِي مقرر وقت تي ٿيندي هئِي. ڪارڊ شيٽ تي سهڻِي خوشخطيءَ سان وِيچار لکيل هوندا هئا. هن لئبرريءَ جو نالو 'گنگا' رکيو هو. گيان جِي گنگا وهِي ٿِي، سڀ پِرِي پِرِي پيالِيون پيئن. هوءَ لئبرريءَ جو رجسٽر وقت بہ وقت ڏسندِي هئِي. ڪهڙو ماسٽر ڪهڙا ڪتاب ٿو پڙهي، ڪهڙو ماسٽر هاڻوڪي تعليم جي جديد ويچارن کان واقف آهي، اِن جِي کيس خبر هوندي هئِي. ڪيبل ٽِي.وِيءَ جي ڪري سِينِي جو ڪتاب پڙهڻ مان چاهہ نڪرِي ويو آهي: هن اِسڪول جا ڪتاب ساهہ سان سانديا. هن لاءِ پستڪاليہ جي سنڀال وديا ديويءَ جِي آراڌنا هئِي.

دادِي گدواڻِي شام جو نگر جي ماڻهن لاءِ سرشتو جارِي ڪيو. سِينِي ماڻهن کي ڪتاب خريد ڪرڻ جِي حيثيت ڪونهي، اِن ڪري هن اِسڪول ۾ ئِي سماج شيوا جو ڪم شروع ڪرايو.

ڪيو، ”ڇا ٿيو؟ توهانجو ايترو سٺو ناتو هو!“

ڪومل فون تي چيو، ”گنگا کان پُڇو ته وڌيڪ بهتر. هن ٽُڪ اُڇلائي آهي، هاڻي مونکي ڇڏڻ لاءِ چوي ٿي. گنگا جي ڪري پوليس چوڪيءَ ۾ وياسين. ’مهلا مورچا‘ وٺي هتي اسانجو سيني جي سامهون تماشو بڻائي ها. سڀ وڪيل چون ٿا ته گنگا کي ڪنهن به حالت ۾ گهر ۾ نه رکو.“

گنگا جو پيٽويو سمجهو هو. هن وري ڪومل کي فون نه ڪيو.

ڪومل گهر ۾ ڏٺو. چادرون گُم هيون. ڪي شيون هن کي ڏسڻ ۾ نه آيون پر هن اُهي سهسائي ڇڏيون. وري ڪومل هن جي صورت ڏسڻ لاءِ تيار نه هئي.

گنگا جي ڪارِي ڇايا ڪومل جي ذهن تي ڇانيل آهي. هوءَ هن کي وساري نٿي سگهي.

ڪومل بار بار پنهنجي گناه لاءِ ايشور کان معافي ورتي. بيماريءَ جي وقت هن گنگا جو نرادر ڪيو هو، هنکي مانِي ڪونه کارائي، پر ڇالو من پنهنجي ضد تي اٽڪيو رهيو. هن جي هر ڪم کان اِنڪار ڪرڻ، مالڪڻ بڻجڻ جي رعب، بار بار ڳوٺ وڃڻ جي ڌمڪي ڏيڻ، هيسائڻ، پوليس اسٽيشن تي نالو بدنام ڪرائڻ، ڪٿان جو اِنصاف آهي؟

نوڪرياڻي گنگا هن کي چيتنا جي سطح تان ڪيرائيندي ٿي رهي. ڪڏهن ڪومل جي من مان دعا به نڪرندي هئي - جتي هجي شال خوش هجي پر هوءَ هن کي ذهن تان هٽائي نه ٿي سگهي.

> تون حسن آهين،
> تون پيار آهين،
> تون ممتا آهين،
> تون شرڌا آهين،
> تون پوڄا آهين،
> تون پريرڻا آهين.

ڇڏيندي هئي. دادو هن کي سڏ ڪندو هو پر هوءَ نهارڻ لاءِ تيار نہ ٿيندي هئي.

گهر ۾ پڳوان جون تصويرون رکيل هيون. هرڪنهن تصوير کي هٿ لڳائيندي هئي، متو ٽيڪيندي هئي. داديءَ جو 'گرو نانڪ ديو کي جئہ' چوڻ سان هٿ مٿي ڪندي هئي. هو پهريون لفظ 'جئہ' چوڻ سکي پوءِ آما، دادي، مما، پپا، ٽچ Touch چوڻ لڳي. سريتا کي چاڪليٽ ڏاڍو وڻندو هو. پاڙيوارا ڪيس چيڙيندا هئا، دادي گدواڻي ڪيس ڪنڌ سان انڪاري 'نہ' چوڻ سيکاريندي هئي تہ هوءَ بہ پنج ڇهہ دفعا ڪنڌ سان انڪار ڪندي هئي. دادوءَ جو نقل ڪندي 'نہ' چوندي هئي پر آنٽيءَ کان چاڪليٽ ضرور وٺندي هئي. هن کي 'نہ' اکر جي معنيٰ جي خبر ڪونہ هئي.

هڪ دفعي داديءَ سيهيل مانِي پئي کاڌي. هن سريتا کي کائڻ لاءِ نہ ڇيو ڇو جو سيهيل مانيءَ ۾ مرچ هئا. هن هٿ جي اِشاري 'اِهو' اکر چئي کارائڻ لاءِ چيو. گجرن جو سيرو، اِپل شيڪ ڪيس وڻندا هئا. ساڄو هٿ پڪڙي وڏيڪ کارائڻ جو اِشارو ڪندي هئي تہ مونکي اِها شيءِ وٺي ٿي. دادي گدواڻيءَ پاپڙ جي دبي مان پاپڙ ڪڍي سريتا کي کائڻ لاءِ ڏنو. هن پاپڙ وٺي ميز تي رکيو. هوءَ رنڌڻي ۾ ويئي. مٿي پليٽون رکيل هيون اُن تائين هن جو هٿ تہ پهچي نٿي سگهيو، اِن ڪري اسٽيل جو ڪٽورو کنيو ۽ پاپڙ اچي اُن ۾ رکيو. هُن کي اِها ڳالهہ نہ وڻي تہ پاپڙ ڪيس هٿ ۾ ڏنو ويو آهي. ٽي.وي. جو رموٽ ڪنٽرول کڻي چئنل چينج ڪندي هئي. هن جي دادي رموٽ ڪنٽرول لڪائي رکي تہ ٽي.ويءَ جي اڳيان وڃي اُتي جا بٽڻ دبائيندي هئي. ٽي. وي. جي اسڪرين جي سامهون بيهي رهندي هئي. دادي رموٽ ڪنٽرول سان ٽي.وي. بند ڪندي هئي تہ هوءَ بہ واڻڙي ٿي ويندي هئي تہ آواز ڪيئن بند ٿي ويو. هن کي ٽي.وي جي اسڪرين جي سامهون بيهارڻو نہ هو. سريتا مٿي آواز ۾ چوندي هئي،

نگر جي ماڻهن هُن جي اِن ڪم کي بيحد ساراهيو.

دادي ڳدواڻي ڪتابن کان الڳ ٿي رهي هئي جڻ پنهنجو وجود کان جُدائي رهي هئي. هن جي اکين ۾ موتيو بندو هو، جنهن جو هن آپريشن ڪرايو پر اُهو ڪامياب ڪين ٿيو. وقت پرٻل آهي.

دادي ڳدواڻي نااُميديءَ جي انڌيري ۾ غرق ٿي رهي هئي. هن جي دل ۾ وڇوڙي جي ويدنا سمايل هئي. هوءَ هڪ نيڪ اِستري هئي. هن ڪڏهن ڪنهن کان هڪ هڪ منٽ جو حساب ڪين گهريو. هن ڪڏهن ڪنهن ماستر تي هٺلر وانگر ويچار ڪين مڙهيا. هوءَ ماسترن جي راين ۽ عقيدن جو قدر ڪندي هئي. هوءَ شاگردن جي مٿان دٻاءُ ڪين وجهندي هئي. هن جو اِهو وشواس هو ته اِنسان انتهه ڪرڻ جو آواز ٻُڌڻ سان بهترين ڪم ڪندو آهي. هن جي هرڪنهن ڪم ۾ هٻاءُ سمايل هو، ڇو جو هوءَ پريرڻا جو سرچشمو هئي.

ايشور ديالو داتار آهي. هو اِنسان جو هڪ دروازو بند ڪري ٿو ته ٻيو دروازو کولي ٿو. هن جي ٻيڻ جي پُٽ کي 'سرينا' ڪڪي جائي جنهن جي پرورش، مٺڙ مسڪان ۾ هن پنهنجي زندگي صدقي ڪئي. هن جي زندگيءَ ۾ خوشي ڇانئجي ويئي. هوءَ سرينا جي ٻڍي دادي. ننڍڙي سرينا ڳالهائي نه سگهندي هئي پر هن جو اکيون ڳالهائينديون هيون، جن ۾ پريل هو پيار. هوءَ هٿ جو اِشارو ڪري ٻاهر وڃڻ لاءِ چوندي هئي. پنهنجون ننڍڙيون شيون رانديڪا سڃاڻندي هئي. اِسٽيل جي ڊش ۾ چمچو وڄائيندي هئي. هن هٿ جي اِشاري يا اَکين جي اِشاري سان مما، پپا، اَما، دادو ڏيکارڻ شروع ڪيو.

سرينا رات جو مما پپا جي ڪمري ۾ سمهندي هئي. هن کي داديءَ کان الڳ ٿيڻ نه وڻندو هو. هن جون اکيون سوال ڪنديون هيون. ماءُ پيءُ زوريءَ هن کي ڪمري ۾ وٺي ويندا هئا. جڏهن هن کي خبر پيئي ته هن کي مما پپا سان ئي گڏ سمهڻو آهي ته هوءَ پنهنجو منهن ٻئي پاسي ڪري

با پيءُ جي هنج ۾ ڪنهن ٻار کي ڏسندي هئي ته داديءَ کي اُتي وٺي هلندي هئي. ننڍڙن ٻارن کي 'نن نن' چوندي هئي. ٻارن سان هٿ ملائيندي. Flying kiss لاءِ پنهنجو ننڍڙو هٿ وات تي رکندي هئي. 'ٽاٽا' 'باءِ باءِ' ڪندي هئي. هن جو اِهو ويچار هو ته مان گهمڻ وڃان تڏهن 'ٽاٽا' ٿيندي نه ته ٽاٽا ڪرڻ کان ناڪار ڪندي هئي. سرينا نڪ، ڪن، هٿ، جيڀ ڏيکارڻ لڳي. گڏيتي بابا چوندا هئس ته 'موريا' چوندي هئي. ٻڪري ڪيئن ٿي ڪري؟ 'مي'، ٻلي ڪيئن ٿي ڪري، 'ميائو'؛ نن نن ڪيئن ٿو روئي؟ 'اون اون'؛ نن نن ڪيئن ٿو کلي؟ 'ها ها'؛ شينهن ڪيئن ٿو آواز ڪري؟ وڏو آواز ڪري وات ڦاڙي چوندي هئي 'ها'. آنٽي مينا کي سرينا ڏاڍي وڻندي هئي. هوءَ هن کي Action songs سيکاريندي هئي. هوءَ ائڪٽنگ ڪندي هئي. هو دفعي پاڙيسرڻ رينا هن کي گيت چئي پئي ٻڌايو ته هن کي ننڍپڻ کان ئي 'بهترين' جي سجاڳپ هئي. هوءَ مينا آنٽيءَ وٽ ويئي. گود ۾ ويٺي، ڪيس هٿ لوڏائي اِشارو ڪري چيائين 'چل ميري گهوڙي' گيت ٻڌاءِ. پکين کي 'چون چون' يا Bird چوندي هئي. ڪتابن ۾ گڏيتيءَ جي تصوير ڳولهي ڏيکاريندي هئي. ڪتي کي 'ڀو' چوندي هئي. دنيا جي گولي کي به 'بال' چوندي هئي. موسمبي، نارنگي، صوف کي پڻ بال سڏيندي هئي. هڪ دفعو پنهنجي پتا کي ٻاهر پاڻي ڪيرائيندو ڏٺائين، پوءِ روز ضد ڪري چوڻ لڳي، ''مان به پاڻي ڪيرائيندس.'' هرڪا ڳالهه جلد پڪڙي وٺندي هئي. دادي گدواڻي گهر جي ننڍڙي باغيچي کي پائيپ سان پاڻي ڏيندي هئي. هوءَ پائيپ کي پڪڙي پاڻيءَ کي ڪرندو ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيندي هئي. جڏهن نل بند ڪر ته پائيپ ۾ پاڻي نه ايندو هو ته هن جي اکين مان ٽپ ٽپ ڪري ڳوڙها وهندا هئا. هوءَ روئندي هئي ته پاڻي ڇو بند ٿيو؟ دادي گدواڻي هن کي پرچائيندي هئي.

دادي گدواڻي سرينا کي ماتا جي مندر ۾ وٺي ويندي

’ڳانا‘. پاڻيءَ جي هن کي وقت به وقت گهرج ٿيندي هئي. هوءَ پاڻيءَ کي ’مم مم‘ چوندي هئي يا مٺڪي طرف ڏيکي ’مم مم‘ چوندي هئي.

هڪ ڏينهن دادي گدواڻي هن کي بازار ۾ وٺي ويئي. دڪان جي ٻاهران مٺڪو رکيل هو. سرينا داديءَ جي گود مان لهي مٺڪي وٽ بيهي ’مم مم‘ چوڻ لڳي. دادي گدواڻي دڪاندار کان پاڻي گهريو. دڪاندار چوڻ لڳو، ”مان مٺڪي مان خود پاڻي نه پيئندو آهيان. نوڪر صاف نه ڪندا آهن.“ هُن هڪ نوڪر کي ’بسليري‘ آڻڻ لاءِ چيو. پاڻي فرج جو رکيل ٿڌو هو. هن گلاس ۾ پري سرينا کي ڏنو. هوءَ پاڻي پي نه سگهي. پنهنجي ٻوليءَ ۾ لڳاتار ڪجھ چوندي رهي. داديءَ کن پڪڙيا ۽ هميشه سرينا لاءِ واٽربئگ کڻندي هئي.

دادي گدواڻي سرينا کي هر سومر تي مندر وٺي ويندي هئي. هوءَ هر پپوان تي چڙهيل کنڊ پپڙا، ٻوهي مگهه ۽ مصري کڻي کائيندي هئي. هن کي خبر ڪونه هئي ته اهو پپوان جو چاڙهيل ڀوڳ آهي. سرينا جي لاءِ پلنگ تي رلڪو وڇايل هوندو هو. هن جو رلڪو جي سڌو وڇايل نه هوندو هو ته هوءَ روئندي هئي. هن کي گهنجيل چادر بلڪل نه وڻندي هئي. دادي گدواڻيءَ سرينا کي ’واڪر‘ ۾ هلڻ سيکاريو. هن کي ٻه مگهه هلندو ڏسي ڪيس بيحد خوشيءَ جو احساس ٿيندو هو. ڪڏهن هوءَ هلڻ لڳي، نه ٻڌڻ لڳي..... وقت گذري ويو. هڪ دفعو ’دادي دادي‘ چئي پاڻيهي ڏاڪڻ چڙهي ويئي ۽ داديءَ جي ڪمري ۾ پهتي. جڏهن هن کي ٻاهر وٺڻو هوندو هو ته داديءَ جو پير زوريءَ مٿي کڻندي هئي يا هن جو چمپل کڻي ايندي هئي. هوءَ ’اُٺ‘ چوڻ سکي. رات جو به ننڊ مان جاڳندي هئي ته هن کي راند ڪرڻ وڻندي هئي.

سرينا جو ننڍڙن ٻارن ۾ ساهه هوندو هو. رستي تي ماءُ

يا ڪيسي مان چاڪليٽ ڳولهيندي هئي. جيمس جيترا ٻه ملنس، سڀ وات ۾ وجهندي هئي. ڪاڇا سڀ وات ۾ پريندي هئي. ڪنهن کي ڏيڻ لاءِ تيار نه ٿيندي هئي. جيڪا شيءِ نه وڻندي هئس اُها مما ۽ پپا جي وات ۾ زوريءَ وجهندي هئي. دادي گدواڻيءَ کي ڊپ وينو ته هوءَ ڪنهن کي ڪجهه ڏيڻ نه سڪندي پر هن جو اِهو انومان غلط ثابت ٿيو. جڏهن مما پپا جيمس گهرندا هئس ته ڀرين ڪلندي هئي. ٻه ٽي پاڻ کائي پوءِ مما کي ڏيندي هئي.

سرينا ٻارن کي 'بال' راند ڪندو ڏٺو. بس، پوءِ هن جو دائرو بال تائين محدود هو. ننڍو آواز وارو بال، پلئسٽڪ جو ننڍو ۽ وڏو بال، ربڙ جو بال. هن جي خوشي بال جي ارد گرد گهمندي رهي. هڪ دفعو ٻارن جي باغيچي ۾ ويئي. گسڪڻ تي وهڻ سگهي. وڏن ٻارن کي وڏي بال سان باسڪيٽ بال ڪندو ڏنائين پوءِ ضد ڪري بيهي رهي ته مونکي وڏو بال کپي. مونکي وڏن ٻارن سان راند ڪرڻي آهي. دادي گدواڻي کيئن ته مجائي هن کي گهر ۾ وٺي آئي.

سرينا پاڙي جي لاڏلي نينگر هئي. هرڪو ٻار هن کي گود ۾ کڻندو هو. چاڪليٽ، ڦونف گوليون ڏيندو هو. هرڪو ٻار اِسڪول ۾ ويندي يا ايندي هن سان ڀرين گڏجندو هو پوءِ گهر ۾ نيرن کائي شام جو ٻار واپس ايندا هئا. ٻارن جي گوڙ ۾ بال سان راند ڪندي يا سائيڪل هلائڻ ۾ مصروف هوندي هئي. دادي گدواڻي بلڊنگ جي ڏاڪي تي ويهي ٻارن جون ڳالهيون ٻڌندي هئي. هينئر سرينا جو وجود الڳ هو. هوءَ پنهنجي ٻارن جي گئنگ ۾ مشغول هوندي هئي. دادي گدواڻي اڪيلي هئي. سرينا جي مٿان حق ڪين جتائيندي هئي - مون سان گڏ ويهه، سڄو وقت منهنجون ڳالهيون يا آڪاڻيون ٻُڌ..... هينئر سرينا ٻارن جي دنيا ۾ سکين ساٿين سان بيحد خوش آهي. ٻار وڏا ٿين ٿا ۽ الڳ ٿي پنهنجي وجود جي سڃاڻپ ڏين ٿا. دادي گدواڻي پري کان سرينا کي وڌندو

هئي. هن جو ڳول مٽول منهن، شرارتي مشڪ، هلڻ جو انداز بيحد پيارو هو. هوءَ سيني کي بيحد وڻندي هئي. مندر جو پوڄاري ۽ ٽرسٽي هن جي اچڻ جو انتظار ڪندا هئا. هن سان هٿ ملائيندا هئا. هوءَ ٻڪي مندر جي پرڪرما ڪندي هئي. هيٺ ڏاڪي طرف هن جو ڌيان نہ هوندو هو اِن ڪري دادي گدواڻي بہ هن سان گڏ ٻڪندي هئي. سيني کي ٻڌائيندي هئي 'دادي'. هن جي ماءُ پيءُ کي بہ سريتا جي ڪري سڀ سڃاڻندا هئا.

دسهڙي جي ڏڻ تي گهر ۾ دسهڙي گُل آيا. سريتا کي هڻ پٽ هئي. ماءُ پيءُ هن کي مصروف رکڻ لاءِ گُل ڏنو، اُن جون پتيون ٽوڙڻ لڳي. پوءِ جڏهن بہ گُل ڏسندي هئي، پلي اُهي وڻ تي هجن يا گُلدستي ۾ رکيل هجن، گُل کي ٽوڙيندي هئي. داديءَ کي نازڪ گُلن کي ٽوڙڻ جي ڳالهہ بنهہ نہ وڻي. هن جڏهن سريتا کي 'ڦول' چوندي ٻڌو تہ هن ڪنڌ سان ناڪار ڪندي چيو، ''ڦول کو توڙتي نهين، ڦولون کو Flying kiss ڪرتي هئہ. پوءِ گُلن کي ٽوڙڻ بند ڪيائين.

سريتا جي نظر باريڪ بينيءَ واري هئي. هڪ آنٽيءَ هن کي پيپرويٽ ڏيکاري چيو 'فش' (Fish)، سريتا پيپرويٽ طرف نهاري چيو، 'بوٽ' (Boat). آنٽيءَ چتائي ڏٺو تہ برابر اُها ٻيڙي هئي. هن کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو.

ٻار آهي مرضيءَ جو مالڪ. گهر جي آيا، هن کي ڪاڌو ڪارائڻ لاءِ چيڙائيندي چوندي هئي 'تون کاتي هئہ يا مئن کائون؟' پوءِ هڪ ٻہ دفعو سريتا کاڌو. آيا خوشيءَ ۾ پرڄي ويئي تہ مون سريتا کي کاڌو ڪارايو. دادي گدواڻي آيا کي ان نموني کاڌي ڪارائڻ کان منع ڪئي. ٻار جي من ۾ اِهو ويچار وهندو تہ پيو ڪير کائي نہ وڃي، اِن ڪري مان کان. ٻار کي تہ اِن نموني سيکارجي، 'هڪ گره رام کاڌو، هڪ گره سيتا کاڌو، هڪ گره تون کاءُ.'

سريتا کي 'جيمس' ۽ چاڪليٽ بيحد وڻندا هئا. فرج مان

ٿي.

هڪ ڏينهن دادي هن کي تپوبن جي مندر ۾ وٺي ويئي. هن کيس سيني ديوتائن جا نالا پئي سيکاريا. جهوليلال جي مورتيءَ اڳيان بيهي کيس چيو، ”آيو لعل، چئه جهولي لعل ‘جيڪو چوندو جهولي لعل، تنهنجا ٿيندا بيڙا پار‘. سريتا چوڻ لاءِ تيار نه ٿي. پوءِ داديءَ هن کي پڳونتي ناواڻيءَ جو گيت ٽيپ رڪارڊر تي وڄائي ڏيکاريو ته سريتا نچڻ لڳي. پر جڏهن هن جي مما مونا کي اِن ڳالهه جي خبر پيئي ته هوءَ ناراض ٿي ويئي. هن داديءَ کي چيو، ”هن کي سنڌي ٻولي ڇو ٿا سيکاريو؟ هن کي ڌارمڪ ٿوروئي ٻڻائڻو آهي. هرڪنهن ديوتا جي اڳيان مٿو ٽيڪيندي. مان سريتا کي توهان جي گهر، هينئر ڪونه موڪليندس.“

دادي گدواڻيءَ جون اکيون ڦاٽي ويئون. اَڄ جي نئين پيڙهي وڏن جا گُڻ ڪونه ٿي مڃي. ڇڏي ڏيو، پر سنڌي مٺڙي ٻوليءَ کان ون ٿي وڃي.

آخر سنڌي ٻارن جو ڪهڙو آئيندو ٿيندو؟

نيٽن جو نارو

پُٽ ماءُ پيءُ جي نيٽن جو نارو،
ٻڍاپي جي ڪمزوريءَ جو سهارو،
پُٽ خود جي عيش، مستيءَ ۾ مخمور،
پُٽ ماءُ پيءُ جي نيٽن جو نارو.

سسڪندڙ ٻوڙهن فريادن جو نظارو،
الا! ڪيئن ٿيندو ٻيڙن جو گذارو،
پُٽ ماءُ پيءُ جي نيٽن جو نارو،
ٻڍاپي جي ڪمزوريءَ جو سهارو.

ويجهندو ڏسي بيحد خوش آهي.

سرينا ٿوري وڏي ٿي. نرسريءَ ۾ ويئي. آرتوار ڏينهن دادي گدواڻيءَ کي پنهنجي ساهيڙيءَ جي پٽ جي شاديءَ تي وڃڻو هو. هن سرينا کي وٺي وڃڻ جي اجازت هن جي ماءُ پيءُ کان گهري ته هوءَ صبح جو يارهين بجي ويندي ۽ ٻين بجي تائين واپس اچي ويندي. هونئن گهڻو ڪري سرينا هُن وٽ ئي هوندي هئي. داديءَ اڪيلو شاديءَ تي وڃڻ نٿي چاهيو. يارهين بجي جي بس دير سان پهتي ٽيستائين هن سرينا کي نُول وٺي ڏنو. هوءَ رڪشا ڪري پشپا هال ۾ پهتي. اڃا مس پهتي، ٿورن واقفڪارن سان گڏي ته هڪ بجي مونا جو فون آيو، ”اڃا توهين ڪٿي آيو؟ سرينا گهر ۾ نه پهتي آهي.“ داديءَ ڪيس فون تي چيو، ”بس دير سان آئي. رستي تي جلوس جي ڪري رُڪجي ويئي.“ مونا ناراضگيءَ سان چيو، ”ان ڪري ته مان چوندي آهيان ته بيبيءَ کي وٺي نه ويندا ڪريو. هن جي سمهڻ جو ٽائيم آهي.“ دادي بنا رسوئي کائڻ جي رڪشا ڪري واپس گهر آئي. اڌ ڪلاڪ هيڏانهن هوڏانهن ٿئي ته ماءُ کي خراب ٿو لڳي. سرينا جي مٿان صرف هن جو حق آهي. هن جو سرينا سان ڪهڙو رشتو؟ اڪيلي ڪنواري ٻُڍي داديءَ جو سرينا مٿان ڪهڙو حق؟

دادي گهر ۾ سرينا جو خيال رکي پنهنجو ڪاڏو تيار ڪندي هئي. اِڏلي، ڊوسو، پٽاٽي ٽڪي، چيز سئنڊوچ، صابوداڻا وڙا، دال چانور وغيره. جڏهن سرينا کائيندي هئي ته هن کي ترپتيءَ جو احساس ٿيندو هو. هوءَ پنهنجي سچي ممتا سرينا مٿان لٽائيندي هئي.

دادي گدواڻي هن کي گردواري وٺي ويندي هئي. سرينا مٿي تي رومال رکي وجراسن ۾ وهندي هئي. هوءَ داديءَ کي يوگا ڪندو ڏسندي هئي ته خود به يوگا ڪندي هئي. سنسڪرت ۾ پوڄا جا شلوڪ چوندي هئي. دادي گدواڻيءَ کي بيحد خوشي ٿيندي هئي ته مان هن ۾ سُٺا سنسڪار وجهان

سواءِ ناڪام آهن.''

''دنيا ۾ تدبير به ٿيندي آهي.''

''مون ڪهڙي تدبير ۾ وسان گهٽايو آهي؟''

''رشوت.''

''نه مان پنهنجو وويڪ رشوت تي ڪين وڪڻندس.''

''سچائيءَ ۽ غريبيءَ' سان هن دنيا ۾ جي نه سگهنديندءَ.''

''ليڪن مونکي ننڍي هوندي اهو پاڙهيو ويو آهي ته رشوت وٺڻ پاپ آهي. مان جي رشوت ڏيندس ته اهو وويڪ سان، ماتا سان، اُستاد سان ۽ ديش سان وشواس گهات ٿيندو.''

چند نرملا جي سچائي ڏسي هونئن ڪان وڏيڪ مُرڪي پيو ۽ چيائين، ''نرملا، مونکي تو مان اهائي اُميد هئي. اڄ آفيس مان انٽرويو ڏيئي ٿڪجي پئي هوندينءَ. منهنجي سهيلي نند جي آنچل ۾ سمهي پءُ. پنهنجون چنتائون ۽ پريشانيون مونکي ڏي. تيستائين مان تو سوکيون ڪيان.''

نرملا جون پريشان اکڙيون ڏيري ٻوٽجي ويون.

ٻي رات.

چند آسمان ۾ روز جي ڊيوٽيءَ تي پورو چمڪي رهيو هو. چند اڄ به نرملا کي ڳوليو. نرملا اڱڻ ۾ ٻُٽي تي هٿ ڏنل، پنهنجن ويچارن ۾ ڪوهيل هئي ۽ سندس اکڙين مان هڪڙو لڙڪ ڇڄي ڪري پيو.

چند نرملا ڪان حال جاڻڻ لاءِ بيتاب ٿي ويو. پنهنجي ننڍڙي سکيءَ جي اَکڙين ۾ آنسون ڏسي چند پريشان ٿي ويو ۽ پنهنجي چانڊنيءَ جا هٿ ڦهلائي نرملا جي منهن کي مٽي ڪنيائين.

''نرملا.''

نرملا ڪان هڪ سڏڪو نڪري ويو. ''اڄ به توکي آفيسر ڪين چوندو. ڏس نرملا، ائين ڪو همت هاربي آهي. مان به ته زندگيءَ ۾ لڙندو آهيان. پونم جي ڏينهن پورڻ تيج سان چمڪندو آهيان. ڪڏهن سنهڙو ڪڏهن اڌ ته ڪڏهن منو هوندو آهيان ۽ پوءِ اُماس جي ڪاري رات ڦهلجندي آهي.

چنڊ ۽ پريشانيون

”نرملا“

”هون.“

”لڳي ٿو ته تون مونسان رُٺي آهين.“

نرملا ڦڪي مرڪ مرڪي، ”منهنجا چنڊ، تو سان ڪيئن رسندس؟ تو وٽ ته ڪا پيائي ڪينهي. تون اميرن وٽ به ساڳيو مرڪين ٿو ته مون وٽ به ساڳيو مرڪين ٿو.“

”اميرن تي غصو اٿيئي، منهنجي ننڍڙي راڻي؟“

نرملا ڪنڌ لوڏيو.

اها ته پراڻي ڳالهه آهي جو غريب اميرن جي ظلم ۾ پيسجندا رهندا آهن. انيڪ سهڻيون سڪنديون آهن. غريب خون جا ڳوڙها پيئندا آهن. غريبن جي قسمت ۾ صرف پوڄڻ ڪانسواءِ بيو ڪجهه لکيل ڪينهي. چنڊ همدردانه نوع ۾ ڪيس چيو، ”نه صرف ڀارت جا غريب پر سڄي دنيا جا غريب سهندا آهن. تون درد جي راه تي اڪيلي ڪين آهين نرملا.“

”ليڪن مونکي لياقت هوندي به نوڪري ڇو ڪين ٿي ملي؟“

چنڊ نرملا جي معصوم جواب تي مرڪيو ۽ چيائين، ”سفارش جا هٿ لياقت کان ڊگها آهن، منهنجي معصوم راڻي.“

”هيءُ انياءُ آهي. اڻ لائق اُميدوار سفارش جي ڪري چونڊجن ٿا، اها اسان جي ديش جي مستقبل سان هٿ چراند ڪئي وڃي ٿي ۽ لائق ماڻهو ڌڪا کائي مرن ٿا.“

چنڊ آزمودگار انسان وانگر ڪليو. ”قسمت وٽان لائقي نالائقي پلئه پوي ٿي. قسمت جي ڊگهن هٿن ۾ تون مجبور آهين. نرملا قسمت توکي منسڙ جو مائٽ ناهيو ڪينهي.“

”قسمت جي هٿ اسين ائين مجبور جي رهيا آهيون. انسان پنهنجي تدبير سان ڇو ڪين تو پنهنجي قسمت کي بدلائي؟ هي منهنجا به مضبوط هٿ آهن ليڪن سفارش کان

جي زبان کان اھا بہ ھمت ڪسينديون آھن نہ تہ مان چوڻ ٿي چاھيان تہ انسان جو دوست صرف سوارٿ آھي. ھن دنيا ۾ قرباني ۽ تياڳ جي ڪا قيمت ڪينھي. ھن دنيا ۾ صرف سوارٿ وڪامجندو آھي.''

''منھنجي نرملا! ڪجھ ڌيرج ڌر.''

''ھيڊ ڪلارڪ جي ھڪڙي پوسٽ ڪرلوسڪر ڪمپنيءَ ۾ آھي. منھنجي لياقت ۽ سرٽيفڪيٽ منھنجي دوست کان مٿي آھن پر اھا نوڪري پڪ ئي پڪ راج کي ملندي ڇو جو ھُن جو مامو مئنيجنگ ڪاميٽيءَ جو ميمبر آھي ۽ ھو سال اڳ ليوَ وئڪنسيءَ ۾ پڻ چونڊيو ويو ھو.''

چنڊ طنز وچان ڪليو، ''توکي پنھنجي دوست جي ترقيءَ تي حسد ٿي رھيو آھي؟

''چنڊ پليز مونکي غلط نہ سمجھ. مان ڪو دوست جي ترقيءَ جي ارھي ڪين آھيان. جيڪي الائونس منظور ٿيا آھن انھن لئہ مونکي بيحد خوشي آھي. ھُن کي مون کان اڳ نوڪري ملندي. ڪيس مون وانگر در در ڀٽڪڻو نہ پوندو، ان لاءِ مونکي بي انتھا خوشي آھي، ليڪن .....''

''ليڪن ڇا؟''

نرملا ھڪ پل لاءِ خاموش رھي ۽ آھستي آھستي غمگين نوع ۾ چيائين ''پر مونکي ياد ٿو اچي تہ جڏھن مون ڪيس پنھنجي لاءِ مامي کي سفارش ڪرڻ لاءِ چيو ھو تہ ھن مونکي چيو - 'مائٽن کان نوڪري جو گھرڻ اسانجي سؤمان جي خلاف آھي.' تڏھن مان خاموش ھئس. ھينئر منھنجي ۽ راج جي ائپليڪيشن ساڳي پوسٽ لئہ ويئي آھي ۽ ھينئر ھوُ منھنجي سامھون پنھنجي مامي کي سفارش جي ياد ڏيارڻ لاءِ فون ڪندو آھي. پوءِ ڀڌاءِ چنڊ، منھنجي سيني تي نانگ ڪين ليٽجندو؟ مونکي نؤڪريءَ جي بيحد ضرورت آھي. راج کي اڃا بہ سال پڙھڻا آھن، ليڪن ھو ضد ٿو ڪري تہ مان ھئي ڪم ڳڌ ڪندس.''

مان ڪو ڪڏهن گهبرائيندو آهيان؟ زندگي هڪ لڙائيءَ جو ميدان آهي. جيسين تائين سگهه آهي تيسين تائين لڙجي. ايتري ۾ همٿ نه هار ملڙي.''

نرملا آنسون اُگهندي چيو، ''اها ڳالهه ڪونهي. هاڻ ته نه چوندڄڻ جو ڪو غم ٿي نه رهندو آهي. روز روز ساڳيو غم - هاڻ ته هن غم سهڻ جي عادت ٿي ويئي آهي.''

''پوءِ ٻيو ڪهڙو غم اٿيئي؟''

نرملا خاموش رهي.

''ڪنهن پرش سان نينهن لڳي ويو اٿيئي؟''

''نه منهنڄا چنڊ، اسانکي غريبيءَ جي مجبورين مان فرصت نه آهي جو پيار جا سونهري خواب لهي سگهون. اڄ جو پيار ته شاهوڪارن جي پئسي تي وڪامندو آهي ۽ جيڪو اگهه وڌيڪ ڏيندو سو پيار جو حقدار بڻجندو آهي.''

''تو جهڙي نوجوان ڇوڪريءَ کي ٻيو ڪهڙو غم ٿي سگهي ٿو؟''

نرملا خاموش رهي.

''اڄ مونکي ڌاريو ٿي سمجهين؟''

''منهنڄا چنڊ! اڄ منهنجو هن دنيا مان وشواس نڪري ويو آهي. دوستيءَ مان سچائي ۽ پيار عدم پئدا ٿي ويو آهي.''

''دوست دغا ڏنئه؟''

''نه چنڊ، منهنجي دوست دغا ڪين ڏني. مٺي مٺي لفظن دل تي ڇُري وهائي.''

''تنهنجو دوست راڄ!؟''

''ها! اهو ئي همراز.''

''توکي پنهنجي دوست تي فخر هوندو هو. توهان هڪ ٻئي کان پنهنجي دل جا ڀاوَ ڪين لڪايا.''

''ليڪن منهنجي دوست ۽ منهنجي وچ ۾ چانديءَ جي، عزت جي، سوارٿ جي ديوار بڻجي پيئي آهي ۽ مان ان ديوار کي ٽوڙي نٿي سگهان..... ٻڌاءِ چنڊ! مجبوري ۽ غريبي اِنسان

مستقبل جو موت

سامهون چانهه جو گرم ڪوپ رکيل آهي. مان يڪ ٽڪ چانهه ڏانهن نهاريان ٿي. گرم گرم ٻاڦ هوا ۾ ملي گُم ٿي رهي آهي. منهنجي اندر ۾ به گرم جوالا آهي جا ڏيري ڏيري ڳوڙهن وسيلي نڪري اچي ٿي. چانهه ته ٿڌي ٿي ويندي پر اندر جي جوالا ٿڌي ٿي ڪين ٿي سگهي. پنهنجن هٿن سان ڳوڙهن جا نشان مٽائي چانهه واپس رنڌڻي ۾ رکي اچان ٿي انتر جي گرم جوالا اڀري ئي اٿم. وري تن جي گرمي نٿي چاهيان.

جاڻان ٿي ته ناريءَ جي پلڪن تي آنسون رهندا آهن پر بي سبب ته پاڳلن وانگر ڪير ڪونه روئندو آهي. ازحد جذباتي آهيان - مڃان ٿي. ڳالهه ڪي ڪل ۾ اُڏائي، پاڻ ڪي واسطيدار نه ٿي سمجهان ائين به ڪري سگهان ٿي پر من ۾ اهو تلخ سچ ڪنڊي وانگر چُڀي ٿو ۽ سچ جي پوڄارڻ ٿي ان ڪي ڪيئن نظرانداز ڪريان؟

ماءُ جي وڏي ڏيءَ جي ناتي گهر جي خرچ جو حساب منهنجي ذمي آهي. مهانگائيءَ واري زماني ۾ ’آٽيون چاڙهيون ڏٽ ڏهاڙي سومرا‘ وانگر ڪار لڳي پيئي آهي. ڪفايت سان هلڻ بنه ضروري آهي نه ته ڏکئي وقت ٻئي جي اڳيان هٿ ٽنگڻو پوندو ۽ اهو منهنجي سومان جي خلاف آهي. ڪفايت جو ڪم جيتوڻيڪ من پسند نه اٿم. مون لاءِ رپين جي قيمت ڪاغذ وانگر آهي. مونکي هنن رپين لاءِ ڪو چاهه ڪونه آهي. دؤلت تي انسان جو ايمان وڪامندو آهي، ان ڪري دؤلت کي ڌڪاريندي ضرور آهيان پر فرض جي ڪڙين مونکي جڪڙي ڇڏيو آهي.

هي سڀ منهنجي انترآتما جي شانتيءَ ۾ پنگ وجهن ٿيون.

”تون ڪنجوس آهين.“

”اهو تہ دنيا جو دستور آهي تہ هر ڪو پنهنجي پلائي ڀرين چاهيندو.“

”ٺيڪ آهي، ليڪن مون ڪيس چيو، ’هُئي هنڌ تي منهنجي سفارش ڪر ليڪن......“

”ليڪن ڇا؟“

”ليڪن هن کي پنهنجي مامي کي منهنجي سفارش جو ڇوڻ ياد ئي نٿو پوي. منهنجي لاءِ ڇوڻ هن جي سؤمان کي ٺيس رسندي، پنهنجي لاءِ ئي مشڪل سان چيو اٿائين. مونکي صرف هڪڙو ئي تہ ڏک آهي.“

”ڪهڙو؟“

”راڄ مونکي ۽ پاڻ کي الڳ ٿو سمجهي. هنجي ۽ منهنجي وچ ۾ پيار ۽ قربانيءَ جو ڳنڍ ڪينهي پر سوارٿ ۽ اميريءَ جي ديوار آهي.“

”چندر، ڇا دوستيءَ جو اِهو ئي روپ ٿيندو آهي؟ وقت تي پنهنجا بہ منهن موڙي ويندا آهن. زندگيءَ ۾ پيار، سوارٿ، قرباني، تياڳ، وفائي ڪيڏانهن مري ويا آهن؟ منهنجا چندر، ڀلاءِ تہ زندگي ايتري ڪنور ڇو آهي؟“

چندر چيو، ”زندگيءَ ۾ سڀ ڪنور ڪينهن نرملا. ڪن جي سٺائيءَ تي هيءَ دنيا زنده آهي. مان ڪو ڪنور آهيان؟ هينئر زندگيءَ جي ڪلورتا مونکي ڏي ۽ مان توکي سيتلتا ٿو ڏيان. هاڻ سمهي پئہ، منهنجي پريشان راڻي.“

ايترو چئي چندر پنهنجي سهيلي هوا کي موڪليو ۽ هوائن لولي ڏيئي نرملا کي سمهاري ڇڏيو.

روپ انڌيري کي هٽائي رهيو آهي.

روي !.....

جاڻان ٿي روي؏ جو مون سان ازحد پيار آهي ۽ اُن پيار جي ناتي هو ڏيتي ليتي وٺڻ کان انڪار نہ ڪري پر سندس مائٽن کي ڪير سمجهائيندو؟

نہ لکہ..... نہ لکہ..... نہ لکہ.....!

هينئر ئي هو ٻن لکن جا سپنا ڏسي رهيا آهن..... هوُ ڏاڍا لالچي آهن..... هو ڪڏهن بہ مونکي قبول نہ ڪندا..... سندن خوبصورت لکن جي آشائن جي محل کي مان ڪيئن ڍاهيان؟ جي روي؏ جي زوردار تقاضا سان جهڳڙو ڪري شادي بہ ٿي تہ ڇا لڳندو تہ شادي نہ پر ڪوئي مري ويو آهي..... سندس ماءُ پيءُ جي خوشي ڪين هوندي ۽ منهنجي زندگي؏ جي بهترين خوشي بہ سرد ٿي ويندي. هو ڪڏهن بہ مونکي پيار نہ ڪري سگهندا. دائما هڪ ڪنڊو ئي انهن کي چڀندي رهنديس. سندن نظرن ۾ نفرت جا تير هر گهڙي؏ منهنجي من کي ڏڪوئيندا رهندا.

مان ڪنهن کي بہ ڏکوئڻ نٿي چاهيان، پوءِ هرڪوئي مونکي ڇو ٿو ڏڪوئي؟

اهائي تہ منهنجي هڪ حسرت آهي تہ مان روي؏ کي بنا ڏيتي ليتي؏ جي پايان.

جاڻان ٿي تہ اهو ممڪن ڪونهي پوءِ منهنجو جيئڻ ئي ڇو ممڪن آهي؟

روي..... ٻڌاءِ روي، مان ڇا ڪريان؟ ڪيڏو نہ انڌيرو گهرو ٿيندو ٿو وڃي ۽ مونکي انڌيرو پاڻ ۾ سمائي رهيو آهي ۽ مان بيوس ٿي ان انڌيري جي آغوش ۾ سمائجي رهي آهيان. هينئر مان چاهيان ٿي تہ تون روشن تروري جيان اچي منهنجي پر ۾ ويهي منهنجون اکيون چُمي چوين، 'هنن سونهري اکڙين جو زهر جيڪر پي وڃان.'

منهنجو حال (Present) بي حال آهي، ماضي؏ کي پوئتي

”منهنجا ڪپڙا ڦاٽي ويا آهن. جلدي مونکي وني ڏي.“

”مهني ۾ اسانکي تون هڪ پڪچر تي ڏيکارين. ٻيءَ لاءِ اسين ٻٽي مارينداسين.“

ٻڌو اٽڪڻو ڪري سهندي آهيان پر اڄ هنن سڻُنِ مونکي روئڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي. روئڻ ضرور گهرجي نه ته مانسڪ توازن رکڻ ناممڪن ٿيو پوي.

نندي ياءُ چيو، ”تون اسان کي روز فروٽ نٽي وٺِي ڏين. خبر آهي تون ڇو پيئي پئسا ميڙين. تون پنهنجي ڏاجي لاءِ پيئي پئسا جمع ڪرين، جئن جلد پئسا جمع ٿين ۽ تون گهوٽ جي گهر وڃين.“

منهنجا ڪن وڏيڪ ٻڌي ڪين سگهيا. مان يڪدم تيزيءَ سان اُٿي ٻئي ڪمري ۾ وڃان ٿي. من جي ساگر جو ٻنڌ ٽٽي پيو. روئِي چيم، ”مان هن گهر مان نئون پئسو به ڏاجي لاءِ نه وٺنديس. تون مونکي ايترو نيچ نه سمجهه. هن گهر مان ڏيتي ليتيءَ سان منهنجِي شادي منظور ڪئِي ويئِي ته منهنجِي نه پر منهنجي لاش جِي شادي ٿيندي.“

مان هنن ٿِي ويچارن شونيه ڏانهن گهوري رهِي هئس. اڄ جِي شام ڪيڏي نه اُداس آهي. ڪمري ۾ انڌيرو ڦهلجي رهيو آهي. منهنجِي زندگيءَ ۾ به اهڙو انڌيرو آهي. مان مائٽن کي پيڙي ڏيتي ليتيءَ جو سئچ ٻاري پنهنجِي زندگيءَ کي روشن ڪرڻ نٽي چاهيان. مونکي انڌيرو ٿِي پسند آهي.

جوان دل جي حسرتن کي گل جي پتن جيان ٽوڙي، ڦٽي ڪري رهِي آهيان. نه..... تون ڪڏهن به دلهن نه ٻڻجنديئنءَ. ڪڏهن به تنهنجي گلي ۾ ٻانهن جو هار نه پوندو..... لنبيون ڪاريون راتيون تنهائيءَ ۾ پاسا ورائيندي يا ڪتاب پڙهندي گذرنديون. ڪنهن جي پيار پرئي سڏ لاءِ عمر پر سڪنديئنءَ..... هڪ ڊيل سڏڪو نڪري ويو.

مستقبل ۾ اُماس وانگر ڪارو انڌيرو ڦهلجي رهيو آهي پر اهڙِي نااُميديءَ جي گهور گهٽائن جي وچم رويءَ جو روشن

ڏکي آئِي آهيان ۽ مستقبل منهنجو انڌيري ۾ ڌڪيل آهي.

مان چاهيان ٿي ته مستقبل طرف نه وڃان. اهو مستقبل جيڪو مونکي پيڙا ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه ڏيندو ان ڪري منهنجا روي، تون ئي هڪڙو ڪم ڪر. منهنجي مستقبل کي موت جي آغوش ۾ سمهاري ڇڏ.

ڪر معاف!

اَمي!
منهنجِي جيجل!
تنهنجِي ڌيءَ،
تنهنجو هڪ حصو،
آنءُ
گهڻ چور!
تنهنجي عنايت سان
ترقيءَ جي راهه تي وڌيل
توکي
سمجهي نه سگهيس
معاف ڪر!
ساهرن کي
پيڪي گهر ايندو ڏسِي،
اِهو احساس
تون اڳتي وڌُ
منهنجي ساهرن جي
ڪر مرحبا!
مان اُتساهي
تون ماٺ!
مان وائڙي
تون
باٿروم صاف ڪرڻ ۾ محو!
مون واڪو ڪيو
اَمي!
تو ڪجهه نه ڪڇيو
ٽن منٽن ڪانپوءِ
ٻاهر نڪتينءَ
مان اَٽڪاڻ
تنهنجِي طبيعت
ناساز
تو اُلٽِي صاف ڪئِي
۽
منهنجِي غلطفهمِي
تون
منهنجي ساهرن جو
مان رکڻ نٿِي چاهيان.
منهنجو گناهه
ڪر معاف!

واقفيت



نالو : شريمتي ڪوِينا ٿهلياڻي

جنم : ٢ اَپريل ١٩٥٠ع (پونا)

تعليم : ايم.اي.، بي.ايڊ.

نوڪري : جئه هند جونيئر ڪاليج.
٣٣ سال سنڌي وشيه جي ماسترياڻي.

تعليمي سرگرميون : پُٽي يونيورسٽيءَ ۾ بورڊ آف اِسٽڊيز ۾ سنڌي وشيه جي چيئرمن.

مهاراشٽرا اِسٽيٽ بورڊ آف سيڪنڊري ائنڊ هائر سيڪنڊري ائڊيوڪيشن پُٽي جي سنڌي وشيه ۾ بورڊ آف اسٽڊيز جي ميمبر.

'ٻال ڀارتي' ۾ سنڌي وشيه ۾ ايپياس منڊل جي ميمبر.

سڀيتڪ سرگرميون : سنڌي ناٽڪ ۽ نرتيه اِسٽيج تي آئٽَمَ.

ساهتڪ سرگرميون : جُدا جُدا مخزنن ۾ ليک، ڪوتائون ۽ ڪهاڻيون شايع ٿيل.